سنت مالا

١٦٨١-١٦٨٦

پگتان کي چال نِرالي



دادا جشن واسواڻي

١٠ رپيا

پيگتان ڪِي چال نرالِي

وشيہ سوُچي

سمرپن

گرديو

جي ڪمل قدمن ۾!

واسواڻي

پرستاونا

جيئن جنماشتمي نزديڪ پيئي اَچي، تيئن اَسان مان
ڪن جا ويچار شريِ ڪرشن ۽ شريِ ڪرشن جي ڀڳتن ڏي وڃِي
هيا آهن.

شريِ ڪرشن ڪيرُ هو؟ هڪ پُراڻي پُستڪ ۾ هيِ اَکر
يل آهن: ”ڪرشن ڀڳوان سوُيم“. ڪرشن پاڻ ڀڳوان هو، جو
رتويءَ ۽ اِنسان ذات جي رکيا واسطي اِنساني چولو پهري هِت
يو ۽ اَچي پنهنجون لِيلائون ڪيائين.

هِن ننڍڙي پُستڪ ۾ ڪِن ڪرشن ڀڳتن جو ذڪر ڪيل
هي. هڪُ هڪُ ڪرشن ڀڳت ڪيڏو نہ نماڻو ٿئي ٿو. نئڙت جي
وُرت ٿئي ٿو.

هڪ موقعي تي گرديو ساڌوُ واسواڻيِ اَسان سان را"ا جو
ڪر ڪيو ۽ ٻڌايائين تہ ڪِئن هڪ ڏينهن راڌا کي مغروُريِ
ٻڙهي وڃي ٿِي. شريِ ڪرشن سُڌاما کي راڌا وٽ موڪلي ٿو
ن پيغام سان تہ ”شريِ ڪرشن موتين جو وڻ پوکڻ چاهي
و. اُن لاءِ هُن کي هڪ موتيءَ جي ضروُرت آهي راڌا جو هِڪُ
وتي ڪيس ڪپي.“ راڌا اَيمان سان پريل آهي. اِن ڪري سُڌاما
ي چوي ٿِي تہ موتين جا ٻہ ڪي وڻ تِيندا آهن؟ وڃِي ڪرشن

Editor : Shri A.M. Vaswani (Phone: 40064447)
Published by: Sadhu Vaswani Mission
Owned by: Sadhu Vaswani Mission
at 10, Sadhu Vaswani Path, Pune - 411 001
Typeset & Printed By S. P. Shahani at
WAHGURU ENTERPRISES
B-9, Parmar Trade Centre, Sadhu Vaswani Chowk, Pune -1. ✆ : 26050755

ٻچتان کي چال نرالي

انگر موتي پوکي ٿو. مٿان مِٽي وجهي ٿو ۽ اُت پاڻي ڏئي ٿو.

ماتا يشودا سڀ ڏسي ٿي ۽ چوي ٿي: ”منهنجا ٻالڪا!
ـي تو ڇا ڪيو؟ موتي زمين ۾ پوُري ڇڏيئه. پنهنجي ماتا
ـان اِئين چرچو ڪبو آهي ڇا؟“

شرِي ڪرشن ماتا جا اَکر ٻُڌي ٿو. جواب ۾ ڪُجهہ چوي
ـڪِين ٿو. رُڳو پيو مُشڪي.

هينئر ڪرشن بنسري ڪڍي ٿو ۽ ٻن سريءَ مان عجيب
ـراڳ ڪڍي ٿو. هن راڳ جي اَثر هيٺ عجب ٿئي ٿو. موتي
ـٽي ٿو ۽ موتيءَ منجهان ٻوُٽو نڪري ٿو. شرِي ڪرشن بنسرِي
ـينو وَڄائي، ٻوُٽو وڌي ٿو. ٻوُٽي مان وڻ پيدا ٿئي ٿو. موتي
ـيدا ٿين ٿا. هِڪُ هِڪُ موتي عجيب جوت ۾ پيو چمڪي!

شري ڪرشن خوش آهي مشڪي ٿو. ماتا کي چوي
ـو: اَمين! هاڻ وٺ پنهنجو موتي. تنهن سان گڏُ ٻيا بہ ڪيترا
ـوتي مان توکي ڏيان ٿو. توُن موتين جو هارُ ناهي پنهنجي
ـڇيءَ ۾ پاءِ. تنهنجي ڳچي اَڇي سوُنهندي.“

شرِي ڪرشن پاڻ بہ موتين جا هار ناهي ڳائين کي
ـائي ٿو. گوپيون هي کيل ڏسن ٿيون. عجب ۾ پون ٿيون.
ـڪ گوپي وچِي راڌا کي ٻڌائي ٿي: ”شرِي ڪرشن بنسريءَ
ـجي راڳ ڏُواران موتين جو وڻ ٻڻايو آهي.“

راڌا عجب ۾ پئجي چوي ٿي: ”سُپنن جون ڳالهيون
ـي ڪرين ڇا؟ يان مونسان چرچو ڪرين ٿي ڇا؟“

ڪي چئُہ تہ موتيِ ڪي گُلن وانگر سَستا ملندا آهن ڇا؟ مُنهنجا موتيِ مهانگا آهن. مان پنهنجو ڪوبہ موتيِ نٿي ڏيئيِ سگهان. سُڏاما موتيِ اَچي ٿو ۽ شريِ ڪرشن کي سڀُ ڪُڇ ٻڌائي ٿو. اَسان مان هڪ هڪ جيِ دِل هِڪُ موتيِ آهي. پريوُ دِل دِل جي موتيءَ جي تلاش ۾ آهي ۽ جڏهن اَسان جوُن دِليون پريوءَ جي پيار جيِ پُڪار نہ ٿيون اونائيِن، تڏهن ڪيس ڪيڏو نہ ڏُکہ ٿئي ٿو.

شريِ ڪرشن اُن ڏينهن ڪان وٺيِ ماٺ ۾ رهي ٿو. ڳالهائي نہ ٿو. ماتا ڪانئُس پُڇي ٿيِ: ”شيام پيارا، تُنهنجي دل تي ڪو بارُ آهي ڇا؟ توُن اَصل ڳالهائيِن ڪين ٿو. مونکي ٻڌاءِ توکي ڇا کپي؟ مان توکي ڏيان!

شريِ ڪرشن چوي ٿو: ”اَمين مان مونکي هِڪَ موتيءَ جيِ گهرج آهي. مان اُن موتيءَ کي پوکيِندس. اُن موتين جا وڻ نڪرندا ۽ توکي هڪ موتيءَ جي بدران ڪيترائيِ موتيِ ڏيندس.“

ماتا ڪيس چوي ٿيِ: ”مُنهنجا پيارا، مان سمجهيِ نہ ٿيِ سگهان تہ موتيُن جا وڻ ڪئن اُپرندا؟ پر وڏيِ ڳالهہ ڪونہ آهي، مان توکي خوشيءَ سان پنهنجو موتيِ ڏيان ٿيِ. توُن اُهو موتيِ جئن چاهين تيئن ڪر. پر توُن پاڻ کي ڏُکي نہ ڪر. مان چاهيان ٿيِ تہ تون هميشه خوش هُجين.“

شريِ ڪرشن مشڪي ٿو. زمين کوٽي ٿو ۽ اُن ۾ ٻِج

پڳتان ڪيِ چال نرالي

پڇتاءُ ڪري ٿي. سندس دل ۾ تبديليِ اَچي ٿي.
اٽي ٿي پوي ٿي ۽ رشيءَ کي چوي ٿي: ”گروُجيِ! توهان
ي ڳالھہ سچي آهي. مُنهنجيِ دل ۾ مغروُري هُئي. هينئر
ن پڇتاءُ ڪيو آهي ۽ منهنجيِ دل نماڻي ٿي آهي. پياس
م تہ اِن موتين جي وڻ جو مان بہ درشن ڪريان!“ راڌا
ڙها ڳاڙي ٿي. روئي ٿي. ڪرشن کي ڳولي ٿي. پڪاري ٿي:

دل درد مان پيئي پُڪاريان،
آلين اکين سين پيئي نهاريان!
مونکي ڏي تون معافيِ!
اَهنڪار اَندر ۾، ڪيِن جاتم،
اوُنده ۾ پيارا، ڪين سڃاتم!
مونکي ڏي تون معافيِ!
پري توکان پريتم، پڌڪيس گهڻو،
مونکي ڏي توُن محبوُب، ڪرپا جو ڪڻو!
مونکي ڏي تون معافيِ!
نہ ڏسُ ڏوه مُنهنجا، رحميِ توُن آهين،
وريِ ڪر قبوُل، سڄڻ منهنجا سائين!
مونکي ڏي تون معافيِ!
پڇتاوَ ۾ وينيِ ڳوڙها مان ڳاڙيان،
پيارا، پيارا، پَل پَل پُڪاريان!
مونکي ڏي تون معافيِ!

ساهيڙي چوي ٿي: ”جيڪي چوان ٿي، سو سورهان ئي آنا سچ آهي. توُن مونسان هَلُ ته توکي ڏيکاريان.“

راڌا اَجا مغرور آهي. چوي ٿي: ”مونکي هنن اَجاين سڄاين ڳالهين ۾ اَعتبار ڪين ٿو اَچي. موتين جا وڻ! اِها به ڪا ڳالهه ٿي سگهي ٿي؟ توهين گوپيون ڇريون آهيو ۽ شيام سندر جي پنيان پيئون ڦِرو. هوُ هوشيار آهي ۽ توهان کي سوَلائيِءَ سان ڀنيلائي ٿو.“

راڌا جي دِل ۾ اُٿ تڪ ٿي ٿئي. چوي ٿي، رات ٿئي ته رات جي اوُنده ۾ مان وڃي ڏِسنديس. جيڪي گوپيءَ چيو، اُن ۾ سچ آهي يان نه.

راڌا اَچي ٿي. هيڏانهن هوڏانهن پيئي نهاري. پيئي چوي، موتين جو وڻ ڪٿي آهي؟ مونکي ته ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اَچي.

ڀرسان وڻ جي هيٺان هِڪُ رشي وينو آهي. اُن رشيءَ کي چوي ٿي: ”گروُجي، ڪي چون ٿا ته شري ڪرشن موتين جو وڻ پوکيو آهي. مونکي ته اَهڙو ڪو وڻ ڏسڻ ڪين ٿو اَچي.“

رشي راڌا کي چوي ٿو: ”جنهن جي دِل اَندر مغروُري آهي، اُها پوُريءَ طرح ڏِسي ڪونه سگهندي. اَهنڪار آهي اوُنده. اَکين تي پٽي چاڙهي ٿو ڇڏي ۽ اِنسان پوُرو ڏِسي نه ٿو سگهي.“

راڌا جي دِل ۾ اِهي اَکر تير وانگر ُکهڙي وڃن ٿا. پاڻ کي چوي ٿي: بيشڪ، مان اَهنڪار جي اَثر هيٺ آهيان.

(۱)

مون گهر ڪڏهن تون اِيندين، شيام!

اَڄوڪو ڏينهن پوتر ڏينهن، مهاپوتر ڏينهن، شري
نماشٽميءَ جو ڏينهن، سال بسال پاڻ سان ڪيڏي نہ آسيس کڻي
ي ٿو! شل اِها آسيس اَسان سڀن تي اَچي، سڄي وِشو تي اَچي!
جنماشٽميءَ جي پوتر، مهاپوتر ڏينهن، سال بسال اَسين
نا ٿيون ٿا، بجليون ٻاريون ٿا، گيت ڳايون ٿا، ڪيرتن ڪريون
خوشيون ملهايون ٿا. سال بسال اَسين اِنهيءَ ڏينهن تي ڪيڏيون
خوشيون ملهايون ٿا، پر سچي جنماشٽمي تہ تڏهن ٿيندي،
ڏهن اَسان جي دل اَندر، اَسان جي دل جو محبوب، اَسان جو
ريتم، اَسان جو دلبر، شري ڪرشن پاڻ اَچي جنم وٺندو.
هن وقت اَسان جي دلين ۾ اونده آهي، ڪيڏو نہ ڪِن
ڪچڙو آهي، ڪيڏا نہ وڪار آهن، ترشنائن جا تڪرار آهن،
سنائون آهن، سنسڪار آهن، پر اُهو ڏينهن اِيندو، هڪ هڪ لاءِ
و ڏينهن اِيندو، جڏهن اَسان جي دلين اَندر پريتم پاڻ اَچي
نم وٺندو. اُهو ڏينهن اَسان واسطي بيشڪ جنماشٽمي ٿيندو.
سال بسال جنماشٽمي هڪ ئي پڪار کڻي اَچي ٿي.

ڪُن ۾ ڪين ڪِرنديس ورِي،
مُورت تنهنجِي اَٿم جيءَ ۾ جڙِي!
مونکي ڏي تون معافِي!
تنهنجو در ديا جو اَنجلِي ڪُڙڪائي،
اِڪ ٿي ٽُڪ وَر وَر پيئي ڳائي!
مونکي ڏي تون معافِي!

راڌا نماڻِي ٿِي آهي. اَکيون کولي پنهنجي سامهُون موتين جو وڻ ڏِسي ٿِي. هِڪُ هِڪُ موتِي عجيب روشنيءَ ۾ پيو چمڪي! پنيان نهاري ٿِي: ڪيرُ بينو آهي؟ شرِي ڪرشن پاڻ! سندس چرنن ۾ سِرُ جُهڪائي ٿِي ۽ ورِي ڳوڙها ڳاڙي ٿِي.

ڪرشن پنهنجي رومال سان راڌا جا ڳوڙها سُڪائي ٿو. راڌا کي چوي ٿو: ”گُهر مونکان جيڪِي تُون چاهين.“

سڏڪن سان راڌا چوي ٿِي: مونتي آسيس ڪر، جيئن ورِي مان ڪڏهن اَيمان ۾ نہ ڪِران!“

هيءَ ڪهڙِي نہ سندر آکاڻِي آهي. پرِيوُ پاڻ اَسان کان گُهري ٿو اَسان جي دل جو موتِي. اُهو موتِي آهي اَسان جي نُمرُتا ۽ اَسان جي دل جو پيارُ!“

هن پوتر جنماشتميءَ جي ڏينهن شل اَسين پريوءَ جي چرنن ۾ نئڙت ۽ دل جي مُحبت اَرپن ڪريون ۽ پنهنجِي جيون سڦل ڪريون!

جشن واسواڻِي

رايائين. ۽ ٻيا ڪيترا نالا، جن سان ڪيس ڪيڏي نہ پريم ۾،
ڪيڏي نہ پيار ۾، ڪوٺيندا هئا.

شيام سندر ڪير هو؟ جوڳي جادوگر هو! پيار جو اکٽ
ندار هو! عشق جو اَوتار هو. هڪ هڪ کي اَچي پنهنجو پيار
پيئاريائين! نہ فقط اُنهن کي،، جي نيڪ ۽ شريف اِنسان هئا، پر
نهن کي پڻ، جن کي دنيا بدڪار ڪري سڏيندي هئي، جن
ي دنيا دشٽ ڪري سڏيندي هئي، هڪ هڪ کي اَچي پيار
پيئاريائين.

هڪ ڏينهن جي ڳالهہ ڪن ٿا، ڪٿي شري ڪرشن ڪٿان
يو نڪري؟ هڪ وئشيا جي گهر مان پيو نڪري. ڪرشن، وئشيا
ي گهر مان پيو نڪري؟ ڪرشن جو کهڙو ڪم وئشيا سان!
ڪرشن ڏسي ٿو تہ هنن لوڪن کي خيال دل ۾ اُٿي ٿو تہ مان
ئشيا جي ُهر مان ڪٿي ٿو اَچان. تڏهن ڪرشن ڪين چوي ٿو
، ڊاڪٽر ويندو آهي بيمارن وٽ. ڊاڪٽر چڱن ڀَلن جي گهر
ڪين ويندو آهي.

هڪ هڪ کي اَچي شري ڪرشن پنهنجو پيار پيئاريو.
، فقط اِنسانن کي، پر پکين کي ۽ پَسن کي، گانين کي اَچي پيار
نائين. گانين کي ڪٿي نہ پاڪيون پائيندو هو. موتين جون
الهائون کين پهريندو هو، جن گانين کي اَسين اَڄ لکن جي
نکيا ۾ پيا کهايون، تن کي ڪرشن ڪيڏو نہ پيار ڏنو! گانين
ي پيار ڏنائين، گهوڙن کي پيار ڏنائين. ڪٿي نہ گهوڙن جون

گوپيون اِها پڪار ڪنديون هيون نہ وريِ وريِ. گوپيون ڏڌ مان مکڻ ولوڙي چاڏيءَ ۾ رکنديون هيون. رنڌڻي ۾ وچِي رڌينديون هيون. ڀاڄِي ٺاهينديون هيون. چانور ٺاهينديون هيون. مٺايون ٺاهينديون هيون. سندن دل جي اَندر اِهائِي هڪ پياس تہ من اَڄ شيام اَسان جي گهر اَچي: اَچِي ڪُٽڪو کائي، اَسان جا پوڙهيا ٿاب پون. پوءِ پنهنجو ڪم ڪار لاهي وچِي دروازي وٽ ويهنديون هيون، جنهن دروازي جِي چوُرٽ کولي وهنديون هيون. وينيون نهارينديون هيون، متان شيام اَڄ منهنجي گهر اَچي. سندن دل جي اَندر هڪ ئِي پڪار: ''مون گهر ڪڏهن تون ايندين، شيام! مون گهر ڪڏهن تون اِيندين، شيام!'' شل اِها پڪار اَسان جي دلين منجهان بہ اُٿي! شل اَسين بہ اِنتظاريءَ سان، نيڻ نماڻا ڪٽِي وريِ نهاريون. من ڪيس قياس پوي. اَسان جي گهر بہ اَچي! اَسان جو سچو گهر تہ اَسان جي دل آهي. جڏهن اَنتڪال اَچي ٿو، تڏهن اَسين پنهنجي دل جي گهر ۾ وچِي رهون ٿا. اِن گهر ۾ شل شيام اَچي! شل پريتم اَچي! مون گهر ڪڏهن تون اِيندين، شيام! مون گهر ڪڏهن تون اِيندين، شيام!

پنج هزار ورهيہ اَڳہ اَڄوڪي ڏينهن پيارو پريو پرٿويءَ تي پڌاريو. ڀهري ويس وسنتِي، پائي جامو خاڪ دا، اِنسانِي جامو ڀهري، پريتم پاڻ پڌاريو! ويس وسنتي ڀهري آيو. ستيہ لوڪ جي سونهن پاڻ سان ڪٽِي آيو. پاڻ تي اَچِي ڪرشن نام

اِها مرليِ ٻڌي سڳهون ٿا. اِها مرلي، جا يڳي ٻہ يڳي پيئي
پڪاري، پيئي پڪاري: مون وٽ آءُ! مون وٽ آءُ! اَءِ ٻندا! تون
سچي سکہ جي تلاش ۾ آهين. هِت وڃين پيو، هُت وڃين پيو،
پر سچو سکہ تہ اَتيئيِ منهنجي چرنن ۾! تون مون وٽ آءُ! مون
وٽ آءُ!

ڌرمن سپن جو ڪري تياڳہ، اَرجن! تون منهنجي شرن آءُ:
تہ پاپن جا ٻنڌن سپيئيِ آنءُ ٽوڙيان، اَچيِ مڪتيِ پاءِ!

اَچوڪو پوتر جنماشتميءَ جو ڏينهن اِهو ئيِ هڪ پيغام
پاڻ سان کڻيِ اَچي ٿو: مون وٽ اَچو! مون وٽ اَچو! شريِ ڪرشن
وٽ اَچو!

شريِ ڪرشن وٽ اَسين ڪئن اَچون؟ هڪ سولو رستو
هي آهي تہ پيار سان، پريم سان، اَندر جي اُڪير سان، دل جي
پيڱتيءَ سان ويهيِ ڪرشن جو نام اُچاريون:

هري ڪرشن، هري ڪرشن، ڪرشن ڪرشن هريِهري!
هري شيام، هري شيام، شيام شيام هري هري!

پر نام ڪئن اُچاريون؟ شريِ چئتنيہ هڪ ڏينهن وينو
سکيا ڏئي پنهنجن پيارن کي روپ دامودار گوساميِءَ رامانند
راءُ کي. هَنن ٻنهي کي شري چئتنيہ وينو ٻڌائي تہ ڪرشن نام
کهڙيءَ طرح اُچارجي؟ ڪرشن جو مهامنتر کهڙيءَ طرح
اُچارجي؟ شري چئتنيہ چوي ٿو: جيڪڏهن توهين شريِ
ڪرشن جو مهامنتر پوريءَ طرح اُچارڻ چاهيو تہ نماڻا ٿيو، ڪيچ

مالشون ڪندو هو. نانگن کي پيار ڏنائين، ندين کي پيار ڏنائين، سج، چنڊ، تارن کي پيار ڏنائين، مينهن جي هڪ هڪ بونَد کي پيار ڏنائين، روشنيءَ جي هڪ تروري کي پيار ڏنائين، مٽيءَ جي واريءَ جي هڪ هڪ ڪڻي کي پيار ڏنائين. ڇو؟ ڇو تہ هڪ هڪ ۾ ڪرشن پاڻ کي ڏٺو.

نيٺ تہ هن سنسار ۾ ڪرشن ڪانسواءِ ٻيو ڪجھ آهي ڪين. سڀ ڪجھ آهي ڪرشن ڪرشن ڪرشن! This whole univrerse is Krishna filled . پر اِهو درشن جڏهن اَسان کي ملي. هن وقت تہ اَسين ڀيد ڀڏيءَ ۾ رهون ٿا. هن وقت اَسين هڪ ٻئي کان جدائيءَ ۾ رهون ٿا. سڀاڳو سو، جنهن کي اِهو درشن ملي ٿو ۽ سندس دل جي اونهائيءَ منجهان اِها پڪار اُٿي ٿي:

جڌر ديکتا هون، اُڌر تونهين تون هئہ!
ڪِ هر شئہ ۾ جلوا، تيرا هوُبهوُ هئہ!

جيل ۾ شريِ ڪرشن جو جنم ٿئي ٿو. ستيہ لوڪ جيِ سونهن پاڻ سان ڪٽيِ اَچي ٿو. مرليءَ جو، بنسريءَ جو راڳہ پاڻ سان ڪٽيِ اَچي ٿو. مرليِ وڄائيندو هو، لوڪ ڪئن نہ مست ٿيِ پوندا هئا. ڊوڙندا ڊوڙندا اَچيِ سندس چرنن ۾ حاضر ٿيندا هئا. اِها مرليِ فقط پنج هزار ورهيہ اَڳہ ڪين وڳي، هن وقت بہ پيئيِ وڄي، پيئيِ وڄي. اَسان مان هڪ هڪ اِها مرليِ ٻڌيِ سگهي ٿو. جڏهن اَسين پنهنجي اَندر جي اوُنهائيءَ ۾ گهڙون ٿا، اَسين بہ

(٢)

ڪرشن ڪوني اَڪيلو گوپين جيِ وِره

هڪ ڏينهن بابت لکيل آهي، شريِ ڪرِشن بَن ۾ وينو آهي.
ري ڪرشن جي اَکين مان لڙڪ پيا لڙن. شريِ ڪرشن وينو روئي.
ندس پرسان آهي سندس هڪ پيارو: ڏسي ٿو، شري ڪرشن جي اَکين
ان ڳوڙها پيا ڳڙن. تڏهن چوي ٿو: گرديو! ستگرو! توهين روئيِ چو رهيا
هيو؟ ۽ شري ڪرشن ڪهڙو جواب ڏئي ٿو؟ شريِ ڪرشن چوي ٿو:
نهنجون اَکيون اِنهيءَ ڪري پيبون روئن، جو منهنجو آواز ڪو ڪين
و اونائي. مان پيو پڪاريان ڏينهن جو ۽ رات جو، منجهند جو ۽ آڌيءَ
ات جو، پرڀات جو ۽ سنجها جو: مون وٽ آءُ! مون وٽ آءُ! پر مون وٽ
ڪير ڪين ٿو اَچي! بيشڪ، هڪ وقت هو، مان جڏهن ننڍڙو ٻار هوس،
ندابن ۾ هوندو هوس، پڪاريندو هوس: گوپيون ۽ گوال ڊوڙندا
وڙندا اِيندا هئا: پر هينئر شهرن ۾ اَچي مان رهيو آهيان، شهرن ۾
ڪوبہ منهنجو آواز نٿو ٻڌي. مان پيو پڪاريان: مون وٽ آءُ! مون وٽ
آءُ! پر ڪير ڪين ٿو مون وٽ اَچي! اِن ڪري منهنجون اَکيون روئن

ڪين ٿيو. ڳاه جي پتي وانگر نماڻا ٿيو. ور ڪ، وڻ وانگر صبر ڌاريو. وڻ سان توهين ڪئن بہ هلت هلو. وڻ هميشه توهان کي ويندو ميوو ڏيندو. نماڻا ٿيو ڳاه جي پتي وانگر، وڻ وانگر صبر ڌاريو ۽ ٻين جي عزت ڪريو. ٻين جو مانُ ڪريو، پر پنهنجي واسطي مانُ نہ وٺو. جو اِهي ٽي ڳالهيون پنهنجي جيون ۾ کولي ٿو ۽ نام ويهي اُچاري ٿو، اُهو ڪرشن وٽ اَچي ٿو. نماڻي ٿيڻ جي معنيٰ ڪين آهي تہ اَسين ضعيف بڻجون. سچو نماڻو اِنسان بهادر ۽ وير آهي. هنومان ڀڳت هو، نماڻو هو، پر ڪئن نہ لنڪا کي جلائي ڇڏيائين.

اَچو تہ اَڄ اَسين گوپين جي پڪار پنهنجي دل جي اَندر کڻي هلون، گهرن ۾ وڃون، وات تان اِهائي پڪار ڪرشن جي چرنن ۾ رکندا رهون: مون گهر ڪڏهن تون اِيندين، شيام! مون گهر ڪڏهن تون اِيندين، شيام! پوءِ بيشڪ اَسان واسطي سچي جنماشٽمي اِٿيندي!

ڪ هن جي اُپاسيءَ ۾ آهن، جن جو مون کي درشن مليو. مان هن سان
عئن تي هلت هلان. مون کي تہ ڪپي تہ مان روز روز نہ فقط هڪ پيرو،
، پيرا، پر هلندي چلندي هن جي آرتي ڪريان. پوءِ شري ڪرشن
نهنجي ماءُ کي چوي ٿو: اَمي! وقت ايندو، جڏهن مان گم ٿي ويندس،
ر تون چنتا نہ ڪجانءِ. مان هتي هن سرشتيءَ ۾ ڪنهن خاص ڪرتويہ
اسطي آيو آهيان. مون کي پنهنجا ڪم ڪرڻا آهن ۽ اِنهن ڪمن ڪرڻ
اسطي مان ڪڏهن گم ٿي ويندوسانءِ. پوءِ تون چنتا نہ ڪجانءِ. تون
ڪي نہ وڃجانءِ. منهنجو ڪنئيو ڪيڏي ويو؟ منهنجو شيام، منهنجو
ڪرشن ڪيڏي ويو؟ مان وري پاڻيهي تو وٽ موٽي ايندس. اِهي اَکر
چوي ٿو. ماتا سمجهي نٿي. چوي ٿي: هي ٻالڪ اَلائي ڇا پيو چوي؟ نہ
ـہ درشن ڪيو هئائين ترلوڪي ناٿ جو، پر ڪرشن اَهڙو مٺس هٿ
ٿيريو، جو ڪيس اُها ڳالهہ وسري ويئي. وري ساڳي حالت، وري ساڳيا
ڪم، وري ساڳيون عادتون، وري ڪڏهن ڪڏهن پيئي چرب ڏيندي
هئس، ڪڏهن پيئي اُکري سان ٻڌندي هئس، ڪڏهن پيئي تکا اَکر ڳ
الهائيندي هئس.

هڪ ڏينهن شري ڪرشن گم ٿي وڃي ٿو. ننڍڙو ٻار گم ٿي
وڃي ٿو. گليءَ گليءَ ۾ رودن. دل دل منجهان اِها پڪار پيئي اَچي:
اَسان جو پيارو ڪٿي؟ اَسان جي دلين جو محبوب ڪٿي؟ ڪرشن ڪٿي؟
شيام سندر ڪٿي؟ هڪ ڏينهن گذري وڃي ٿو. رات گذري وڃي ٿي.
ٻيو ڏينهن گذري وڃي ٿو. رات گذري وڃي ٿي. ٽئين ڏينهن هي ڳ
وپيون هڪ هنڌ اَچي ڪنيون ٿين ٿيون بَن ۾، ڇو تہ هڪ هڪ پيو

ٽيون.

پيارو ڪرشن اَڇا تائين پيو روئي. ستسنگن ۾ اِيندو اَٿو. مندرن ۾ اِيندو اَٿو. اَڇي اَسان جي حالت ڏسندو آهي. پوءِ اَڇي روئندو آهي. هنن مان ڪوبہ منهنجو آواز نٿو ٻڌي. مون وٽ آءُ! مون وٽ آءُ! مان وري وري پيو پڪاريان. بنسري چاڙهي چپن تي مان وينو مني آواز ۾ ڳايان: مون وٽ آءُ! مون وٽ آءُ!

ڏرمن سين جو ڪري تياڳ اَرجن!

تون منهنجي شرن آءُ:

پاپن جا ٻنڌن سپيئي آنءُ توڙيان، اَڇي مڪتي پاءِ!

توکي مڪتي ڪپي. مڪتي تہ اَتيئي منهنجي چرنن ۾! مون وٽ آءُ! مون وٽ آءُ! پر مون وٽ ڪير ڪين ٿو اَچي!

شري ڪرشن وٽ ڪئن اَچون؟ اَسين تہ هنن ڏينهن ۾ پيا پڪاريون، اَسان جي دلين منجهان هيءَ پڪار پيئي اَچي: مون گهر ڪڏهن تون اِينديں، شيام؟ اِئين اَسان مان ڪيترن پڪاريو آهہ، پر اِها پڪار اَسان جي چپن تي ئي رهجي وجي ٿي. اُگتي نٿي هلي. شري ڪرشن جي ڪمل قدمن ۾ نٿي پهچي. سبب ڪهڙو؟ شري ڪرشن پيو پڪاري: مون وٽ آءُ! اَسين شري ڪرشن وٽ ڪئن اَچون؟

شري ڪرشن برندابن ۾ هو. لڇايون ڪندو هو. هڪ ڏينهن اُٻاسي ڏئي ٿو. ماتا يشودا سندس پرسان ويني آهہ. نهاري ٿي. اُٻاسيءَ ۾ هنکي ٽنهي لوڪن جو درشن ملي ٿو. تڏهن چوي ٿي: مان هن کي پنهنجو ٻالڪ ڪري پيئي سمجهان، پر هي تہ ترلوڪي ناٿ آهہ. ٽيئي

ھي برندابن ته دکه جي درياه ۾ ٻڏي ويو آھي. ڏسين ڪونه ٿي، اَمي! ھوا لڳڻ ئي بند ٿي ويئي آھه. نه ته ڇا ته ھوائون لڳنديون ھيون. شيام سندر بنسي وڄائيندو ھو، تڏي ھير پيئي لڳندي ھئي. اَسان کي ڪڏھن خبر به ڪين پيئي ته گرمي ڇا ٿيندي آھه. ھينئر ڏس، ٻوُسات ئي ٻوُسات. ھوا نٿي لڳي. وڻن مان ساوڪ گم ٿي ويئي آھه. ڪنئيو ھوندو ھو، اَڇي پشپن ڏي نھاريندو ھو، پشپ اَڇي ٽڙندا ھئا. باغ اَڇي چمڪندا ھئا. ھينئر سڀ گم ٿي ويو آھي. برندابن ھينئر ڄڻ اِڪ مساڻو ٿي ويو آھي. اَمي! اِھا حالت ھينئر سڄي برندابن جي اَٿيئي.

تڏھن ٻي گوپي يشودا ماتا کي چوي ٿي: اَمي! اَسين وري وري اَچي توکي دانھون ڏينديون ھيوسين. اَسين وري وري توکي چونديون ھيوسين ته تنھنجو ٻالڪ اَسان سان ڏاڍيون لچايون ڪري ٿو، اَسان جا مکڻ چوري ڪري وڃي ٿو، اَسان جون مٽڪيون ڦوڙي وڃي ٿو، اَسان جا ڪپڙا ڪٽي پاڻ وٽ لڪائي رکي ٿو. اَسين توکي ڪيتريون دانھون ڏينديون ھيوسين، پر اَمي! سچ توکي ٻڌايون ته ھن جي لچاين ۾ لطف ھو! اَسان کي آنند ايندو ھو! ھينئر اُھو آنند گم ٿي ويو آھي. اَسين ٻيون چئون: وري ڪڏھن ايندو؟ ڪڏھن اَچي وري پنھنجون لچايون ڪندو؟

اَھڙيءَ طرح ھڪ ھڪ گوپي پنھنجو آزمودو ٻڌائي ٿي. ھڪ گوپي چوي ٿي: مان ته سمھي نٿي سگھان. منھنجا ڪن ڪڙا ٿيا بيٺا آھن. ڪٿئن نه اوچتو ئي اوچتو رات جي وقت يا ڏينھن جي وقت شيام سندر اَچي بنسري مرلي وڄائيندو ھو. اَسين پنھنجو ڪم ڪار وڃيون

پنهنجي محبوب کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪري. ڪٿي وڃون؟ ڪهان جائون؟ ڪٿر ڍونڍيون؟ منهنجا پريتم! منهنجا پيارا! اسين ڪٿي وڃي توکي ڳوليون؟

اوچتو ئي اوچتو ڏسن ٿيون تہ وڻن جي جهڳٽن منجهان هڪ پيئي اچي. سندس وار چُڙيل آهن. سندس ساڙهي ڳُهنجيل آهي. سندس اکيون سُڄيل آهن، ڇو تہ اِنهن اکين رُنو آهي. اِنهن اکين ٻہ راتيون ننڊ ڪئي ڪين آهي. پر سان اچي ٿي. ڏسن ٿيون، هيءَ تہ يشودا ماتا آهي. يشودا ماتا کي ضرور اسان سيني کان وڌيڪ ڏکہ ٿيو هوندو. ڪرشن گم ٿي ويو آهي. ٻہ ڏينهن گذري ويا آهن. ٻہ راتيون گذري وييون آهن. ڪرشن کي ڳولي نٿيون سگهون، ڪٿي گم ٿي ويو؟ ڪير هُن کي ڪٽي ويو چا؟ ڪهڙي حالت ڪرشن جي هوندي؟ يشودا ماتا پنهنجي ڏکہ ۾ هئي. يشودا ماتا کي چون ٿيون: تون پنهنجي خبر ڪر. چوي ٿي: مان ڪهڙي خبر توهان کي ٻڌايان؟ منهنجي حالت تہ اهڙي اچي ٿي آهي، جو مان سمجهان ٿي، مان مري وڃان تہ بهتر. نہ ننڊ ڪري ٿي سگهان، نہ کائي ٿي سگهان، نہ پوريءَ طرح ڳالهائي سگهان ٿي، نہ ڪنهن ڳالهہ ۾ ڌيان ڏيئي سگهان ٿي، نہ ڪا سنيءَ طرح گفتگو ڪري سگهان ٿي، نڪو ويچار ڪري سگهان ٿي. فقط دل جي اندر اِها پڪار، اِهو سوال: منهنجو ڪرشن ڪٿي؟ منهنجو ڪنئيو ڪٿي؟ اِئين چئي اوچنگارون ڏيئي وني روئڻ شروع ڪري ٿي.

تڏهن هڪ گوپي ڪيس چوي ٿي: امي! هيءَ حالت فقط تنهنجي ڪين اٿيئي، پر برندابن ۾ هڪ هڪ جي اِها حالت اٿيئي.

چتو ئيِ اوچتو هڪ گوپي اَچي سهڙي ٿيِ. پٽڪي ۾ چوي ٿيِ: مون
ڪرشن کي ڏٺو! مون ڪرشن کي ڏٺو! يشودا ٻانهن کان پڪڙي ڪيس
وي ٿيِ: تو ڪرشن کي ڏٺو؟ ڪٿي تو ڪيس ڏٺو؟ پوءِ پلا ڪيس ڇڏي
و آئينءَ؟ ڪيس وٺيِ ڇو نہ ٿي آئينءَ؟ خوش تہ هو نہ؟ ٺيڪ تہ هو نہ؟
ڪا تڪليف تہ ڪيس ڪونہ هئيِ؟ بنسريِ هئس يا نہ؟ مرليِ هئس يا
؟ مون کي ٻڌاءِ! مون کي ٻڌاءِ!

تڏهن هيءَ گوپيِ ذڪر ڪري ٿيِ: چوي ٿيِ: مان ماني ڪٽيِ
يس پنهنجي گهوٽ کي پهچائڻ. منجهند جي وقت گوپين جا
هوٽ ٻنين تي ڪم ڪندا هئا. اُتي ٻنين تي هي مانيِ ڪٽيِ وڃيِ
هچائيندون هيون. هيءَ گوپيِ چوي ٿيِ: مان منجهند جي ماني ڪٽيِ
هوٽ کي پهچائي جڏهن موٽيس پئي، پريان ڏٺم تہ وڻ جي هيٺان
ڪ ڇٽو وينو هو. مون چيو، ڏسان تہ سهين، ڪير آهي؟ اِئين ئيِ دل
ي اَندر اُڻ تڻ اَچيِ ٿيِ. ڇڳو ٿيو، مان ويس. مون ڏٺو تہ شيام سندر،
ريِ ڪرشن وينو هو. پنهنجن ويچارن ۾ غلطان، جڻ تہ ڪيس ڪا
بر ئيِ ڪونہ ٿي پيئيِ. مان سانت ۾ وڃيِ سندس پُٺيان ٻيٺيس. وڻ
ي ٿڙ کي هيِ ٽيڪ ڏيئيِ وينو هو. منهنجي پيرن ۾ ڇير پيل هئا. مون
يرن سان ٺڪا ٺڪ ڪئي، پر شيام سندر کي خبر ڪين پيئيِ. هوُ
نهنجي خيالن ۾ وڃايل هو. پوءِ ڪجهہ وقت ترسيِ مون ڪيس سڏيو:
ڪنئيا! ڪنئيا! چرڪ ماري اُٿيو. جڻ تہ ڪنهن اوُنهائيءَ ۾ ويو هو،
ڪنهن اوُنهائيءَ مان چرڪ ماري اُٿيو. هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين. مون
ي ڏٺائين ڪين. مان پنيان ٻيٺيِ هئس. پوءِ پنهنجيِ مرليِ ڪنيائين:

ڪنديون هيوسين. رنڌڻي ۾ وينيون رڌينديون هيوسين يا وينيون ٻهاري پائينديون هيوسين، مرلي ٻڌنديون هيوسين، سڀ سُڌ ٻُڌ وسري ويندي هئي. ڪم اُتي ئي ڇڏي ڪئن نہ ڊوڙنديون ڊوڙنديون اَچي شيام جي چرنن ۾ ڪنيون ٿينديون هيوسين. هينئر اُها مرلي ڪٿي؟ مرليءَ جو آواز ڪٿي؟

تڏهن ٻي هڪ ٻي گوپي چوي ٿي: بيشڪ، توهين بنسريءَ جي ڳالهہ ڪريو ٿيون. بنسري وڄائيندو هو: هن جي بنسري اَلائي ڪهڙي عجيب هوندي هئي. خبر ئي ڪين پوندي هئي تہ ڪهڙي پاسي کان بنسري ٿي وڄي. ڪڏهن پيو سمجهبو هو تہ اوپر مان پيئي اَچي. ڪڏهن پيا سمجهندا هئاسين تہ اُتر کان پيئي اَچي. ڪڏهن پيا سمجهندا هئاسين تہ اولهہ کان پيئي اَچي. ڪڏهن پيا سمجهندا هئاسين تہ ڏکڻ مان پيئي اَچي. بانوَريون ٿي پييون هيڏانهن هوڏانهن نهاريندون هيوسين تہ ڪٿان پيئي اِها بنسري اَچي. پوءِ شيام پاڻ اَچي پاڻ کي پر گهٽ ڪندو هو. اَسين وڃي سندس چرنن ۾ وهنديون هيوسين. ڪيڏو نہ آنند اَسان کي هوندو هو! اِهو آنند اَسان جو کسجي ويو.

پنجين گوپي چوي ٿي: بيشڪ، اَسين لوہ جا ٽڪرا: شيام سندر چقمق هوندو هو. اَسان کي پيو ڇڪيندو هو، ۽ جيستائين پيو ڇڪيندو هو، اَسين پنهنجيءَ دنيا ۾ هوندا هئاسين. اَسين هتي برندابن ۾ ڪين هوندا هئاسين. اَسين اَلائي ڪٿي پيا اُڏامندا هئاسين. هينئر چقمق هليو ويو آهہ تہ اَسين سڀ لوہ جا ٽڪرا. هڪ ٻئي سان پيا ٽڪرجون.

اَهڙيءَ طرح هڪ هڪ گوپي پنهنجي حالت بابت ٻڌائي ٿي.

ڪيلو!

اَسين اَڪيلا ٿيون. اَسين اَڃا اَڪيلا ڪين ٿيا آهيون. اَسين هڪ
ڪين ٿيا آهيون. اَسين ڏسو، ڪڏهن ڪٿي، ڪڏهن ڪٿي. ڪڏهن اَسان
ي کهڙي حالت، ڪڏهن کهڙي حالت. اِنهيءَ ڪري گروجن پنهنجي
ٽيءَ ۾ چون ٿا: 'ڪبهون مها ڪروڌ بڪرال، ڪبهون سرب ڪِي هوت
وال.' ساڳيو اِنسان ڪڏهن ڏسو، ڪروڌ ۾ ڪٿي پرجي وڃي ٿو، شوخ
ي پوي ٿو، راڪاس وانگر بڻجي وڃي ٿو. ساڳيو اِنسان ڪنهن وقت
سو، کهڙو نه نماڻو. هڪ هڪ جي پيرن جي خاڪ پيو ڪٽي. ڪرشن
وي ٿو: توهين جي مون وٽ اَچڻ چاهيو ته هڪ ٿيو. هڪ ٿيو ۽ اَڪيلا
يو. اَسين اَڪيلا ڪين آهيون.

اَسين ڪيترن ئي ڌاڳن سان ٻَڌا پيا آهيون. ڇاڪريون؟
نهنجو پٽ، منهنجي ڌيءُ، منهنجو گهوٽ، منهنجي ڪنوار، منهنجو
وست، منهنجو متر، منهنجي ساهيڙي، منهنجو ڏنڊو، منهنجو ڪم،
نهنجو اِسڪول، منهنجو ڪاليج، منهنجي اِسپتال، ٻَڌا پيا آهيون. اَسين
ڪيا پيا آهيون. اِن اَٽڪڻ ڪان ڇٽون. ڪرشن! تو بن اَسان جو ٻيو ڪير
ڪين اَٿيئي. تنهن جي معنيٰ ڪين آهي ته توهين پنهنجن گهرن ۾ نه
وٽي وڃو يا گهر وارن کي ڇڏيو ته اَسان جو توهان سان واسطي ڪين
هي. نه، نه، نه! ڪرشن چوي ٿو: هي سنبنڌ، توهان کي اُنهن جي توڙ
ٻاهڻي آهي. توهان کي پنهنجا فرض پالن ڪرڻا آهن. پر دل جي اَندر
ڪنهن کي پنهنجو ڪري نه سمجهو. نه توهين ڪنهن جا آهيو، نه ڪو به
وهان جو آهي. سڀ ڪرشن جو ڏنل آهي. پوري وقت تي وٺي سگهي

مرليِ ڪٽيِ وڄايائين. اِن مرليءَ جي آواز ۾ ڪيڏو نہ درد سمايل هو! جڏهن مرليِ رکيائين، تڏهن مان سندس اَڳيان اَچي ويٺس. مون چيومانس: ڪنئيا! تون ٻن ڏينهن کان گم ٿي ويو آهين. ٻہ ڏينهن، ٻہ راتيون. سڄو برندابن پيو توکي پڪاري. گليءَ گليءَ ۾ هڪ ئي گيت اَٿيئي: اَسان جو گووند ڪٿي؟ اَسان جو ڪنئيو ڪٿي؟ دل دل پيئي پڪاري، هڪ هڪ اکہ پيئي روئي تو واسطي! ڪنئيا! تون ٻڌاءِ، تون هتي ڪئن اَچي پهتو آهين؟

تڏهن چيائين (منهنجا اکر جڻ ٻڌو اَڻ ٻڌو ڪري ڇڏيائين): گوپين ۽ گوالن کي برندابن ۾ وڃي ٻڌاءِ تہ ڪرشن ڪوني اَڪيلو! اِئين چئيِ ڪرشن اَنتر ڌيان ٿيِ ويو. مان پيئيِ هتِي هُتي نهاريان. ڪرشن هتي ويٺو هو: ڪيڏي گم ٿي ويو؟ اَنترڌيان ٿيِ ويو. 'ڪرشن ڪوني اَڪيلو!' 'ڪرشن ڪوني اَڪيلو!': اِهي اکر منهنجي ڪنن ۾ پيا وڄن. اِهي اکر مان توهان واسطي ڪٽيِ آئيِ آهيان.

مون توهان کان سوال پڇيو نہ تہ ڪرشن جيِ مرليِ پيئي سڏي: مون وٽ آءُ! مون وٽ آءُ! پوءِ ڪرشن وٽ ڪئن اَچون؟ چئونس تہ گهٽوئي پيا: ڪرشن! تو وٽ اَچون. دروازو کول: اَسين تنهنجا چرن اَچيِ پڪڙيون. ڪرشن! مون گهر تون ڪڏهن اِيندين؟ ڪڏهن منهنجي اڱڻ ۾ اَچي پنهنجو درشن ڏيندين؟ چئونس تہ گهٽوئي پيا. پر ڪرشن وٽ ڪئن هلون، ڪئن پهچون؟ ڪرشن کي ڪئن پايون؟ ڪرشن چوي ٿو: ڪرشن ڪوني اَڪيلو! سال بسال جنماشٽميِ اَچي ٿيِ، پاڻ سان اِهوئيِ هڪ پيغام ڪٽيِ اَچي ٿيِ، هڪ آواز اَچيِ اُٿاري ٿيِ: ڪرشن ڪوني

ندن آهن. اُنهن کي پُتوُ پُتوُ ڪري گود ۾ کڻي نچائينديون هيون. پر
ين دل ۾ پڪ هوندي هئي تہ هي ٻار اَسان جا ڪين آهن. اَسان جا ٻار
گوٺ ۾ آهن، جن ٻارن جي ڪري اَسين هتي نوڪري ڪريون ٿا
هن کي پئسا موڪلڻ واسطي. اَهڙيءَ طرح هن سنسار ۾ رهون.

ڪرشن ڪوڙي اَڪيلو! ڪرشن ڪوڙي اَڪيلو! اَهڙيءَ طرح ٿل
ين هن سنسار ۾ رهون! ڪوبہ حق ڪين ڪنهن تي، ڪابہ اُميد ڪين
نهن ۾. ڪنهن کي بہ پنهنجو ڪري نہ سمجهون. چوڻ ڏاڍو سولو
ي. توهين بہ چئي سگهو ٿا، پر اُنهيءَ تي هلڻو آهي. اِنهيءَ ڪري
اري دادا گرديو ساڌو واسوا ڻيءَ هيءَ سنسٿا کولي تہ اَسين اَڪيلا ٿيون.
هنجي دل پر پوءَ جي پيار جي پاڻيءَ سان ڀريون، وڃي دکي دنيا جي
بوا ڪريون، ڪنهن کي پنهنجو ڪري نہ سمجهون. دل جي اَندر اِهائي
ڪ پياس: ڪرشن! ٿل مان تنهنجو ٿيان! ٿل مان تنهنجي ٿيان! ءِ جي
پ سگهي، جي ممڪن هجي تہ تون بہ منهنجو ٿجانءِ!

ضروُري آهي تہ اَڪيلا ٿيون. ٻاهرينءَ طرح سڀن کي پيار
ينداسين. گهر جي ڀاتين جي سنڀال لهنداسين. اُن ڪان وڏيڪ نہ. پر دل
ي اَندر پيا چونداسين: ڪرشن! تون منهنجو آهين! ٻيو ڪير منهنجو
ونهي! مان تنهنجو آهيان: ٻئي ڪنهن جو ڪين آهيان! اَهڙي اَوسٿا
ٿهن لچي تي، اَسين هلي ڪرشن وٽ پهچون ٿا.

ٿو. جيڪي ڏنو اَٿائين، سو وٺي سگهي ٿو. ڊڪ ڇا جو؟ ڪرشن! تو ڏنو، تو پاڻ وٽ گهرائي ورتو. ڊڪ ڇا جو؟ مان تہ تنهنجي آهيان! مان تہ تنهنجو آهيان! ۽ اِهائي هڪ آس اَٿم تہ تون بہ شل منهنجو ٿين!

منهنجا پيارا! اَڪيلا ٿيو! بيشڪ، گهرن ۾ رهنداسين، پٽ، ڌيئون، اُنهن کي پيار ڏينداسين، پر موهہ ۾ نہ اَٽڪنداسين. گيتا ڦيريون ئي ڦيريون سبق جو اَسان کي سيکاري ٿي، سو اِهو تہ نرموهي ٿيو. گهرن ۾ رهو، پر رهو اوُنئين، جئن ڪمل گل رهي ٿو پاڻيءَ ۾. ڪمل گل پاڻيءَ ۾ رهي ٿو، پر پاڻيءَ جو اِڪ ڦڙو بہ ڪيس ڇهي نٿو سگهي. نرليپ آهي. اَسان کي سنسار ۾ اِئين رهڻو آهي. سنت رامڪرشن چوندو هو: اَسان جي زندگي ٻيڙين وانگر آهي. ٻيڙيون پاڻيءَ ۾ پيل رهن، پر پاڻي ٻيڙيءَ جي اَندر نہ اَچي. جي پاڻي ٻيڙيءَ جي اَندر ايندو، ٻيڙي ٻڏي ويندي. اَسين سڀ ٻڏي ويندا سين. سنساري ويچار، سنساري ڳالهيون پنهنجي جيون ۾ نہ آڻيو. ڪڏهن ڪين ڪنهن کي پنهنجو ڪري سمجهو. پريو! سڀ تنهنجو ڏنل آهي. هي پئسو پدارٿ، هي بنگلا ماڙيون، هي سنتانئون، سڀ تنهنجون ڏنل آهن. منهنجون ڪين آهن. مون تي تو ڪم رکيو آهي. مان اُنهن جي حفاظت ڪندس، شيوا ڪندس. وڌيڪ منهنجو ڪهڙو واسطو؟ سنت رامڪرشن وري وري پنهنجن پيارن کي چوندو هو: آيائن وانگر ٿي رهو. آيائون ڪلڪتي ۾ ايندون هيون، اَچي ٿورو پگهار وٺنديون هيون. ۽ جن مالڪن وٽ ڪم ڪنديون هيون، تن جي ٻارن جي سنڀال لهنديون هيون. سنڀال اَهڙيءَ طرح ڪنديون هيون، ٻاهرينءَ طرح ڏيکاريندون هيون، جڻ تہ اُهي ٻار

ري، تن ڏينهن ۾، هينئر بہ اُن جا Traces اَسين ڏسندا
يون. گهر ۾ جي پٽ ڄمندو آهي تہ خوشي وڏيڪ ٿيندي
ي، اَلائي ڇو؟ ڌيئرون وڌيڪ ٿيون شيوا ڪن، پر تہ بہ اَلائي
و ماتائون ڏاڍو خوش ٿينديون آهن. اُنهن کي ٻڌائبو آهي نہ
پٽ ڄائو آهي تہ ڏاڍي خوشي ٿيندي اَٿن. سُورداس جي
تا کي جڏهن ٻڌائين ٿا تہ توکي پٽ ڄائو آهي تہ ڪيس ڏاڍي
وشي ٿئي ٿي، پر اُها خوشي ٿورو وقت هلي ٿي. يڪدم هن
ي پروڙ پوي ٿي تہ ٻالڪ سُورداس آهي. چيائين، سُورداس ڄائو
ي اَسان جي گهر ۾. هي تہ سيني تي بوجو ٿي پوندو. هن جي
ڪہ پال اَلائي ٿئي يا نہ ٿئي. ويچاريءَ ماتا کي خوشيءَ جي
ران چنتا ٿي پوي ٿي.

منهنجا پيارا ٻائرو، منهنجون ڀينرون! هينئر ٻارجي
من ٿا يا mentally weak آهن يا handicaped آهن، اُهي بہ
ن ٿا توهان کي آسيس ڏيڻ واسطي. اَڄ ڪلهہ يا تن ڏينهن ۾
، اَسين ڏاڍا سوارٿي آهيون. جيڪڏهن ڪو ٻار handicaped
ي يا ٻيءَ طرح، تہ اَسين سمجهون ٿا تہ اَسان تي بار آهي ءَ
نهن Institute ۾ موڪلي ٿا ڇڏيون. نہ، منهنجا پيارا! اَهڙا ٻار
ن ٿا پاڻ سان آسيس جو ڀنڊار ڪٽي. جيتري توهين اُنهن جي
يوا ڪندا، اوتري توهان تي ءَ سڀني ڪٽنب تي آسيس اِيندي،
ڪت اِيندي. پر سُورداس جي فئملي ۾ سمجهن ٿا تہ هي
اَسان وٽ بوجو ٿي آيو آهي.

(۳)

ڀڳت سُورداس

ڪرشن پريم اَمولڪ خزانو

اِتهاس ۾ ٻہ سُورداس ٿيا آهن:- (۱) بِلوا منگل ۽ (۲) [illegible] . . The two must not be mixed up. بِلوا منگل جو جنم ٿيو سائوُٿ اِنڊيا ۾. سائوُٿ اِنڊيا مان هيِ پيارو پنڌ ڪري برندابن ۾ آيو. وچ ۾ اَلائي ڪيترا ميل آهن. ڪيس ڪيترا ڏينهن لڳِي ويا. پوءِ واٽ تي اِهو incident ٿيو، جو ٻہ ڪندا ڪڍِي پاڻ کي سُورداس ڪري ڇڏيائين.

ٻيو سُورداس، اُن جو نالو هنديِ اِتهاس ۾ اَمر آهي. هنديِ اِتهاس ۾ پهريون ٿِي پهريڻ نالو تُلسيداس، ٻيو نالو سُورداس، ٽيون نالو سنتياڻِي ميران جو. ٽيئِي تمام مُکيہ ڪوي آهن. هن سُورداس هزارين گيت ڳايا هوندا. وينو ڳائيندو هو. کي اُهي گيت ويهِي لکندا هئا. ڪيترا گيت تہ گم ٿِي ويا آهن. وينو ڳائيندو هو. جئن نديِ پيئِي وهي، تئن هن جي مکہ مان گيتن جيِ نديِ پيئِي وهندِي هئِي. He had that inborn gift. هڪ غريب ڪٽنب ۾ سندس جنم ٿئي ٿو. پوءِ اَڪثر

پ ٿيندو آهي تہ پڪڙجيِ نہ پوان. اِنڪري غريب جي گهر جا
روازا ڪليا پيا هوندا اَٿو. ڪوبہ چور ڪونہ گهڙي. چيائون، چور
ہ ڪونہ آيو. جي چور ڪونہ آيو تہ ڪير ڪٽيِ ويو؟ ڏاڍي هڻ
يچارڪيائون هِتي ڳوليائون، هُتي ڳوليائون.
سوُرداس ننڊو بار هو. پڇائين: توهين ڇا وينا ڳوليو؟
وهين منجهيا پيا آهيو، اَچ وچ پيا ڪريو، نيٺ ڳالهہ ۾ ڇا آهي؟
چيائونس: تون تہ ماٺ ڪر، ماٺ ڪري ويہ. تون اَڳيئيِ اَسان
ي بوجو آهين. اُن ويچاري کي ڏاڍيِ چِرب ڏيئيِ، هن کي
اٺ ڪرائين ٿا، پر هن بار وريِ چَيِن تہ مون کي ٻڌايو تہ سهين.
ڏن بيشڪ سوُرداس آهيان، but I may be a little help to you
وءِ هن جي ماءُ هن سان ڳالهہ ڪري ٿي تہ تنهنجي پتا کي
ڪلهہ ڪنهن گنيون ڏنيون، جيڪي هن هٽ ۾ ٻڌيِ، وِهاڻي جي
يٺان رکيون هيون. سوُرداس جون تہ اَکيون اَڳيئيِ پوُريل
ئس، پر اَکيون پوُري ٿو ۽ اکيون پوُري ويچار ڪري ٿو ۽
ئين چوي ٿو: مان توهان کي ٻڌايان تہ اِهي گنيون ڪٿي
وندیون؟ هنن چيس: هاڻي تون آيو آهين ٻڌائڻ تہ گنيون
ڪٿي هونديون. They never used to pay any attention to him
چوندا هئا تہ هيِ بيڪار آهي، ڪنهن بہ ڪم جو ڪين آهي. پر
هيِ سوُرداس چئين ٿو تہ مان ٿو توهان کي ٻڌايان تہ گنيون
ڪٿي آهن. چوين ٿو تہ اِها هٽ ڪو چور ڪونہ ڪٽيِ ويو آهي. اها
هٽ هڪ چوئو ڪٽيِ ويو آهي. چوئو آيو ۽ وِهاڻي هيٺان هٽ ڪٽيِ

نٺڍي هوندي کان وٺي هن ٻار کي ڪوبہ ڏيان نٿو ڏي. اَڳہ پيو هوندو هو، ويچارو اَڪيلو ئي اَڪيلو پيو هوندو هو. هڪ ڏينهن سندس پتا کي هڪ ماڻهو مليو، تنهن سان هوءُ ذڪر ڪري ٿو تہ اَسان جي آڪهہ جِي هيءَ حالت آهي، اَسين ڏاڍو غريبيءَ ۾ آهيون. ورِي هڪ سوُرداس ٻار پياري پريوءَ موڪليو آهي، اُن جي سنڀال لهڻِي آهي. اِهو ٻڌِي هن شاهوڪار ماڻهوءَ جي دل پگهرجِي ويئِي. هيِ ماڻهو چويس ٿو، چڱو مان توکي ڪجهہ مدد ڏيان ٿو. اَڳي سونا سڪا هوندا هئا، گنيون هونديون هيون. اَٺ ڏہ گنيون ڪڍِي هن ماڻهوءَ کي ڏئي ٿو. ڏاڍو شاهوڪار ماڻهو هو، هن لاءِ ڪا وڏِي ڳالهہ ڪين هئِي. هيِ، سوُرداس جو پتا، ڏسي ٿو گنيون، تہ هن جون اَکيون اَچِي ٽيون چمڪن. هن ويچاري تہ ڪڏهن گنيِ ڏٺِي ڪين. پوءِ ڇا ڪيائين؟ کي اَڳڙيون ڪٽِي هڪ هڙ ٻڌائين،- جيئن اَسان جون ٻُڍيون ماتائون هڙ ٻڌنديون هيون، سو هڙ ٻڌِي پنهنجي وِهاٽي هيٺان رکي ڇڏيائين، اُن جي مٿان سُمهِي پيو.

صبوح جو ڪم تي ويو. شام جو موٽيو. ڇيائين، ڏسان وِهاٽي هيٺان گنيون برابر پييون آهن. ڏسي ٿو تہ هڙ ئِي گم، هڙ لييئي نہ. هن کي ڏاڍو دکہ ٿيو. ڇيائين اَسان چانئٺ تي اَچِي پهتاسين، جيئن اَسين ڪجهہ وقت سُٺي زندگي گذاريون، پر هيتريون گنيون ڪير کٽِي ويو؟ غريب جي گهر ۾ تہ چور بہ ڪونہ ويندو آهي. چور چوندو ڇا وجِي ڪريان؟ چور کي پاڻ

ڪرشن جو نالو ٻڌي ٿو ته هن جي دل ۾ بجليِ لنگهي
وجي ٿيِ. پاڻ کي چوي ٿو: ”مان ته ڪرشن جو آهيان!“
منهنجا پيارا پائرو، منهنجون پينرون! ڳنيون خلاص
ٿيِ وڃن ٿيون. سڀ خرچ ڪن ٿا ۽ سوُرداس کي ٻڌائين ٿا ته
هاڻي گنيون سڀ خلاص ٿيِ ويون آهن، جيڪي تو اَسان کي
بچائي ڏنيون. هاڻي وريِ اسين ساڳيءَ غريبيءَ ۾ آهيون.
هيِ ڪسڪي وڃي ٿو ۽ ڪسڪي وڃيِ پرسان هڪ ڳوٺ
۾ رهي ٿو. اُن ڳوٺ ۾ ڪرشن ليلا بابت ڳائي ٿو.
He was gifted poet اُنهيءَ وقت ڪان وٺيِ هن کي اِها gift مليِ.
ڳائيندو هو، سندس آواز ڏاڍو مٺو، رسيلو هوندو هو. لوڪ ڪٿان
ڪٿان ٻڌڻ ايندا هئا. چوندا هئا، هليِ ٻڌون سوُرداس کي. هيِ
پنهنجي مستيءَ ۾ ڳائيندو هو. ڪو روٽيءَ ٽڪر ڏيندو هوس
ته ڪو وستر ڏيندو هوس. هن جو اِئين وقت گذرندو ويو ۽ ڏٺائون
ته هن کي gift آهي ته ڪا به شيءِ جي گم ٿيِ وڃي ٿي ته هِن
کي پروڙ پئجيِ وڃي ٿيِ، ٻيئن پنهنجن مائٽن کي ڳنين
بابت ٻڌايائين ته چوئو ڪٽيِ ويو.
پوءِ هن چيو ته هن سنسار ۾ منهنجو ڪوئي ڪينهي.
منهنجو ته فقط آهي ڪرشن ۽ ڪرشن جو ڌام آهي برندابن.
ڪرشن ڪوني اَڪيلو! هينئر هيِ اَڪيلو هو. No one to look after him
ڪوبه ڪين، جنهن کي پنهنجو ڪري سڏي. ڏسو، ڪرشن پاڻ
سڏي ٿو ته اَڪيلو ٿو ڪري. پوءِ ڪيترا ماڻهو چوندا آهن ته

ءِ هِن پاسي ويو اَٿوَ. هي جو hole آهي، توهين کوٺي ڏسو، اُتي اِهي گنيون ملندوَ. اڳي مٿيءَ جا گهر هوندا هئا. هن جو جنم ٿئي ٿو آگري جي پرسان هڪ ڳوٺ ۾. تن ڏينهن ۾ مٿيءَ جي گهرن ۾، هي چوٺا اَچِي رهندا هئا ءِ مٿيءَ ۾ اَچي hole ڪندا هئا. مٽيءَ ۾ hole ڪرڻ ڏاڍو سوَلو ٿيندو اَٿو. هنن لوهه Concrete ءِ سمينٽ جي گهرن ۾ holes ڪرڻ ڪوُشن لاءِ ڏاڍو ڏکيو ٿيندو. اِشارو ڪيائين تہ هن ڪنڌ ۾ وڃِي توهين کوٺيو تہ توهان کي گنيون ملِي ويندو. پهرين تہ .They were not prepared to listen چيائون تہ هِي اَلائي ڪهڙيون ڳالهيون پيو ڪري. چوُٺو ڪيئن اِها هڙ ڪٺِي ويندو. پر پوءِ ڪنهن کي خيال ٿيو تہ هِي چوي ٿو تہ ڪٺِي ڏسون. سو هي کوٺين ٿا تہ هڙ نڪرِي آئِي. هڙ ڏسِي عجب ۾ پئجِي ويا. تنهن ڪانپوءِ هنن کي سوُرداس لاءِ ڪجهہ عزت ٿِي. پوءِ هن کي چيائون تہ تون پِل اَسان وٽ ڪجهہ وقت رهيو پيو هج، هوُنئن اَسان پئي چيو تہ توکي ڪِٽ ڦٽو ڪري اَچون. هن چيو تہ مون پاڻ ويچار پئي ڪيو تہ مان ڪنهن ڏينهن هنان کسڪِي وڃان، ڇو تہ مان unwantedآهيان. پوءِ ڪجهہ وقت رهي ٿو.

تنهن وچ ۾ ڪرشن بابت ڪجهہ ٻڌي ٿو. ڪٿان لنگهيو، جت ڪيرتن پئي ٿيو:

”هري ڪرشن هري ڪرشن، ڪرشن ڪرشن هري هري!
هري شيام هري شيام، شيام شيام هري هري!“

ئي ٿو.

وَليپ آچاريہ ٻڌي ٿو ۽ چويس ٿو تہ هاڻي تون اِهي
ىت نہ ڳاءِ. برابر تون پنهنجا Sentiments of humility describe
رين ٿو، ڏاڍو سٺو آهي، پر توکي شري ڪرشن اِها gift ڏني
ڻي تہ ڪرشن، راڌا ۽ ڪرشن جي ليلا جا گيت ڳاءِ. پوءِ هي ۽
روُع ڪري ٿو. پر هي جيڪو پهريون گيت هن ڳايو آهي، اُن
ي مون هڪ بہ ست ڏني. منهنجو هٿ بہ ڏڏڻ لڳو ۽ مون ڪي
ر لکيا، جيڪي مون چيو تہ اَڄ اَچي توهانکي ٻڌائيندس. ڇا
و چوي پنهنجي گيت ۾؟

پَتتن ۾ پَتِت مان آهيان:
تنهنجو منا! مان تيڻ ٿو چاهيان!''
آهيان پَتِت، پر مِنا! مان تنهنجو تيڻ ٿو چاهيان! پريو!
نهنجا ڪرشن! I belong to you

I want you to come to say to me: you are mine! I am your

مهر جو مينهن تون مون تي وساءِ،
نرمل پوتر پاڪ بناءِ!
پاپين ۾ مان پاپي آهيان،
مهما تنهنجي پيو وَرِ وَرِ ڳايان!
رحم وارا! تنهنجو رحم مان چاهيان،
ڪرپا تنهنجي ڪيئن مان پايان؟
How may I become a child of grace.

ڪرشن پنهنجن ڀڳتن لاءِ هيڏي مصيبت ڇو ٿو ڪري، هيڏي تڪليف ڇو ٿو ڏئي. ڪرشن اِن لاءِ مشهور اَٿوَ. ڪرشن جو جيڪو ڀڳت ٿيندو آهي ته ڪيس ڏاڍيون تڪليفون ڏيندو آهي. تڪليف اِن ڪري ڏيندو آهي ته جيئن هو اَڪيلو ٿئي. جڏهن اَڪيلو ٿئي ٿو، تڏهن ڪرشن ڪيس ڪوني ٿو. پوءِ ڪيئن نہ هِي وڃي ٿو. خبر پويس ٿي وَلڀ آچاريہ جي.

Vallabhacharya was regarded as a great teacher of India

ڀارت ۾ خاص ڪري ٽي آچاريہ ٿِي ويا آهن. هڪڙو شري شنڪر آچاريہ، توهان اُن جو نالو ٻڌو آهي. ٻيو شري وَلڀ آچاريہ ۽ ٽيون شرِي ماڌوَ آچاريہ. وَلڀ آچاريہ اَچِي برندابن ۾ پنهنجو ديرو ڄمايو. وَلڀ آچاريہ کي ٻڌائين ٿا تہ هڪڙو آهي سوُرداس، جو رڳو شري ڪرشن جون ليلائون پيو ڳائي. وَلڀ آچاريہ چيو تہ جيڪر مان هن جو درشن ڪريان. پوءِ هنکي ماڻهو موڪلي ٿو. سوُرداس چوي ٿو تہ وَلڀ آچاريہ مونکي ڪوني ٿو! وَلڀ آچاريہ ڪٿي، مان ڪٿي؟ پوءِ اَچي ٿو. وَلڀ آچاريہ ڪيس چوي ٿو تہ مونکي ڪو گيت ٻڌاءِ. He was full of spirit of humility سوُرداس، جو پهريون ئِي پهريون گيت وَلڀ آچاريہ کي ٻڌايو، تنهنجي پهرين پهرين سِٽ هئِي: ”هرِي! مئن سڀ پَتتن ڪو آءِ!“ هرِي آهي ڪرشن جو نالو، پريوءَ جو نالو. چوي ٿو، پريوُ! مان سڀِني پَتتن کان وڌيڪ پَتِت آهيان. I am the most fallen amongst the fallen ones. اِهو گيت

ياني هوندو هو. اوُڌوَ سمجهندو هو تہ هي گوپيون جيڪي آهن،
ن کي ڪو عقل ڪونهي. شيام! پيبون رڳو ڪن ۽ اُنهن
ي پوُرو عقل ڪونهي. ڪرشن چاهيو ٿي تہ مان اوُڌوَ کي
وڪليان، جيئن کيس خبر پوي تہ پريم گيان کان مٿي آهي.
وهين نہ پڇندا ڪنهن پڳت کان تہ تنهنجو ڌرم ڪهڙو آهي؟
وُ چوندو تہ منهنجو ڌرم آهي ڪرشن پريم. سمجهو
وُرداس،- جي سوُرداس کان پڇندا تہ تنهنجو ڌرم ڪهڙو
هي؟ چوندو تہ منهنجو ڌرم آهي ڪرشن پريم. نڪو هندوُ،
ڪو مسلمان، نڪو ڪرستان، نڪو پارسي. ڪرشن پريم!
ڪرشن پريم! ڪرشن پريم! تنهنجي ذات ڪهڙِي آهي؟
نهنجو نالو ڪهڙو آهي؟ چوندو ڪرشن پريم، ڪرشن پريم.
الو آهي ڪرشن داس، ڪرشن داس. تنهنجو مڪان ڪٿي آهي؟
نهنجو مڪان آهي ڪرشن ڌام ۾. اُنهن لاءِ رڳو ڪرشن! ڪرشن!
ڪرشن! اِنسان جڏهن اَڪيلو ٿئي ٿو، تڏهن اِها حالت ٿئي ٿِي.
Then he is ready to go to the Lord

اوُڌوَ کي پنهنجي گيان تي اَيمان هوندو هو. چوندو هو
ہ مان گياني آهيان. پوءِ ڪرشن چويس ٿو تہ مان توکي هڪڙو
ط لکِي ٿو ڏيان، تون جيڪر ڪٽِي وڃين گوپين وٽ. ڪرشن
ي دل ۾ اِهو ويچار هو تہ هي وڃي برندابن ۾ تہ educate ٿِي
He may realise that love is superior to Gyana. .چي

پوءِ اوُڌوَ چنِي کٽِي اَچي ٿو برندابن ۾. پهرين پهرين

تنهنجي ڪرپا جو پاتر مان ڪيئن ٿيان؟
مدايون منهنجون ڪو تون معاف،
دِلڙِي منهنجِي ڪر تون صاف!
پيئي آهيان تو پناري،
ٻيڙِي پُراڻِي لڳائج ڪناري!
ٻڌِي ساک تنهنجِي، تو وٽ آئِي آهيان،
ڏي پناهه پيرن ۾، پيئي وَرِ وَرِ پڪاريان!
گهران ڪين نوُرِي، فقط چرنن جي ڌوڙ،
اَنجلِي اِپاڻِي ڪر قدمن قبول!

ٻيو ڪجهه مونکي کپي ڪين! مونکي کپي، تنهنجي پيرن ۾، تنهنجي قدمن ۾ قبول پوان! جيئن تون مونکي چئي سگهين: تون منهنجو آهين، مان تنهنجو آهيان!

پوءِ اُن ڏينهن کان وٺِي هن جِي ڪرشن ليلا شروع ٿئي ٿي. اَلائي هزارين گيت ڪرشن ليلا جا هن ڳايا آهن. اُنهن مان ڪي آهن، جيڪي collect ڪري سگهيا آهن ۽ اَڄ ڏينهن تائين مندرن ۾ اُهي گيت ڳائيندا آهن. خاص ڪري هڪڙو section آهي، اوُڌوَ جو. اوُڌوَ کي شرِي ڪرشن موڪلي ٿو دوارڪا مان.
Udhav was perhaps the nearest disciple of Shri Krishna.
چوندا آهن تہ اَرجن was the dearest disciple، پر اوُڌوَ سان شري ڪرشن ڏاڍو intimate هوندو هو، هن سان گهرو ناتو هوندو هوس. پوءِ ڪرشن موڪلي ٿو اوُڌوَ کي تہ گوپين وٽ وڃ. اوُڌوَ

ڪري ٿو تہ سچو آنند، سچي خوشي ملي ٿي پريم ۾، ڪرشن
ريم ۾. There is a true joy of life، پوءِ تہ اهڙو مگهن ٿي
چي ٿو، جو ڪيس خبر ئي ڪين ٿي پوي. ڏينهن پنيان ڏينهن
چن ٿا گذرندا. هن کي ڪرشن وسري ويو. هڪ ڏينهن پڇي ٿو
نہ اَڄ تاريخ ڪهڙي آهي؟ ڪيس ٻڌائين ٿا. چوي ٿو ڇهہ مهنا
ٿي ويا آهن تہ مان اُتان آيو آهيان! مان پيو سمجهان تہ مان اَڄا
ڪلهہ اُتان آيو آهيان. هينئر بدليل mood ۾ موٽي ٿو. ڪرشن
چويس ٿو، خبر ڪر. چوي ٿو تہ هڪ هڪ گوپي منهنجو گروُ
آهي. شل اِن ٻچتي ڀاوَ ۾ اَسين وڏندا رهون!

گوپيِ جا گڏجيس ٿيِ، اُن کي چوي ٿو تہ توهان لاءِ ڪرشن مون کي هيءَ چٺيِ ڏنيِ آهہ. سوُرداس پنهنجن گيتن ۾ اِهو سچو describe ٿو ڪري تہ ڪيئن اوُڌوَ اَچي ٿو. گوپين کي خبر پوي ٿيِ تہ دُوارڪا مان شري ڪرشن، اوُڌوَ کي هٿ موڪليو آهي. اوُڌوَ کي سڀ چنبڙيِ ٿيون پون. اوُڌوَ هنن کي پٽر ڏئي ٿو ۽ چوين ٿو تہ شري ڪرشن مون کي هيِ پٽر ڏنو آهي. پٽر هٿ ۾ گوپيءَ ڪنيو ۽ بس اَندر سندس هلچل مچيِ ويئيِ. ڪرشن ويهيِ اَسان کي ياد ڪيو آهي! ايڏو ياد ڪيو اَٿائين، جو پنهنجي هٿن سان ويهيِ پٽر لکيو اَٿائين، ۽ اُهو خط اَسان کي موڪليو اَٿائين! پوءِ اِن ويچار ۾ هِن جي اَکين مان ڳوڙها پيا ڳڙن. اِنڪري پڙهيِ نہ سگهي. پوءِ ٻيءَ گوپيءَ کي ڏئي ٿيِ تہ تون پڙهہ، مان نٿي پڙهيِ سگهان. ٻيءَ گوپيءَ جيِ بہ ساڳيِ حالت. ٽين گوپيءَ جيِ بہ ساڳيِ حالت. چوٿين گوپيءَ جيِ بہ ساڳيِ حالت. جڏهن اوُڌوَ ڏسي ٿو تہ عجب ۾ پئجيِ وڃي ٿو! چوي ٿو، هيِ ڇا! پوءِ گوپين کي سمجهائي ٿو ۽ گيان ڏيڻ جيِ ڪوشش ڪري ٿو. ہ گيان ڏئين ٿو ۽ چوين ٿو تہ ڪرشن ڪو ٿوروئيِ اُهو آهيَ، جو سرير ۾ آهي. ڪرشن تہ هرهنڌ وياپڪ آهي. جتي ڪٿي آهي. توهين ڪرشن ڪرشن ڪري منجهي پيئون آهيو ۽ حياتيِ اَجائيِ وڃئيون وڃايون. ڪرشن تہ هرهنڌ حاضر ناظر آهي.

پوءِ جڏهن اوُڌوَ گوپين جو سنگہ ڪري ٿو تہ realise

ن وڃائيندا سين. قرض جو آهي اَسان تي، سو لاهيندا سين. هي
نجا پڳل روپ،- دکي دردر، دين مسڪين، پکي پسون، تن جي
ا ڪندا سين، تن کي پيار پيئاريندا سين.

ڪلهہ هڪ ننڍڙي ٻالڪيءَ وينتي گيت ڳايو:- ”ميري بينا
رهي هئہ، ساري دنيا سو رهي هئہ: ڪهان هو؟ ميري پيئا! تو
ڪهان هو؟“ ساري دنيا ستل آهہ. اَسين پيا پاڻکي سجاڳ
سمجهون، پر آهيون ستل. ڪم ڪار ڪريون پيا، روز بروز جو ڌنڌو
نوار هلايون پيا، پر آهيون ننڊ ۾. ۽ هن گيت جي آهي هيءَ
ڪار:- منهنجا پريتم! دنيا ساري ستل آهہ ننڊ ۾، پر هيءَ دل
ل ڪين آهہ. تو پنهنجي ڪرپا ۾ هي هردو سجاڳ رکيو آهي.
ڪري اَندر مان وري وري اُٿي پيو اِڪ آواز:- ”ڪهان هو؟ ميري
ئا! تو ڪهان هو؟ ڪٿي تو پاڻ آهہ ڇپايو؟ چون ٿا، تون آهين
ديڪ ۾ نزديڪ، پر تون ڪٿي؟“ جنهن جي اَندر اِها پڪار اُٿي
، سو سڀاڳو. اُهو پنهنجا فرض پالن ڪري ٿو. فرض کان منهن
ين ٿو موڙي، پر اَنئي پهر سندس دل ۾ آهي پياس جي پڪار.

سجاڳ اِنسان جي نشاني ڪهڙي؟ پريوءَ جي ڪرپا سان
سجاڳ ٿئي ٿو، اُن جي هڪ نشاني هيءَ آهہ:- هن پرئي سنسار
هو ڪجھ بہ پنهنجو ڪري نٿو سمجهي. اَسين ”مان“ ۽
هنجي“، اِنهن ويچارن ۾ اَڙيل آهيون. سجاڳ اِنسان پروڙي ٿو
منهنجو ڪجھ ڪين آهہ. هيءَ پرٿوي آهہ هڪ رنگہ منچ
(stag)، اُن جو پارٽ اَدا ڪرڻ آيو پارٽ پوريءَ طرح ڪري ٿو،

(۴)

پيکت پُنڊلِڪ

منهنجو پتا تون منهنجي ماتا!

کهڙو نہ منو وڇن اَسانکي هينئر ''نوري گرنٿ'' مان مليو!

ڦيريءِ وارو تنهنجو پيو ٿو ڦران:
ڏنئہ ڪم جيڪو هِت هُت ڪريان!
وڃان آنءُ گهرن ۾، وڃي ٻوڙها ٻاڙيان:
اَلا! ڪين سمجهن: پيو تن لئہ پڪاريان!
ٻڌن پيا، اَفسوس! ٻڌن ڪين پيغام:
نہ نوُرِي ٿا پاڙين پنهنجو تہ اَنجام!

هنن ٿورن اکرن ۾ پيارو دادا پنهنجي تصوير چٽي ٿو. چوي ٿو:- منهنجا پريو! تنهنجو پيغام ڪٽِي هِت هُت پيو ڦران. لوڪ ويچارا ستل: تن لاءِ وينو ٻوڙها ٻاڙيان. پيو تن لاءِ تنهنجي ڪمل چرنن ۾ پڪاريان. اَچن ٿا ڪيترا روز روز. ڏسڻ ۾ اَچي ٿو ٻڌن ٿا، پر ٻڌن ڪين ٿا. چو تہ جي هڪ وار سنتن جو پيغام ٻڌون تہ اَصل جو اَنجام اَسانکي ياد رهي. سو اَنجام ڪهڙو؟ پريو! اَسين هڪ ڪن ٻہ توکي ڪين وساريندا سين. پنهنجو هڪ ٻہ سواس اَجايو

ليو ماتا جي گرپ مان. اُتان نڪري وچي پياسين مايا جي گ
پ ۾. اِن ڪري آهيون اوُنده ۾. ۽ اوُنده ۾ ڪيڏا نہ پاپ ڪريون
! بيشڪ جڳياسوءَ واسطي گرو سڀ ڪجهہ آهہ. گرو پتا آهہ، گرو
اتا آهہ، گرو متر آهہ، گرو دادا آهہ. پر هڪ هڪ سچو گرو پنهنجن
يارن کي هيءَ سکيا ڏئي ٿو تہ پتا ماتا ڏي فرض پالن ڪريو. هڪ
ڪ لاءِ لازمي آهہ تہ پتا ماتا جي شيوا ڪري. ۽ جو پنهنجن فرض
ان منهن موڙي ٿو، پتا ماتا جي شيوا ڪين ٿو ڪري، سو روحاني
اه ۾ واڌارو ڪري ڪين سگهندو.

پُنڊلِڪ هڪ عياشي اِنسان هو. هڪ سندر ڇوڪريءَ سان
ندس شادي ٿئي ٿي. اِستريءَ جي موه ۾ اَڙجِي وڃي ٿو. پتا ماتا
ي ڌيان نٿو ڏئي. سڄو ڏينهن اِستريءَ جي سنگہ ۾ گذاري ٿو.
تا ماتا پيا پڪارين، پر هِي ڪين ٻڌي ڪين ٿو. وقت اَچي ٿو جڏهن
تا ماتا چون ٿا تہ اَنتڪال نزديڪ آهہ، جيڪر سنت رويداس جو
رشن ڪريون. پُنڊلڪ چاهي ٿو تہ پتا ماتا کي تيرٿ ڪرائي اَچان،
ر اِستريءَ پر ٻجي سو. نيٺ اِستريءَ کي مڃائي ٿو. پُنڊلڪ پتا
اتا ۽ اِستريءَ کي وٺي سنتن جي آستان تي اَچي ٿو. سنت رويداس
جي ڌرمسالا جي هڪ چيري تي هڪ ڪمري ۾ پتا ماتا کي رهائي
ٿو ۽ ٻئي چيري تي پاڻ اِستريءَ سان يوڳہ جي زندگيءَ رهي ٿو.
يس اِهو بہ هوش نٿو پوي تہ سنتن جي آستان تي اِئين نہ رهڻ گ
رجي. هوڏانهن پتا ماتا برڌ اَوستا جا پيا پڪارين. ڪين ڪير ڪارائي،
ڪير پاڻي پيئاري؟ پُنڊلڪ جو سمورو ڌيان اِستريءَ ۾ آهي. سنتن جي

پر سندس هردي اَندر آهہ پڪار اِڪ پريتم واسطي، تلاش اِڪ سچڻ واسطي. ۽ هوُ چاهي ٿو تہ ڪو ملي، جو محبوب جي مڪان جو رستو ٻڌائي. ”محب ملڻ ڪي راهہ، مجهي ڪوئِي ٻتاوي!“ ڪو ڪپي جو مونکي اِها راهہ ٻڌائي،- محب ملڻ جي راهہ. ۽ جڳياسوءَ تي جڏهن پريوءَ جي ڪرپا ٿئي ٿي، تڏهن کيس ملي ٿو اُهو، جنهن کي ڪونين گروُ. خوشيءَ ۾ پرجي جڳياسوءَ جي رڳ رڳ پڪاري ٿي:- ”گروُ لڌا! گروُ لڌا!“ ۽ هينئر جڳياسوءَ کي ٻي ڪا چاهنا ڪين آهہ. هن لاءِ گرو سڀ ڪجهہ آهہ. دنيا ۽ دنيا جا پدارٿ، ناتا سنٻنڌي، سڀ جوُٺا ڪري ٿو سمجهي. هڪ گروُ ئِي سچو آهہ: ٻيو سڀ آهہ ڪوُڙ. جڳياسوءَ جي دل منجهان اُٿي ٿي اُها پڪار، جا پيارو دادا پنهنجي مٺي گيت ۾ اَسانکي ڏئي ٿو:-

منهنجو پتا تون منهنجي ماتا،
ڪين سچاٽان ڪي ٻيا ناتا!
متر منهنجو اِڪ تون ئِي آهين،
ستگر دادا، منهنجو سائين!
سد سد تون ئِي آهين ديال،
ڪيتر ۾ اِڪ تون ئِي رکپال!
چنتا گئي سڀ آج هماري،
نوُري سڦل ٿي جيون ساري!

بيشڪ، ماتا پتا اَسانکي جنم ڏين ٿا. عمر پر اَسين سندن شڪرگذار ٿيون. پر اَسانکي هڪ ٻيو جنم وٺڻو آهي. هڪ جنم

و آهين. پر هن وقت مان تو وٽ نٿو اَچي سگهان، ڇو تہ منهنجي پتا
مٿو منهنجي گود ۾ آهي. جي ڇُرندس تہ پتا جي ننڊ ڦٽي پوندي!“
ڊلڪ هڪ سِر ٻاهر اُڇلائي ٿو ۽ ڀڳوان کي چوي ٿو:- ”منهنجا پرڀو!
ن هن سِر تي ويهہ. پتا ننڊ مان اُٿندو تہ مان يڪدم ڊوڙندو تو وٽ
ندس.“ شري ڪرشن اِن سِر تي ويهي رهي ٿو. اِن ڪري هن پاسي
ري ڪرشن کي ڪوئين ”وِٺل“ يعنِي اُهو جو بيٺو رهيو. شرِي ڪرشن
هنجي پياري لاءِ ويهي رهي ٿو. اُن آستان تي پُنڊلڪ جو مندر ٺهيل
ـہ.

هاڻي پُنڊلڪ جو ناماچار وڃي پيو وڌندو. وٽس شاهوڪار اَچن
ي راجائون ۽ راڻيون اَچن ٿيون. جهوپڙيءَ ۾ رهندو هو، غريبيءَ ۾
ت گذاريندو هو. هاڻي ڪيس ڪيتريون پيٽائون ملن ٿيون. ڀڳوان جو
ندر جوڙائي ٿو. لوڪ مندر جي درشن ڪرڻ لاءِ اَچن ٿا، پاڻ سان طرحين
ر حين قسمن جون پرساديون کڻِي اَچن ٿا. پُنڊلڪ ڀوڳہ لڳائي سڀ مال
ايون ورهائي ڇڏي ٿو. کيس سچو گيان آهہ. پنهنجي لاءِ ڪجهہ ڪين
ر کي. اِئين ڪي سال گذرِي وڃن ٿا.

هڪ ڏينهن هڪ ٨ ورهين جو ٻالڪ مندر ۾ اَچي ٿو. بڪايل
ي. سندس ڪپڙا ڦاٽل ۽ ميرا آهن. هيڏانهن هوڏانهن نهاري ڏسي ٿو
ڪير ڪين آهہ ۽ شري ڪرشن جي چرنن ۾ ميوا ۽ مٺايون رکيون
ن. بڪايل آهي، سو کڻِي کائي ٿو. اُن وقت پُنڊلڪ اَچي ٿو سهڙي.
ڪ کي ڏسي ٿو ۽ کيس چوي ٿو:- ”پيارا! تون ڊڄ نہ! جيڪي وٺيئي،
ي کڻِي کاءُ. پر مون کي ٻڌاءِ تہ تون ڪير آهين؟“ ٻالڪ پنهنجو حال

ڪن تي اِها خبر پهچي ته سنت ديالو، سد سد ديالو! پاڻ اَچي پُنڊلڪ کي سکيا ڏين ٿا. چونس ٿا، جو پتا ماتا جي شيوا نٿو ڪري، سو نرڪ نواسي ٿئي ٿو. سنتن جي اکرن ۾ شڪتي آهه، جادوءُ آهه. پُنڊلڪ جي دل ۾ ڦيرو اَچي ٿو. پتا ماتا سان گڏ سندن ڪمري ۾ رهي ٿو. دل و جان سان شيوا ڪري ٿو. چوي ٿو، هاڻ اِستريءَ جو غلام ڪين ٿيندس. پنهنجا فرض پالن ڪندس. اِستريءَ کي ڪاوڙ لڳي ٿي ته پُنڊلڪ کي چوي ٿي تہ وڏيڪ توسان ڪين رهنديس، پيڪن ۾ وينديس. پُنڊلڪ پرواهہ نٿو ڪري.

تيرٿن تان پُنڊلڪ پتا ماتا سميت واپس پنهنجي گهر پنڌرپور ۾ موٽي ٿو. ته سمورو وقت پتا ماتا جي شيوا ۾ گذاري ٿو. هڪ ڏينهن پتا کي اِشنان ڪرائي، رسوئي ڪارائي، پُنڊلڪ پنهنجي گوڏي تي ڪيس سمهاريو آهي. وري وري پُنڊلڪ پيو پنهنجي پتا ڏي نهاري، ڳوڙها ڳاڙي. پاڻ کي پيو چوي:- ”مون اڳہ پروڙيو ڪين. وري بہ شڪر جو سنتن منهنجون اکيون کوليون!“ اُن وقت ڇا ٿو ٿئي؟ پُنڊلڪ جي درشن ڪرڻ لاءِ پريو پاڻ اَچي ٿو. شري ڪرشن اَچي ٿو. پُنڊلڪ جي گهر جي ٻاهران بيهي پڪاري ٿو:- ”پُنڊلڪ! منهنجا پيارا! تنهنجي درشن ڪرڻ لاءِ آيو آهيان.“ ڀڳوان جي ڪيڏي نہ نئڙت ته ڪيڏي نہ ڪرپا! پنهنجي ڀڳت جي درشن ڪرڻ لاءِ پاڻ اَچي ٿو! اِهو ويچار ڪري منهنجون اکيون آليون ٿين ٿيون. پُنڊلڪ جي گهر ٻاهران بيهي پُنڊلڪ کي شري ڪرشن پڪاري ٿو. ته گهر جي اَندران پُنڊلڪ چوي ٿو:- ”منهنجا پريو! تنهنجي ڪيڏي نہ ڪرپا! تون پاڻ پنهنجي داس وٽ

(۵)

ڀڳت مُراريِ داس
پرڀوءَ جو نواس ڪٿي؟

هڪ وڏو صوفي درويش ٿي ويو آهي،- بايزيد، جنهن کي
يزيد ڪري پڻ ڪوٺيندا آهن. هي درويش چوي ٿو، جڏهن
هنجي اَندر پياس اُٿي ٿي، مان ڪِٿ ڪِٿ نہ وڃان ٿو،-
بستان جي جدا جدا نگرن ۾ وڃان ٿو، مصر ۾ وڃان ٿو، هندستان
وڃان ٿو،- پر جنهن جي تلاش ۾ آهيان، مون کي ملي ڪين ٿو،
و تہ اُهو تہ منهنجي اَندر ئي هو. ڪيس ڪٿي مان پئي ڀٽڪيس
ڏهن ڪِٿ تہ ڪڏهن ڪِٿ.

هڪ پنهنجي آزموديِ جو ذڪر ڪري ٿو پنهنجن پيارن
ن. چوي ٿو: هڪ ڏينهن مان ڏيان ۾ ويٺو هوس. منهنجي ڌارا
ڙهي وڃي ٿي، پرڀوءَ جي دربار تائين وڃي پهچي ٿي. پرڀوءَ
ي دربار جي اَندر وڃان ٿو. ڏسان ٿو پرڀوءَ جو تخت، پرڀوءَ جو
گهاسن خالي آهي. تڏهن فرشتن کان پڇان ٿو. پرڀو ڪٿي؟ فرشتا
ون ٿا: پرڀو تہ آهي اِنسانن جي دلين اَندر. دربار تہ پرڀو ڇڏي
و، تنهن کي ڪيترو وقت ٿيو. پنهنجو نواس وڃي ڪيو اَتائين
سانن جي دلين اَندر.

هن سان اوڙي ٿو. چويس ٿو، ڪجھ مفاصلو پري مان پنهنجي ماتا سان هڪ پڳل جهوپڙيءَ ۾ رهندو آهيان. منهنجي ماتا ڪم ڪندي هئي. ڪجھ ڪمائي پاڻ به کائيندي هئي ۽ مون کي به کارائيندي هئي. ڪيتري وقت کان بيمار آهي. اسان جي گهر ۾ ڪجھ به ڪين آهي. مان بکايل آهيان. منهنجي ماتا مون کي هن مندر جو ڏس ڏنو. چيائين: ”مندر ۾ وڃ. توکي پرساد ملندو. تون کائي ڪجھ مون لاءِ کڻي اچ.“ پُنڊلڪ جي دل ۾ ديا آهہ. هيءَ ڳالھ ٻڌي ٿو ۽ سندس اکيون آليون ٿين ٿيون. ٻالڪ کي نئون وڳو پهرائي ٿو ۽ چويس ٿو: ”ٻالڪ! مون کي پنهنجي گهر وٺي هل ته مان تنهنجي ماتا جي ڪجھ شيوا ڪريان!“ پاڻ سان ميوا مٺايون ۽ اَن کڻي هلن ٿا. جهوپڙيءَ جي اندر اچي ٿو. ڏسي ٿو ته هيءَ ته سندس اِستري آهي. پيڪن ۾ ويئي، پر ڪيس ڪين رهايائون لڄ وچان پنهنجي پتيءَ وٽ ڪين آئي. هڪ ٻئي کي سڃاڻن ٿا، هڪ ٻئي جا اَپراڌ معاف ڪن ٿا. پُنڊلڪ اِستريءَ ۽ ٻالڪ کي پنهنجي گهر وٺي اچي ٿو.

اَچ جيڪر هي ويچار پاڻ سان کڻي وڃون. پتا ماتا اَسان جا جنم داتا آهن. اَسان جو فرض آهي، اُنهن جي شيوا ڪريون، جي نتا ڪريون ته پنهنجي واسطي سنو ڪرم ڪين ٿا پوکيون. پتا ماتا جي دل وَ جان سان شيوا ڪريون، پر اُن سان گڏ نه وساريون ته اَسان جو سچو جنم داتا، جو اوُنده مان ڪڍي جوت ۾ آڻي ٿو، سو آهي گرو. گروءَ جي چرنن ۾ اَچو ته گڏجي وري به سِر جهڪايون، آسيس پايون، پنهنجو مانکہ جنم سڦل ڪريون!

ن تون کيس ياد ڪجانءِ! ياد رک، هڪ هڪ مالڪ پنهنجي داس
ي سنڀال لهي ٿو. هڪ هڪ مالڪ پنهنجي داس جون گهرجون اُن
ي پهچائي ٿو. اِن ڪري تون سنساري گُهرجن ۽ سنساري پدارٿن
بت ڪابہ چنتا نہ رکجانءِ. ڪرشن پاڻيهي توکي پهچائيندو.“
ي اکر چئي ماتا گذاري ويئي ٿي.

هينئر هي ننڍو ٻالڪ مُراري داس چوي ٿو: نڪي ماتا،
ڪي پتا، نڪي ڀيڻ، نڪي ڀاءُ، مان تہ سڄي سنسار ۾ اَڪيلو، پر
ڪيلو تہ ڪين آهيان، چو تہ مُراري داس آهيان، منهنجو مالڪ
ون سان آهي. منهنجو ڪرشن، موهن مُراري مون سان گڏ آهي.
وي ٿو: چو نہ مان وڃي ڪنهن ڪرشن جي مندر ۾ رهان. هڪ
نگل مندر آهي جنهن ۾ هڪ ڀڳل ڏاڪڻ آهي. اِن ڏاڪڻ جي هڪ
اڪي تي وڃي هي ٻالڪ وِهي ٿو. مٺو آواز ڪيس هو. ڳائيندو هو،
ڪيترين دلين تي اَثر ڪندو هو. ڀڳتيءَ ۾ ڳائيندو هو.
يس سرير جي سُڌ ٻُڌ سڀ وِسري ويندي هئي. اِئين سمجهندو
و تہ شري ڪرشن جي چرنن ۾ بيٺو آهي. بيٺو شري ڪرشن جي
هما ڳائي. ڀائر ڀينر سندس ڀڄن ٻڌندا هئا. ڪين اُهي ڀڄن ڏاڍو
ڻندا هئا، خاص ڪري ڀينرن کي. ڀينرون اِن مندر وٽان
گهنديون هيون، مُراري داس کي چونديون هيون: تون ڀڄن ڳاءِ،
سين توکي ماني ، مکڻ، مصري ڏينداسين. ڳائيندو هو، ڪيس
اڏو ڏيندا هئا.

هڪ ڏينهن شايد ٽڏ آهي. مُراري داس مندر ۾ ويٺو آهي.

اِها پروُڙ پوي ٿي، جڏهن اِنسان تلاش ۾ نڪري ٿو. هِت هُت وڃي ٿو، هڪ ڏينهن مٿس ڪرپا ٿئي ٿي، ڪيس پروُڙ پوي ٿي تہ جنهن جي تلاش ۾ مان پيو ڀٽڪان هِت هُت هرهنڌ، اُهو تہ منهنجي دل جي اَندر آهي، منهنجي اَندر پاڻ براجمان آهي.

مون کي هڪ سَت پرکہ جي ڳالهہ ياد اَچي ٿي. هن پياري جو نالو مُراري داس. مُراري داس جو جنم ٿئي ٿو، هڪ غريب ڪٽنب ۾، پر سندس ماتا ۽ پتا ٻئي ڪرشن ڀڳت هئا. اِن ڪري جڏهن کين هڪ ئي پُٽ ڄمي ٿو، چون ٿا: هن تي اَسين نالو رکنداسين مُراري داس. مُراري داس، شري ڪرشن جو داس! سندن دل جي پياس هي ٻالڪ عمر ۾ وڌي، شل ڪرشن جو داس ٿي رهي!

ننڍو آهي عمر ۾، سندس پتا گذاري وڃي ٿو. سندس ماتا هن ٻالڪ کي ڪيڏو نہ پيار ڏئي ٿي. پر پريوءَ جو، ڪرشن جو حڪم اِئين آهي، ماتا بہ جلدي اُن ڪانپوءِ گذاري وڃي ٿي. پڇاڙيءَ جي وقت پنهنجي پٽ کي سڏي ٿي. چوي ٿي: ”منهنجا پُٽر! مون کي ڪا چنتا ڪين آهي. نہ پنهنجي چنتا اَٿم، نہ تنهنجي چنتا اَٿم، ڇو تہ مان اِئين پيئي سمجهان تہ شري ڪرشن پاڻ آيو آهي مون کي وٺڻ واسطي. مون کي وٺي هلندو گئو لوڪ ۾، ڪرشن ڌام ۾، پريم ڌام ۾، پرم ڌام ۾. پر منهنجا ٻالڪ! مون کي تنهنجي چنتا ڪين آهي. تون اُن ڪرشن جو داس آهين، تون مُراري داس آهين. ڪرشن کي نہ وِسارجانءِ، پر سواس سواس

ڇهندا آهيون اَلائي ڪٿ پري پري آسمان ۾ وڃي پهتا آهن.
منهنجا پيارا! اَسان جي نزديڪ آهن. پر ڇو تہ سوُڪيم سرير ۾
، هنن اِسٿول اکين سان اَسين کين ڏسي نٿا سگهون. پري کين
. فقط پردي پنيان آهن. وينا اَسان ڏي نهارين، وينا اَسان
پڪارين: ڪريو تياري! ڪريو تياري! ڇو تہ توهان جو بہ
اَچي پيو. جنهن ڪمائيءَ واسطي توهين هت پرتويءَ تي
آهيو، اُها ڪمائي ڪريو، ڪندا رهو. جنهن ڏينهن توهان اُها
مائي نہ ڪئي آهي، توهان جو ڏينهن اَجايو ويو.

مُراريءَ پنهنجي ماتا جو درشن ڪيو آهي.

The mother materialised herself

پنهنجي ماتا جو درشن ڪيو اَٿائين ءِ هينئر سندس
نتا عجيب ٿي ويئي آهي. ڪنهن بہ پيڻ کي ڏسي، اِئين پيو
مجهي تہ هيءَ منهنجي ماتا آهي. وڃي اُن کي پياري ماتا!
تا! اَمي! چئي اُن کي چنبڙي. سمجهي هيءَ منهنجي
تا آهي. وڏي هجي يا ننڍي هجي، هڪ هڪ ۾ پنهنجي ماتا
روُپ پيو ڏسي. ڪرشن جا ڀڄن پيو ڳائي. نگر جا ڇوڪرا
ن ٿا تہ هي پاڳل ٿي پيو آهي. اَسان جي ڀينرن اِسترين کي
ي تو چنبڙي، پيو چوي: ماتا! ماتا!

دانهن وڃي ٿي راجا تائين پهچي. راجا جا ماڻهو مُراري
س کي وٺي وڃن ٿا. راجا جي اَڳيان اُن کي رجوُع ڪن ٿا. راجا
س چوي ٿو: مُراري داس! هيءَ ڳالهہ سني کين آهي، ڀينرن

ٽي ڏينهن ٽڏ جا ڪير بہ اُتان لنگهي نٿو. بڪايل، روئيءَ ٽڪر کنهن کيس ڪين ڏنو آهي. نڪي ماني، نڪي مصري، نڪي مکڻ. بڪايل آهي ويچارو.

هينئر چوڪر آهي. سندس مٿو چڪر ۾ آهي ۽ اُن وقت ٽن ڏينهن کانپوءِ ڇا ٿو ڏسي؟ پنهنجي سامهون هڪ روشن روُپ ڏسي ٿو. چوي ٿو: هيءَ تہ منهنجي ماتا آهي. منهنجي ماتا هت ڪٿان آئي؟ ماتا جي هڪ هٿ ۾ ٿالهي آهي. ٻئي هٿ ۾ پاڻيءَ جو گلاس. مُراريءَ کي چوي ٿي: منهنجا پُٽر! مون توکي ڇڏيو ڪين آهي. مان توکان پري ڪين آهيان. مان تنهنجي بلڪل نزديڪ آهيان. تون پاڻ کي ڪڏهن اَڪيلو نہ سمجهجانءِ. تون بکايل آهين. مون تو واسطي ماني آندي آهي. تون اُڃايل آهين. مون تو واسطي سيتل جل آندو آهي. ۽ ماتا پنهنجن هٿن سان ڳِٽيون ڪري مُراري داس کي کاڌو کارائي ٿي. سيتل جل پيئاري ٿي. کيس چوي ٿي: هينئر رات جو وقت اَچي ويو آهي. نماشام بہ پوُري ٿي ويئي آهي. تون منهنجي گود ۾ سُمهي پئُہ، تون ننڊ ڪر. ماتا جي گود ۾ سمهي پوي ٿو. ٻئي ڏينهن اُٿي ٿو: ماتا ڪٿي؟ مان ماتا جي گود ۾ سمهيو پيو هوس. منهنجي ماتا ڪٿي؟ پر اُن ڏينهن کان کيس وشواس ٿئي ٿو تہ اَسان جا پيارا، جي پرلوڪ ۾ وڃن ٿا، اَسان کان پري ڪين آهن، پر اَسان جي نزديڪ آهن.

منهنجا پيارا! اَسان مان هڪ هڪ ڪيترا ڪٽنب جا ڀاتي وڃايا آهن. اَسان مان هڪ هڪ جا سنبنڌي پرلوڪ ۾ ويا آهن. اَسين

ا چرن ڇهيا، اُنهن لهرن جو جل ڪٽي پنهنجين اکين تي رکي
و. لهرن ۾ پاڻ کي صاف ڪري ٿو.

نگر ۾ ڪي حالتون ٿين ٿيون، جن ڪري راجا کي خيال
ٿي ٿو. مون شايد هن پيگت سان پوري هلت نه هلي آهي. اِن
ڪري نگر تي هي آفتون ڪڙڪيون آهن. چوي ٿو: اَجا اَلائي ڇا
ٿي. بهتر آهي مان يڪدم وڃان. مُراري داس کي هت واپس
ٿي اَچان. پالڪيءَ ۾ چڙهي وڃي ٿو. هڪ خالي پالڪي پاڻ
ان ڪٽائي برندابن ۾ اَچي ٿو. مُراري داس کي ملي ٿو. چويس
و: پيارا! مون کي معافي ڏي، مون توسان پوري هلت ڪين
لي. هاڻي تون موٽي هل پنهنجي وطن. مان پالڪي ڪٽائي
يو آهيان، جنهن ۾ توکي وهاري وٺي هلندس پنهنجي وطن.

مُراري داس جي دل اَندر ته ڪو وير وروڌ ڪين آهي.
ڪ هڪ سچي پيگت جي اِها نشاني اَٿو. توهين هن جي ننڌا
ڪريو، اُن بابت غلط فهميون اُٿاريو، توهين اُن سان تکو ڳالهايو،
ن تي اَثر ٿيندو ڪين.

مُراري داس وري وري لوڪن کي اِها سکيا ڏني: شري
ڪرشن توهان جي دلين جي اَندر وينو آهي. اَندر وڃو! توهين
منهنجو درشن ڪرڻ چاهيو ٿا، منهنجو درشن ڪري توهين ڇا
ڪندا؟ منهنجي ناڪر، منهنجي سوامي، منهنجي ڪرشن جو
توهين درشن ڪريو! ڪرشن وينو اَٿو دل دل جي اَندر! اِن ڪري
دليون کوليو! پنهنجي اَندر وڃو!

ڪي تون وجي پڪڙين ٿو. پڪڙي چوين ٿو: ماتا! ماتا! توکي هيءَ سزا ڏيون ٿا. هن نگر مان توکي نيڪالي ڏيون ٿا. توکي هن نگر ۾ رهڻ جي لائقي ڪين آهي.

مُراري داس سِر جهڪائي ٿو. چوي ٿو: راجن! جيڪو توهان جو حڪم! چو تہ اِهو توهان جو حڪم ڪين آهي. توهين اِهو حڪم ڪيو ڪين ها، جيستائين شري ڪرشن جو اِهو حڪم نہ هجي ها. چو تہ سڀ ڪجهہ شري ڪرشن وينو ڪري. هي سڄو سنسار اِڪ کيل آهي،- پُتلين جو کيل. پُتلين کي هڪ ئي وينو نچائي، اُهو آهي ڪرشن. اِن ڪري مان توهان جي حڪم اَڳيان سِر جهڪايان ٿو. مان شري ڪرشن جي اِڇا خوشيءَ سان قبول ڪريان ٿو.

مُراري داس نڪري ٿو. نگر ڇڏي ٿو. پنڌ پوي ٿو. پيا دل ڳوٺ پنيان ڳوٺ لتاڙيندو نيٺ اَچي برندابن جي ڀوُميءَ ۾ پهچي ٿو. برندابن، ڪرشن جي ڀوُمِي، جت شري ڪرشن، اَسان جي پريتم پنج هزار ورهيہ اڳہ جمنا نديءَ جي ڪناري پنهنجي ٻال ليلا ڪئي.

مُراري داس جمنا نديءَ ڏي نهاري ٿو. جمنا جون لهرون پيئيون کيس سڏين. ڪئن نہ روز روز جمنا جي لهرن ۾ وڃي هِي پيارو اِشنان ڪندو هو. هڪ وار ويندو هو، نڪرڻ تي دل ڪين ٿيندي هئس. ڪڏهن اَڌ ڪلاڪ، ڪڏهن ڪلاڪ، ڪڏهن وڏيڪ وقت اِنهن لهرن ۾ پيو هوندو هو. اِهي لهرون، جن شري ڪرشن

اَرجن! ڏرمن سين جو ڪري تياڳ،
تون منهنجي شرن آءُ،
تہ پاپن جا بنڌن سڀئي آنءُ توڙيان،
اَچي مڪتي پاءِ!

سڀ ڪان وڏيڪ اَسان تي آهي پاپن جو بوجو. نہ اُهي
اپ جي اَڄ ڪيا اَٿئون، نہ اُهي پاپ جي هن جنم ۾ ڪيا اَٿئون،
ر جنم جنم ۾ اَلائي ڪيڏا پاپ، ڪيڏيون ڳنڙيون ڪٽي پيا
ُهمون. اُهو ڪيڏو نہ بوجو آهي! شري ڪرشن چوي ٿو، سڀ
وجو مان ڪٽڻ لاءِ تيار آهيان. توهان کي فقط مون وٽ اَچڻو آهي.
وهان کي فقط منهنجي شرن پڪڙڻي آهي.
ڏرمن سين جو ڪري تياڳ، اَرجن!
تون منهنجي شرن آءُ،
تہ پاپن جا بنڌن سڀئي آنءُ توڙيان،
اَچي مڪتي پاءِ! اَچي مڪتي پاءِ!

اِن کان وڏيڪ ٻيو اَسان کي ڇا کپي؟ سڀ بوجا، سڀ بار
پيارو پريوُ پاڻ تي کڻڻ لاءِ تيار آهي. اَسين رڳو وٽس وڃون.
وڃون نٿا. ٻين سڀني وٽ وڃون ٿا.- پوليس وٽ وڃون ٿا، ڊاڪٽرن
وٽ وڃون ٿا، بئنڪن ۾ وڃون ٿا. سڀني وٽ وڃون ٿا، پر پريوءَ
وٽ نٿا وڃون، جو سَروَ شڪتيوان آهي.

اِن کي ڪوئين ٿا مايا. مايا پنهنجو پاڇو اَسان سڀني
تي وجهي ڇڏيو آهي. اَسين سڀني وٽ ويندا سين، پر پريوءَ وٽ

(٦)

گجرات جي پگنياڻي ميران

ڪرشنا تُم هو: تو چنتا ڪيون؟

اَڄ صبوح جو اُٿيس. دل ۾ ڪهڙا اکر ٻڌم؟ جي اَکر مون وري وري پئي اُچاريا آهن، جي اَکر اَڄ پاڻ سان ڪٺي آيو آهيان. توهين اِهي اَکر وري وري اُچاريندا آهيو:-

ڪرشنا! ڪرشنا! تُم هو، تو ڪاهي مئن چنتا ڪروُن؟

منهنجا محبوب! منهنجا پريتم! منهنجا جانب! منهنجي دل جا دوست! منهنجا دلبر! تون آهين! پوءِ مان ڇو چنتا ڪريان؟ تون سَروَ شڪتيوان آهين. تون نامُمڪن ڳالهيون مُمڪن ڪري سگهين ٿو. تون آهين، پوءِ مان ڇا جي چنتا ڪريان؟ اِها هڪ ڳالهه جيڪڏهن اَسين هِن ستسنگ مان پاڻ سان ڪٺي وڃون، اَسان جو هِت اَچڻ سڦل ٿئي! پريوُ آهي، پوءِ اَسين ڇو چنتا ڪريون؟ اَسين ڏسو، ڪيڏا بوجا پنهنجي دل تي ڪٺي پيا گهمون. شري ڪرشن چوي ٿو: سڀ بوجا مون کي ڏيو، مان کڻڻ لاءِ تيار آهيان!

پيوءَ ۾ آهي ڪين. تڏهن مان هڪ ناستڪ ٿي پوان ٿو: نالي ۾
ٺو ئي چوندا آهيون پريو آهي، پريوُ آهي. روز پرار ٿنا ٻہ
ندا آهيون:

تون مات پتا، هم ٻارڪ تيري!
تُوَميوَ ماتا چہ پتا تُوَ ميوَا!

تون ماتا آهين، تون پتا آهين پر زندگيءَ ۾
In deeds of daily living, we do not bear witness to it

ڪي ڪي نڪرن ٿا، ڪي ڀڳت، ڪي ڀڳتياڻيون، جيڪي
ن ڳالهہ جي ساکي پنهنجي روز بروز جي جيون ۾ ڏين ٿا.
God is the centre of their life. God is the central pole of the tent of their life

هڪ اَهڙيءَ ڀڳتياڻيءَ جو اَڄ مون ويني ويچار ڪيو.
جرات ۾ هن جو جنم ٿئي ٿو هڪ ڳوٺ ۾، جنهن ڳوٺ جو نالو
رجا، ١٧٥٧ ۾.

١٨ صديءَ ۾، ١٧٥٧ سال ۾، هن پياريءَ ڀيڻ جو
نم ٿئي ٿو. تِن ڏينهن ۾ ڀارت ۾ ننڍي هوندي شادي ڪرائي
ڏيندا هئا. ڇوڪري ڇئن، پنجن، ڇهن ورهين جي ٿيندي
ئي، شادي ڪرائي ڇڏيندا هئا. ڇوڪري پيڪن ۾ رهي پيئي
وندي هئي، جيستائين وڏي ٿئي. وڏي ٿيندي هئي، پوءِ
هنجي گهوٽ وٽ وڃي رهندي هئي.

هيءَ ٻہ پنجن يا ڇهن ورهين جي آهي، تڏهن هِن جي
ادي ڪن ٿا. شادي ٿيٺي آهي، تنهن کا هفتو اڳہ ڪيس اَکين

نہ ويندا سين. پر سچو پڳت پهرين پريوءَ وٽ وڃي ٿو. يادگيري پويم ٿي، اِڪ ڀيڻ، جنهن جي پتيءَ کي اَچي heart attack ٿِي. ڊاڪٽرن چيو، Massive heart attack آهي. هِن کي يڪدم، بنا دير جي اِسپتال ۾ وٺِي وڃو. Ambulance Car آئِي. ڪيس چاڙهي وٺِي پئي ويا اِسپتال ۾. Ambulance Car هتان هن رستي تان لنگهي. ڀيڻ پنهنجن پُٽن کي چيو تہ هتي ترسو، منهنجو ڊاڪٽر هتي آهي. مان هتي ويند يس. توهين پنهنجي پتا کي وٺِي وڃو، وڃِي اِسپتال ۾ داخل ڪرايو. اُتي ڊاڪٽر جيئن چونَ، تيئن ڪجو. مان هِتي ويهِي پوتر سماڌيءَ تي پرارٿنا ڪنديس پنهنجي ڊاڪٽر کي. اَهڙو هڪ case مون هيل تائين ڏٺو آهي. ٻيا case گهٽيئِي ٿيا هوندا. مان ڪو سچو وقت هِت چوڪيدار ٿِي ڪونہ ويٺو آهيان، پر تمام ٿورا case هوندا .

اَسين سيڻي وٽ ويندا سين، پر پريوءَ وٽ ڪين ويندا سين. پريو چوي ٿو، مون وٽ اَچو! هڪ ئِي گيت پريوُ ورِي ورِي پيو ڳائي؛ مون وٽ آءُ! آجا! آجا! وِشرام پاءِ!

ڪرشنا ڪرشنا تُم هو، تو ڪاهي مئن چنتا ڪروُن؟

ڪاهي مئن ڊر ڪرون؟ ڊر ڇا جو؟ چنتا ڇا جيِ؟ تون آهين! جڏهن مان ڊپ ڪريان ٿو، جڏهن مان چنتا ڪريان ٿو، تڏهن مان ڇا ٿو ڪريان؟ مان ڏيکاريان ٿو تہ منهنجو وشواس

ِ تائين. گوڙيِ تيِ هِت آئيِ. اِهو گيان وٺڻ واسطي هِن وريِ
هو جنم ورتو.

منهنجا پيارا! هِن کي به ٻڌائين ٿا ته تنهنجو گهوٽ
ڌاري ويو آهي، پر هن تي کوبه اَثر ڪين ٿيو.

ڪرشنا! ڪرشنا! تم هو، تو ڪاهي مئن چنتا ڪروُن؟

مان ڇو چنتا ڪريان؟ تون آهين: تنهنجي حڪم ۾
سڀ ڪجهه پيو ٿئي. ننڍڙيِ ٻالڪيِ، پنجن ورهين جيِ، ڇهن
رهين جيِ. ڏسو، ڪِن ٻالڪن جيِ، ڪِن ٻالڪين جيِ اَهڙيِ
ڪمائيِ ٿيل آهي، جو ننڍي هوندي کان وٺيِ سندن جيون ۾
ٿوي گڻ پرڪاش ٿين ٿا. وڏيِ ٿئي ٿيِ. شاسترن جو پاٺ ڪري
ٿيِ، ڪرشن جيِ پوڄا ڪري ٿيِ. تِن ڏينهن ۾ ڀارت ۾ ننڍڙا
ننڍڙا States هوندا هئا. سَوَن جي تعداد ۾ راجا هوندا هئا. ڀارت
راجائن سان ڀريل هوندو هو.

هن ٻالڪيءَ جو جنم ٿئي ٿو ڳرجا ۾. نگر جو نالو آهي
ڳرجا. ڳرجا جي راجا کي خبر پوي ٿيِ ته هيءَ ٻالڪيِ، جا ٿاڻي
ٿوريِ وڏيِ ٿيِ آهي، اِڪ ڀڳتياڻيِ آهي، سنتياڻيِ آهي. چوي
ٿو، مان جيڪر هن جو وڃيِ درشن ڪريان. هِن جي درشن لاءِ
راجا پاڻ اَچي ٿو. هِن جو درشن ڪري ٿو. هِن سان گفتگو ڪري
ٿو. ڏسي ٿو ته هن جي اَکرن ۾ ڪيڏيِ نه شڪتيِ آهي. ۽ هيءَ
ڀِهچ واريِ ڀيڻ آهي. هِن کي چوي ٿو ته تون گهر ۾ ڇو رهيِ
پيئيِ آهين؟ مان تنهنجي لاءِ مندر ٿو نهرايان. تون اُن مندر

جي اَچي تڪليف ٿئي ٿي. اَڪين جي تڪليف ٿئي ٿي، پر شاديءَ جي تاريخ اَڳيئي announce ڪري ڇڏي اٿن. چون ٿا، شادي ضرور ٿيندي. هن جون اَکيون بڌل آهن. پٽيون بڌيون پييون آهن اکين تي. شاديءَ ۾ وڃي وهي ٿي هيئن اَکيون بڌل. گهوٽ جو درشن ڪين ڪيائين. اَڙي! ڪنهن سان تنهنجي شادي ٿي؟ تون ويندينءَ رستي تي، هيڏانهن نهاريندينءَ، هوڏانهن نهاريندينءَ ته منهنجو گهوٽ ڪهڙو آهي؟ توکي خبر ڪين پوندي.

اَهڙيءَ طرح هن جي شادي ٿئي ٿي. ۽ هفتي کان پوءِ هن جي گهوٽ کي بيماري ٿئي ٿي. جئن Swine Flu آهي نه، اَهڙيءَ طرح ٽن ڏينهن ۾ Swine Flu اَچي ويئي هئي. Swine Flu ۾ تڪڙو ماڻهوءَ کي وٺي وڃي. هفتي ۾ هوءُ گذاري وڃي ٿو. هن جڏهن ته گهوٽ جو درشن به ڪين ڪيو هو. هن کي ٻُڌائين ٿا ته تنهنجو گهوٽ گُذاري ويو آهي. هن لاءِ گهوٽ ته هڪ اکر ٿيو. نه ڏٺو هئائين، نه هُن کي ڇُهيو هئائين، نه هن جي نزديڪ ويٺي هئي.

ننڍي هوندي کان وٺي ڪرشن لاءِ هن بالڪيءَ کي عجيب ڀڳتي هوندي هئي، جئن ميران کي ڀڳتي! اَڄ ڏينهن تائين ڪيترا چوندا آهن ته هيءَ هڪ ميران هئي. هڪ ساڌوءَ چيو، هيءَ ميران هُئي. ميران سنتياڻي هئي، پر ميران کي آتم گيان گهٽو ڪين هو، برهم گيان گهٽو ڪين هو، سو ورڻي جنم

نديون آهن. اُن وقت بہ چنتائون هونديون آهن. هڪ ستسنگہ
ي پيڻ گهر ۾ وينِي هئِي. وينِي ڳايائين:

ڪرشنا! ڪرشنا! تم هو، تو ڪاهي مئن چنتا ڪروُن؟

تہ سندس ٻالڪِي اَچِي ڪيس چوي ٿِي، ممِي! ممِي!
يءَ ڳالهہ ٻُڌ. اَڙي! چيائينس تہ ڳالهہ ڪئن ٻُڌان؟ مون کي
پنهنجون چنتائون ويڙهي ويٺيون آهن. ٻالڪيءَ چيو: اَڙي!
ينئر وينِي چوين تہ ڪرشنا! تم هو، تو ڪاهي مئن چنتا
ڪروُن؟ ۽ تون چنتائون وينِي ڪرين.

اَسان کي حق ڪين آهي اِهي اکر ڳائڻ جو. جنهن وقت
سين اِهي اکر ڳايون، گهٽ ۾ گهٽ اُن وقت تہ چنتائون
نهنجي هردي مان، پنهنجي چِت مان، پنهنجي دل مان تري
ڪيون.

پنهنجي آنند ۾ وقت گذاري ٿِي. ۽ سماڌيءَ ۾ ويندِي
ئِي، ڪيس ڪا خبر ڪين پوندي هئِي. اِئين چون ٿا، هڪ ڏينهن
ماڌيءَ ۾ ويئي ۱۵ ڏينهن. هيئن وينِي هئِي ۱۵ ڏينهن. ۱۵
اتيون گذري ويٺيون. نہ هِن ڪجهہ پيتو، نہ هن ڪجهہ کاڌو. نہ
ن جو سرير چُريو.- cross legged.

منهنجا پيارا! ۱۵ ڏينهن سماڌيءَ ۾! هن جي مائٽياڻي،
جنهن جو نالو هرِي، اُن کي اَچِي شڪ ٿئي ٿو. سو ڇا ٿِي ڪري؟
سي ٿِي ڪو آهي ڪين. ڏسو، اِنسان جي ڪهڙِي حالت ٿئي
ي. وڃي ٿِي. پاڻ سان مُيوُن ڪٽِي وڃي ٿِي. چوي ٿِي، هيءَ

کي پنهنجو گهر بناءِ! سُنو مندر راجا نهرائي ٿو، جنهن مَندر ۾ هيءَ پنهنجو ڪرشن جو پُتلو ڪٽي وجي ٿي. پنهنجو سامان ڪٽي وجي ٿي ۽ سڄو وقت پيگتيءَ ۾ گذاري ٿي.

منهنجا پيارا پائڙو، منهنجون پينرون! What a wonderful life it must be! ڪهڙي نہ عجيب زندگي هوندي! رڳو ڪرشنا ۽ مان: ٻيو ڪجھ نہ. ٻيءَ ڪنهن ڳالھ جو خيال بہ نہ!

ڪرشنا! ڪرشنا! تمر هو، ڪاهي ڪو مئن دوُسري بات ڪا ويچار ڪروُن؟ تون آهين، بَس آهي منهنجي لاءِ! ٻيو ڪجھ مان ڇا ڪنديس؟

سندس پيڻ کي بہ ڏيئڙون هيون. هڪڙيءَ جو نالو هو چاتري، جنهن کي اَسين چتري ڪري ڪوٺيندا آهيون. گجرات ۾ ڪوٺيندا آهن چاتري. ٻيءَ جو نالو جمنا. چاتري بہ جلد وڏوا ٿئي ٿي. اُها بہ اَچي ڪيس join ڪري ٿي. مندر ۾ ساٿس گڏ رهي ٿي. جمنا، اُها بہ ڪيس مندر ۾ اَچي join ڪري ٿي. ۽ هِڪ ٽين، جا سندس ويجهي مائٽياڻي هئي ، هري جنهن جو نالو هو، اُها بہ اَچي ڪيس join ڪري ٿي. هيءَ پنهنجي حياتي اِئين خرچ ڪري ٿي پيگتيءَ ۾. ڪنهن وقت ڳائي پيئي، ڪنهن وقت نچي پيئي. هِن کي ڪا چنتا آهي ڪين.

ڪرشنا! ڪرشنا! تمر هو، تو ڪاهي مئن چنتا ڪروُن؟ اَسين بہ ڳائيندا آهيون، پر اَسان کي چنتائون بہ

ڪان کي سڀ ڪجھ وسريِ وجي ٿو. سرير جيِ تہ ڪين خبر بہ
بن تيِ پوي. ۽ هن کي بہ ڪا خبر ڪونہ پيئيِ. جڏهن اَڪيون
ٺيائين تہ ڏسي تہ منهنجي سرير ۾ هيِ سُيوُن پيبون آهن.
جي ڀاڻيجيِ چاتريِ،- چاتريِ هِن جيِ شيوا ڪنديِ هئيِ.
تريِ جڏهن هن کي اِسنان ڪرائي ٿيِ تہ ڏسي ٿيِ تہ هن
سيءَ جي ساير ۾ سُيوُن ٽنبيون پيون آهن. چوي ٿيِ، سُيوُن
نهن جي سرير ۾ ٽُنبيون آهن؟ گهٽيئيِ پُڇا ڳاڇا پئي ٿي،
ڪير قبولي نٿو تہ مون هيِ سُيوُن وِڌيون هيون. ڳالهہ وساري
ڏيِ ٿيِ.

ڪجھ وقت ڪان پوءِ، هن هريءَ، جنهن اِهي سُيوُن وِڌيون
يون، اُن هريءَ کي اَچيِ ڪوڙهہ جيِ بيمارِي ٿئي ٿيِ. ڪوڙهہ
ي بيماريِ وجي پيئيِ وڌنديِ. نيٺ هيءَ اچيِ باسي ٿيِ. هِن
ي شرن اَچيِ پڪڙي ٿيِ. چويس ٿيِ: مان تنهنجي شرن ۾
يان. اِهو ڪم مون ڪيو. مون کي معافي ڏي!

منهنجا پيارا ڀائورو، منهنجون ڀينرون! سنتن جيِ اِها
ساني اَٿوَ. سنتن کان توهين معافيِ وٺو، تنهن کان اڳم هوُمعافيِ
ڏئيِ ڇڏين. سنتن جي دل ۾ ڪنهن واسطي بہ ڪين بئي قسم
و ويچار! سنت پنهنجيِ آسيس هِڪ هِڪ کي پيا ڏين. توهين
، وجي ڪنهن سنت سان ڳالهہ ڪندا ڪنهن دُشٽ جيِ، چوندا
ن دُشٽ تي بہ آسيس ڪر. چو تہ اُن تي پوريِ آسيس ڪين
يِ آهي، تنهنجي ڪري هيِ دُشٽ ٿي پيو آهي. نہ تہ جي

مِکُڙ تي ڪري. ١٥ ڏينهن ڪئن ويهِي سگهندي سماڌيءَ ۾؟ اَسان ڪڏهن بُڌو ڪونهي. ٻه ڏينهن، ٽي ڏينهن، چار ڏينهن اَسان بُڌو آهي. ١٥ ڏينهن سماڌيءَ ۾! وچِي هِن جي سرير ۾ سُيوُن ٽُنبي ٽِي. سُيوُن پيئي ٽُنبي جتي ڪِٿي هن جي سرير ۾. هن کي خبر ٻه ڪونه. تِر ٻه سُڌ هن کي ڪونه ته هِن جي سرير ۾ ڪير سُيوُن وينو ٽُنبي، ڇو ته منهنجا پيارا! جڏهن اِنسان سماڌيءَ جي حالت ۾ پهچي ٿو، تڏهن هِن کي سرير جِي ڪا به سُڌ بُڌ ڪونه ٿي ٿئي.

اَسين سڄو وقت، چوويهه ڪلاڪ، ننڊ ۾ به اَسين ديهه اَڌياس ۾ رهون ٿا. اَسان کي پنهنجي ديهه ياد آهي. مان هيءَ ديهه آهيان. ۽ جڏهن جيو سماڌيءَ ۾ وڃي ٿو ته اُن کي ديه جي ڪا به سُڌ نه ٿي رهي. اِن ڪري سماڌيءَ کي ڪوٺيو اَٿن ڇؤٿا پد. سنسڪرت ۾ اِن کي ڪوٺيو اَٿن تُريا. تُريا يعنيٰ چوٿون پد. ايڪم، ڏوم. ڇؤٿا آهي چوٿون پد.

منهنجا پيارا! هِن کي ڪا پروُڙ ڪانه ٿي پوي. پندرهن ڏينهن ڪان پوءِ هيءَ اکيون کولي ٿي. سماڌيءَ ڪان پوءِ جڏهن اَکيون کوليندا آهن ته پهريون پهريون سُوال اَندر اِيندو اَٿن، مان ڪِٿ هئس، مان ڪِٿي اَچِي پهتِي آهيان. عرش مان اَچِي فرش تي پهتي آهيان. اَڙي! مان ڪهڙا نه آزمودا ويني ڏسان: سنتن ويني آرتي ڪئي پريوءَ جي. Actually you see. توهين ڏسو ٿا، سنت پاڻ ڪٿي وينا پريوءَ جي آرتي ڪن. اُن آنند ۾

ريو آهي، اَسين ڇو چنتا ڪريون؟ پوءِ تون ويٺي روئين؟ تون
وُئنديںءَ تہ اَسان جي ڪهڙي حالت ٿيندي؟ تڏهن اَمي
شڪي ٿي. چوي ٿي، پُٽ سچي ڳالهہ تو ڪري.

اُن وقت دروازي تي ڪُڙڪو ٿئي ٿو. هِڪ ماڻهو پنهنجو
ار، ننڍڙو نئون جاوَل ٻار کڻي آيو آهي. ۽ چوي ٿو تہ منهنجي
ڌرمپتنيءَ کي ڏهہ ڏينهن اَڳہ هي ٻار ڄائو. اَڄ منهنجي
ڌرمپتنيءَ کي سخت بيماري اَچي ٿي آهي. ڪيس اِسپتال ۾
ونيِ ويا آهن. هِن ٻار جي ڪير سنڀال لهي؟ مون کي چيائون تہ
نون ٻارن جي سنڀال لهندي آهين. تون جيڪي وٺيئي مون کان
وت، پر هِن ٻار جي تون سنڀال لهہ. ڪِن ۾ هُن جو مسئلو حل ٿي
ويو.

تُم هو، تو ڪاهي مئن چنتا ڪروُن؟

هيءَ ويچار ڪري ٿي تہ مان وچي برج ڀومي ۾ وقت
گذاريان.

پوءِ هن راجا کي خبر پوي ٿي. راجا وٽس اَچي ٿو. اَچي
منٿون ڪري ٿو: اَڙي! تون هيترا سال هتي رهي آهين. تنهنجي
آسيس سان اَسان جي ديس جو ڪاروبار هلي پيو. اَسان کي ڪابہ
تڪليف ڪين ٿئي. هيترن سالن ۾ ڪڏهن بہ اَسان وٽ نڪي
ڏُڪر پيو آهي، نڪي ٻوڏ پيئي آهي. تون ڪرپا ڪري هتان نہ
وڃ. چوي ٿي. نہ! مون کي ڇڪ ٿئي ٿي، مان وبنديس. راجا
ڪيتريون ئي شيون هِن کي سوکڙيءَ طور ڏئي ٿو. پر هيءَ

آسيس هِن تي اَچِي وِچي، تہ هن جي جيون بہ نئين ٿي پوي.

هيءَ چوي ٿي هريءَ کي، تون چنتا نہ ڪر. تنهنجي ڪوڙهہ جي بيمارِي لهِي وينديِ، پر ڪي اَچا داغ رهجِي ويندءِ. اِهي اَچا داغ پڇاڙيءَ تائين هِن جي سرير تي هوندا هُئا.

منهنجا پيارا! ڪيتريون ئي ڳالهيون توهان کي هِن بابت ٻڌايان. پنجيتاليهن ورهين جي آهي، جڏهن ڪيس ويچار ٿئي ٿو تہ پنهنجا پڇاڙيءَ جا سال جيڪر وڃِي برج ڀوميءَ ۾ گُذاريان. چوي ٿي، مان برندابن ۾ وڃان، گوڪل ۾ وڃان، مٿرا ۾ وڃان. ڪرشن لاءِ هن کي عجيب پيار هو!

ڪرشنا! ڪرشنا! تم هو، تو ڪاهي مئن چنتا ڪروُن؟ The two do not go together. هيِ ٻئي گڏ وڃن ئي ڪونہ ٿا. جيئن رات ۽ ڏينهن: ڪڏهن ڏنوَ رات بہ هجي ۽ ڏينهن بہ هُجي. ساڳيءَ طرح جي چنتا آهي تہ ڪرشنا ڪونهي. جي ڪرشنا آهي تہ چنتا ڇا جي؟

ٻار ويٺي ڏنو ماءُ کي روُئندو. چيائين، ممِي! تون روئين ڇو ٿي؟ چيائينس، پُٽ! مِشين جيڪا ورتي اَٿم مَسواڙ تي، تنهنجِي مَسواڙ سُڀاڻي ڏيڻي آهي. نہ ڏبِي تہ مشين کڻِي ويندا. اِهو ئي آهي اَسان جو Source of income. مان سڀِ ڪري توهان کي ڪارائي سگهان ٿي. پوءِ تہ اَسان کي روٽيءَ ٽُڪر بہ ڪونہ مِلندو.

تڏهن پُٽس چوي ٿو: اَمِي! تون تہ چوندِي آهين تہ

روازو بند ڪري، تالو لڳائي ڇڏ. ڪير اَندر نہ وڃي.
هِن ڪان اَچي پُڇي ٿو تہ تون اَسان کي ٻڌائي سگهندين ٔ
، ڪرشن ڪي ڪهڙا ڪهڙا ڪپڙا پيل آهن؟ ڏُکہ ٿيئس ٿو هن
ي دل ۾ تہ هيِ مون ڪان ڪهڙا سُوال ٿا پُڇن. پر راجا کي چوي
ي، راجن! تون پُڇين ٿو، اِن ڪري مان پنهنجي پريوءَ کي
ار ٿنا ڪريان ٿيِ. سندس مُکہ مان ڪيترا پڇن اِيندا هُئا، ڪيترا
يت اِيندا هُئا. سندس ڪنن چَکر ڪليل هوا پوءِ گيت جي
وپ ۾ ٻڌائي ٿيِ تہ هِن کي هِن رنگہ جو پيتامبر! چوي ٿيِ،
ر هيِ توهان ڇا ڪيو آهي؟ ڪرشن جو ڇَٽُ توهان مٿي تي
ڪيو ئيِ ڪونهي.
تڏهن راجا چوي ٿو، اِئين ڪئن ٿيِ سگهي ٿو؟ ناممڪن
هي. ڇَت ڪان سواءِ ڪئن ڪرشن ٿيندو؟ ڪرشن کي موڙ پنکہ
سرور هوندو. دروازو کولين ٿا. ڏسن ٿا تہ ڪِريو پيو هو ڇَٽُ.
ڏهن هُن جو وِشواس وڌيڪ ٿيو.
هيءَ عجيب پيڱتياٹي هُئيِ. هِن جا گيت، هِن جا گهٹا
پڇن گجراتيءَ ۾ آهن. ٻہ، چار، ٿورا پڇن هنديءَ ۾، چو تہ
رج يوميءَ ۾ پڇاڙيءَ جو وقت گذاريائين.
پوءِ هڪ ڏينهن سماڌيءَ ۾ وڃي ٿيِ سَت ڏينهن.
سماڌيءَ مان نڪري ٿيِ، چوي ٿيِ: هينئر منهنجو وقت پرجيِ
آيو آهي. پر مان چاهيان ٿيِ تہ منهنجي سرير جو اَنت، منهنجو
ديهانت جيڪر جمنا نديءَ جي ڪَنن تي، اُن هنڌ تي ٿئي،

ليکي نٿي. سنت شيون ڇا ڪندا؟ اَسان جي دل خوش ٿيندي آهي، اَسان ڪڇ سنت کي ڏنو، سنت ڇا ڪندا؟ هوُ تہ اِنهن ڳالهين کان مٿي آهن.

منهنجا پيارا! نکري ٿي. وات تي جيپور مان لنگهي ٿي. جيپور جي راجا کي خبر پوي ٿي. جيپور جو راجا اَچي ٿو. چوي ٿو، مان هِن جو درشن ڪريان. مهاراڻي اَچي ٿي. مهاراڻي پنج سَوَ (٥٠٠) سونيون گنيون پيتا اَچي رکي ٿي. چوي ٿي، هيِ نانگہ بلائون آهن، مان ڇا ڪنديس؟ مان هِنن کي هٿ ڪونہ لائينديس. زوريءَ کيس چون ٿا تہ اَسين ڪيئن بہ تو وٽ ڇڏي ويندا سين. پنهنجي هڪ ماڻهوءَ کي چوي ٿي، هيِ ڪٿي وڃي جيڪي براهمڻ غريب آهن، تِن ۾ وِرهايو.

گر ديو هڪ اُپديش ٻُڌايو آهي تہ ڪرشن جو مِني ۾ منو نالو، جو ڪرشن کي وڻندو هو، سو هو ”دردر نارايڻ.“ هيءَ ڪرشن جي پڳتياڻي هُئِي نہ! چيائين، هي پنج سَوَ گنيون ڏيو دردرن کي، جيڪي غريب آهن، جيڪي ويچارا مسڪين آهن، جن کي کاڌو پورو نٿو مِلي.

جيپور جي راجا کي اَچي خيال ٿئي ٿو تہ سنتن کي ڪيترين ڳالهين جي خبر پوندي آهي، جا اَسان کي خبر ڪونہ پوندي آهي. مان جيڪر ڏسان تہ هن کي ڪيتري قدر خبر پوي ٿي. سو ڪرشن جو جيڪو آهي مندر، اُن پوڄاريءَ کي چوي ٿو تہ ڪرشن کي اَچ نوان ڪپڙا پائي، هِن کي سينگاري چڱيءَ طرح،

روُئان. ماڻهن کي خبر نہ پوي. ماڻهن کي نہ خبر ڏجو.
هنجا پيارا پائرو، منهنجون پينرون! توهان جي اَندر جيکي
لهرون،- روحاني لهرون، آتمڪ لهرون، ڪڏهن بہ ڪنهن کي
ر نہ ڏجو، نہ تہ گهٽجي ويندوَ! اِهو قاعدو اَٿوَ. گروءَ سان پل
هہ ڪريو، ٻئي ڪنهن سان نہ!

سڏيان توکي سِڪَ ۾، مِلي نا جواب،
اَڪيلي رِڻ پَٽ ۾، اَڪيون وَهائن آب!
جانب! هيءَ جدائي، مان سهي ڪين سگهان!
سُٽي سڪايل جا سڏڙا، ڪڏهن اَچڻ اِينديِن؟
پنهنجيءَ کي، اَءِ پريتم پيارا! پاڻ سان ڪڏهن گڏينديِن؟
جانب! هيءَ جدائِي، مان سَهِي ڪين سگهان!
تون ۽ مان تہ هُئاسين هِڪُ،
منهنجا پريتم! هڪ وقت اَسين گڏ هُئاسين، هِڪُ
ئاسين.
تون ۽ مان تہ هُئاسين هِڪ، پوءِ ايڏي ڇو جدائِي؟
معاف ڪر تون سڀ مَدايون، مُئيءَ جي تيئي وفائِي!
جانب! هيءَ جدائِي، مان سَهِي ڪين سگهان!
ٻوڙها ٻاڙيان، پياس پُڪاريان، گُذرن پيا اِئين سال،
نوُرِي تو بِن نا ٻيو ڪوئِي،
جنهن سان اَنجلِي اوري اَحوال!
جانب! هيءَ جدائِي، مان سَهِي ڪين سگهان!

جنهن هنڌ تي ڌروُ ڀڳت وجھِ پنهنجِي تپسيا ڪئِي هئِي ۽ اِهو منتر اُچاريو هُئائين:

اوم نَمو ڀڳوَتي واسديوايہ!
اوم نَمو ڀڳوَتي واسديوايہ!
اوم نَمو ڀڳوَتي واسديوايہ!

راجا چوي ٿو، مان تنهنجو سڀ بندوبست ڪندس، تنهنجي دل پوري ٿيندي. پوءِ اُتي وجهي ٿِي. رام نوَميءَ ڏينهن، اُهو بہ چيو هئائين تہ رام نوَمِي جي ڏينهن مان گُذاري ويندس، منهنجو سرير جو ساهہ، سرير مان پران نڪرندا رام نوَميءَ جي پوتر ڏينهن. رام نوَميءَ جو ڏينهن اَچي ٿو. ڪيرتن پيا ٿين:

رام رام رام رام رام رام رام رام!

ڏسن ٿا هِن جي سرير مان پران نڪرِي ويا آهن. اَڄ جڏهن ويچار پئِي ڪيم تہ منهنجو هٿ ڏڏڻ لڳو. مون ڪي بہ هڪڙو گيت آيو، پر اَڄ نٿو ٻُڌائِي سگهان. دير ڏاڍِي ٿِي ويئِي آهہ.

پنجاهہ ورهين جي عمر ۾، پنجاهہ ورهيہ هئِي عمر جڏهن گذاري وجي ٿِي. هِي گيت سندس گيت ڪين آهي، پر جڻ جڏهن وِرهہ ۾ اَچِي پُڪارون ڪندِي هُئِي: ڪرشن! تون ڪٿي آهين؟ توکي مان پُڪاريان ٿِي، تون جواب بہ نٿو ڏين؟

جانب! هيءَ جُدائِي، مان سَهِي ڪين سگهان،
ڪُندوُن پاسا ڏيئِي، پيئِي روُئان ۽ رڙان!

ڪُندوُن پاسا ڏيئِي پيئِي روُئان. ماڻهن جي اِڳيان ڪين

و اَچي تہ ايڏي سونهن هنن گلن ۾ ڪٿان آئي؟ اُن جو ويچار
ڪن ئي ڪونہ. رڳو چون:- ''How beautiful!''

ڏکڻ پارت پاسي هڪ مندر آهي، جنهن کي چوندا آهن
نگنات جو مندر. هي وپر نارائڻ رنگنات جي مندر ۾ اَچي ٿو.
ي جي مهنت کي چوي ٿو:- ''مان بہ هن مندر ۾ رهڻ ٿو چاهيان.
نهنجي ڏاڍي دل آهي تہ مان ڪرشن جي نزديڪ هجان.''
ڪرشن جا پيگت ڪرشن جي idol کي زنده شڪتي ڪري سمجهندا
هن. چون، هي اَسان جو ڪرشن آهي، هي اَسان جو محبوب آهي.
''ڪرشن'' کي اُتي ڪوٺيندا آهن ''رنگنات''. رنگن جو نات آهي.
سندس جيون colourful آهي. . He is the Lord of all colours
چيائينس:- ''مان ڪرشن جي نزديڪ رهڻ چاهيان ٿو: مونکي
جيڪر هتي رهايو.'' مهنت چيس:- ''رهڻ تہ چاهين ٿو، پر ڪم
ڪهڙو ڪندين؟ هتي اَسين اِئين ڪنهن کي ڪونہ رهائيندا آهيون.
هڪ هڪ کي پنهنجو ڪم ڪرڻو پوندو آهي. تون ڪم ڪهڙو
ڪندين؟'' ويچار ڪري چيائين.- ''مان جيڪر هي ڪم ڪريان:
مندر جي چوگرد ڪن ڪچرو لڳو پيو آهي، مان جيڪر هڪ سٺو
باغ پوکيان، جنهن ۾ گل پيا مشڪن، پيا چمڪن.'' مهنت کي اِها
ڳالهہ ڏاڍي وڻي. چيائينس:- ''تون پل اَچي ڪر.'' کيس هڪ ننڍي
ڪوٺي ڏنائون.

وپر نارائڻ سڄو ڏينهن باغ ۾ مالهيءَ جو ڪم وينو ڪندو هو.
جيڪي بہ گل نڪرندا هئا، چوندو هو:- ''هي گل رنگنات لاءِ آهن.

(۷)

نماڻو وِپر نارايڻ
ڀڳتن چرنن جي ڏي مون ڏوڙ

هڪڙو وڏو سنت ڏکڻ ڀارت ۾ ٿي ويو آهه. کيس آلوار کري سڏيندا آهن. هن جو نالو ٿونڊر پوندي. اُن جي معنيٰ آهي جو ڀڳتن جي چرنن جو پياسي. پاڻ تي نالو اِهو رکيائين. شروع ۾ سندس نالو هوندو هو وِپر نارايڻ. وِپر نارائڻ کي کرشن لاءِ ڏاڍي ڀڳتي هوندي هئي ۽ کيس قدرت مان ڏاڍو آنند ايندو هو. گل ڏسندو هو، ڏاڍو آنند ايندو هوس. اَڃ مان پنڌ کرڻ ويس. هڪ هنڌ سکل گاهه ڏٺم. پر اُن سکل گاهه جي وچ ۾ هڪ ننڍڙو ٻوٽو، اُن ۾ ٻه گل پيلا ڏٺم. هي گل ڏسندو هو، سندس سُرت مٿي چڙهي ويندي هئي. کيترا پيرا چڻ سماڌيءَ ۾ هليو ويندو هو. پريو! تو ڇا نه بنايو آهه! تنهنجي سونهن کيڏي نه آهه! جي هيڏي سونهن تو قدرت ۾ اوتي آهه ته تون پاڻ ڇا نه سهڻو هوندين!

سنت رامکرشن پرمهنس وري پنهنجن پيارن کي چوندو هو ته اَڄکلهه جا اَنگريزي دان، اَڄکلهه جا پڙهيل اِنسان ڪجهه ۽ ڏسندا، چوندا:- "How beautiful!" پر اُنهن کي اِهو ويچار

يون پيرو آئي آھہ. پڇي ٿي پنھنجي پيڻ کان:- ”ھي ڪير
ي؟“ وڏي پيڻ چويس ٿي:- ”ھي ھڪ سنت اَٿيئي. ھي ھڪ
يوءِ جو پيارو اَٿيئي. ھي ھڪ شيام پڳت اَٿيئي.“ ديواديوي
ي ٿي:- ”پڳت آھي. ڏسانس تہ سھين.“

ديوا ديوي ٿورو ناز نخرو ڪري ٿي. ڇوڪريءَ جي سرير ۾
ي ڇا آھي! جيڪڏھن ناچ سکن ٿيون، پوءِ تہ اَصل بس. ناچ ھڪ
ڇا جو نمونو آھہ. اِھو نر تيہ اَپوتر اَکين وارن اِنسانن جي اَڳيان
رڻ لاءِ ڪين آھہ. مان مندر ۾ وڃي اَڪيلي پنھنجي شيام جي
يان نچان. مردن جون اَکيون صاف پوتر ڪين آھن. ڪا نہ ڪا
ہ ٽڙڪي ٿي وڃي. ويچارا ڇا ڪن؟ ديواديويءَ وٽي ھيٺن ھونٺن
يو. چيائين:- ”ھي وري کھڙو سنت آھي. مان ھيتري ۾ ٿي
ھليانس.“ ھيٺن ھونٺن تہ گھٽوئي پيئي ڪري، پر سنت جو
بان ڇڪي ڪين سگھي. سنت ڇا ڄاڻي اِن ڪِڇ ڪِن مان. تڏھن
ڏي پيڻ ديواديويءَ کي چوي ٿي:- ”ھي سنت اَٿيئي: ھن سان
ون کھڙا ٿي ناز نخرا ڪرين؟ نھاريندءِ بہ ڪونہ.“

ديواديويءَ کي جوش اَچي ويو. چيائين:- ”جيڪڏھن مون
ن کي ڇھن مھنن جي اَندر ھٿ نہ ڪيو آھي، ھي جيڪڏھن
نھنجن پيرن ۾ ڇھن مھنن اَندر نہ اَچي ڪِريو آھي تہ مان
ڇي عمر تنھنجي داسي ٿي ڪم ڪنديس.“ وڏيءَ پيڻ چيس:-
”تون ڪونہ سڃاڻين، ھي کھڙي قسم جو سنت آھي.“ چيائين:-
”کھڙو بہ سنت ھجي.“ ھن تہ ايترا بہ اَکر چيا:- ”جي پريو پاڻ

هي گل شري ڪرشن لاءِ آهن، نہ ٻئي ڪنهن بہ ٻندي لاءِ.'' وڏن گ لن لاءِ ڪيس وڏو ملهہ آڇيندا هئا. ڪيس چوندا هئا:- ''توکي هيترا رپيا ڏيون.'' چوندو هون:- ''هيِ گل توهان لاءِ ڪين آهن. هي گل آهن رنگناٿ لاءِ.'' ڪو اِيندو هوس، چوندو هوس، رنگناٿ لاءِ گل ڏي تہ ڏيندو هوس. پئسا ڪونہ وٺندو هو. پر چوندو هو:- ''هيِ جيڪي گل هتي نڪرن ٿا، سي پياري رنگناٿ جي چرنن ۾ ئي اَرپن ڪرڻ لاءِ آهن.''

پنهنجي مستيءَ ۾ هوندو هو. گل ڏسندو هو، خاص ڪري نيلي رنگہ جا گل.- ڪرشن جون اکيون نيليون هونديون هيون. ڪرشن جو مکڙو هوندو هو نيلو. نيلو گل ڏسندو هو، مستيءَ ۾ چڙهيِ اَچِي نچندو هو. سڄو ڏينهن پنهنجي مستيءَ ۾ رهندو هو.

هڪ ڏينهن اِن باغ ۾ ٻہ ڇوڪريون اَچن ٿيون. ٻئي ڀينرون آهن. ننڍي ڀيڻ جو نالو آهي ديواديوي. ديواديويءَ جي حياتي اَهڙي پوتر ڪين هئي. اُها ويئي پئي ٻئي پاسي ڇڪبيِ. وڃي اُن پيشي ۾ پيئيِ. سندس وڏي ڀيڻ ڀڳتياڻيِ هئي. هڪ ڏينهن ٻئي اَچن ٿيون باغ ۾. هي گل اَچي ڏسن ٿيون. سامهون وپر نارائڻ وينو پنهنجو ڪم ڪري. گلن کي وينو پاڻي ڏئي. گلن کي پيار ڪندو هو. گلن کي نالن سان سڏيندو هو. هڪ هڪ گل کي نالو ڏيندو هو. ديواديويءَ پنهنجي وڏي ڀيڻ کان پڇيو:- ''هي ڪير آهي؟'' وڏي ڀيڻ وريِ وريِ رنگناٿ جي مندر ۾ اِيندي هئي. ديواديوي اَچ

وا ڪئي آهہ شيام سندر جي صدقي ۾ هينئر ويچاريءَ جو سرير
ڪنبي. ديواديويءَ کي سنت چيو:- ”تون اَچ. تون جيڪر ڪپڙا
ين. مان توکي وٽي هلان. منهنجي ڪٽيا جي ٻاهر ورانڊو آهي.
ر مان ڪنهن اِستريءَ کي اَچڻ نہ ڏيندو آهيان، .discipline
as a matter of spiritu، پر ٻاهر ٽڪرو آهي. اُنهيءَ ۾ توکي هي
هنجا ڪپڙا ڏيان ٿو. تون جيڪر ڪپڙا مٽائي پوءِ گهر وڃين.“
نهن بند ٿي ويو هو. هيءَ چوي ٿي:- ”حاضر!“
ديواديويءَ کي هيِ سنت پنهنجي ڪٽيا ڏي وٺي وڃي ٿو.
در ڪمري ۾ نٿو اَچڻ ڏئيس. چويس ٿو:- ”تون هتي ٻاهر ويهہ.
ان وڳو ڪٽي ٿو اَچان.“ اُهو پائي، مٿان چادر ڍڪي، تون پل وڃ.“
ي جئن ڪپڙا هن کي ڏئي ٿو ۽ هيءَ ڪپڙا وٺي ٿي تہ جاٽيِ
ٽيِ هيءَ سنت جي هٿ کي پڪڙي وٺيِ زور ڏئي ٿي. سنت کي
ڏهن ڪنهن اِستريءَ جو هٿ لڳو ڪونہ هو. هن جو وٺي زور ڏنو،
نت جي سرير مان جڻ بجليِ لنگهي ويئيِ. سڀ ڪڇ وسريِ ويس.
يام جي پڳتي وِسريِ ويس. سڄي رات جاڳي وينو هو. ننڊ نہ
چيس. هي ڪام جو ويچار اَهڙو آهہ، جي هڪ واريءَ توهان اَندر
چڻ ڏنو، پوءِ تہ سڀ ڪڇ توهان جو ويو. ويچاري جي اَندر طوفانِ
يا لڳن. ڪٽي هيءَ اَچي تہ مان هن سان وقت گذاريان. ترسي نٿو
يستائين صبوح جو هيءَ اَچي. تنهن ڪان اَڳہ هي هن جي گهر
جي ٿو. چوڪريءَ جي ماءُ ويٺي آهہ. اُن کي چوي ٿو:- ”مان
يواديويءَ کي ملڻ چاهيان ٿو.“ چويس ٿيِ:- ”ديواديويِ ڪو اِئين

لهي اَچي، مان اُن کي بہ هٿ ڪنديس.'' اَيمان ۾ ماڻهو اَچي ٿو، جن جي ورتي اِن پاسي آهي، اُنهن کي پريوءَ جي کهڙِي خبر، پريو ڇا ٿيندو آهي؟ ڀڳوان ڇا ٿيندو آهي؟ سنت ڇا ٿيندا آهن؟

ديواديويءَ کي پنهنجو اَنجام ياد هو. ٻيو ڏينهن ٿيو. هيءَ تمام سادا ڪپڙا پائي اَچِي هن سنت کي چوي ٿي:- ''سنت! تو پنهنجي جيون اَرپن ڪئي آهہ هن باغ کي. منهنجي دل اَندر بہ ڀڳتي اَٿيئي. مون کي جي موڪل ڏين تہ مان بہ روز هن باغ ۾ اَچي ٿورو ڪم ڪريان. ڪي ٻارا مون کي ڏين، مان اُنهن ۾ گل پوکيان، جي گل پل تون پنهنجن هٿن سان شري ڪرشن جي چرنن ۾ وجي پهچائجانءِ.'' ويچارا سنت ٻالا ڀولا، جيسين سنت کي خبر پوي تہ هن جي دل ۾ ڇا آهي. چيائينس:- ''منهنجي ڀيڻ! پل اَچي تون ڪم ڪر.'' هن کي ٻارا ڏنائين. هڪڙو ننڍڙو plot اُن ۾ پوکہ ڪرڻ روز اِيندي هئي. هن کي ڇهن مهنن جي اَندر لچائي ڪرٽي هئِي. روز صبوح جو نيم سان اِيندي هئِي. شام تائين پيئي ڪم ڪندي هئِي. پوءِ پنهنجي گهر ويندي هئي.

هڪ ڏينهن اوچتوئي اوچتو مينهن اَچِي پوي ٿو. هي ٻئي وينا باغ ۾ ڪم ڪن. مينهن جي ڪري ديواديويءَ جا وستر سڀ آلا ٿي وڃن ٿا. تن ڏينهن ۾ ٽيريڪاٽ يا اِيتي ڪِيتي ڪپڙا ڪونہ هوندا هئا. سوٽي ڪپڙو هوندو هو. ڪپڙا پچِي ويندا هئا. طوفان اَچي لڳو. طوفان ۾ هن جو سرير ڪنبڻ لڳو. تڏ اَچي هن کي لڳي. هن سنت کي قياس اَچي ويو. ويچاريءَ هيترا ڏينهن باغ جي

ٽي اَچي وئشيا کي ڏئي ٿو ۽ چويس ٿو:- ”منهنجي مالڪ وپر
رائڻ هي توکي ڏنو آهي، تنهنجي لاءِ ترسيو ويٺو آهي.“
هيءَ يڪدم نڪري ٿي اَچي. وپر نارائڻ کي يڪدم اَندر
ني ٿي وڃي. ڪي ڪلاڪ اُت گذارين ٿا. صبوح ٿيو آهي. وپر نارائڻ
ي اڪين تان پردا لهن ٿا. هي مون ڪيو ڇا؟ سڄي جيون جي
ڪمائي ڇٽ ٿي ويئي. مون ڪڏهن ڪنهن اِستريءَ ڏي نهاريو
ڪين. مان ڪڏهن اِستريءَ سان ڳالهائيندو هوس ته به منهنجو
ڪنڌ هيٺ هوندو هو. هي مون ڇا ڪيو؟ هي ڪئن ٿيو؟ ڇا ڪري
ويچارو! اِئين ٿي ويو! روئي پيو. مون کان اِهو ڪم ڪئن ٿيو.
تنهن وچ ۾ مندر جا پوڄاري مندر ۾ صفائي ڪرڻ لاءِ اَچن
ٿا. چون ٿا:- ”سون جو لوٽو رات جو ڪير کڻي ويو؟“ يڪدم پوليس
۾ رپورٽ ڪن ٿا. پوليس چڪر هڻي ٿي. پوءِ ڪا شيءِ جي چوري
ٿيندي هئي، تن ڏينهن ۾ رواج هوندو هو يا ته ويندا هئا وئشيائن
جي گهر يا جيڪي جوئاري هوندا هئا، اُنهن جي گهر ويندا هئا.
ديواديويءَ جي گهر اَچن ٿا. ڏسن ٿا سونو لوٽو برابر رکيو آهي.
پڪڙينس ٿا. چوي ٿي:- ”مون کي ڇو ٿا پڪڙيو؟“ چيائون:-
”تڏهن ڪنهن کي پڪڙيون؟“ ديواديوي چوين ٿي:- ”فلاڻي مون
کي ڏنو آهي. وپر نارائڻ جو هڪ ماڻهو آيو، جنهن اَچي مون کي
ڏنو.“ وپر نارائڻ کي پڪڙي جيل ۾ وڃن ٿا. هي پيو روئي. پيو
پاڻ کي چوي:- ”اَڃا به وڌيڪ تون اِسترين جي پٺيان پنهنجي من
کي ڊوڙاءِ. جيل ۾ پيو آهين.“ پوءِ جڏهن هن جو پڇتاءُ ٿئي ٿو

ڪنهن کي اَچڻ ڏيندي آهي ڇا؟ ديواديوي اَچڻ ڏيندي آهہ جڏهن ڪونہ ڪو سون جو ڏُر يا بريسليٽ يا ڪا سون جي نهيل شيِءَ، اُهو جيستائين ڪو اِنسان نہ کڻي اِيندو آهي، اُن کي اَچڻ ئي ڪونہ ڏيندي."

هي ويچارو سون ڪٿان آڻي؟ هن وٽ هئا گل. بيو تہ ڪجھ هوس ئي ڪونہ. پر اَندر ۾ اِهو طوفان، اَندر ۾ اَگني. اَصلي باه برندي آهہ. اِن ڪري چوندا آهن، ڪام اِڪ اَگنيِ آهہ. اَلائي ڪٿان هن کي سڀ ڀڳتي وسري ويئي. هي اُتي ئي پيو هو. ڏينهن گذري وڃي ٿو. رات اَچي ٿئي ٿي. هن جي سڌ بڌ سڀ ڀلجي ويئي. فقط مان ديواديويءَ کي ملان. ديواديويءَ کي ڪٿان ملين، جيستائين سون نہ آندو اَٿيئي.

رات جي وقت ڏسو، شري ڪرشن پنهنجن ڀڳتن جي هر کهڙي بہ اِڇا هجي، پوري ڪري ٿو. اَپوتر اِڇا بہ پوري ڪري ٿو. چوي ٿو:- ”توهين منهنجا ڀڳت آهيو. توهين اِها اِڇا رکو ٿا، مان توهان جي اِڇا پوري ڪندس." شري ڪرشن اِڪ ڀڳت جي سپني ۾ وڃي ٿو. اُن کي چوي ٿو تہ رات جو وقت آهي. هينئر رنگناٿ مندر جا سڀ پوڄاري سمهيل آهن. تون وڃِ منهنجي چرنن ۾ جو سونو لوٽو رکيو آهي، اُهو کڻي اَچي ديواديويءَ کي ڏي ۽ چئينس تہ منهنجي مالڪ وپر نارائڻ توکي هي ڏنو آهي. تنهنجي لاءِ باهر ترسيو وينو آهي."

ڀڳت اِئين ڪري ٿو. پوڄاري سڀ سمهيا پيا آهن. هوُ لوٽو

(٨)

پيڱت پُٽي ڏاما
سچو گنگا اِشنان

اَڄ صبوح جو اُٿيس، مون کهڙا اکر پنهنجي دل جي
در ٻڌا؟ منا اَکر، جي توهان سان ونڊڻ چاهيان ٿو:

تيري چرڻ ڪمل، ميري وئڪنٺ ڌام:
تون ميرو گوبند، تون گهنشيام!
جند جان ڪريان مان توتان قربان:
تونهين جمنا گنگا اِشنان!

هڪ هڪ سچو شش پنهنجي گروءَ کي سڀ ڪجھ ڪري
مجهي ٿو. گرديو! تنهنجا ڪمل چرن مون واسطي تہ وئڪنٺ
ام آهن، وشنوءَ جو ڌام آهن. تون منهنجو گوبند آهين، تون
نهنجو گهنشيام آهين. آ! ڪئن نہ مان جيڪر سموري جند
ان، اِڪ اِڪ پران، توتان قربان ڪريان! تونهين آهين گنگا جو
شنان. گنگا جي اِشنان کي ڪيڏو نہ مهتوَ ڏيندا آهن.

يادگيري پويم ٿي، ١٩۴۵ جو سال هو. پيارو دادا
نارس هليو. تن ۾ ڏينهن پنڊت مدن موهن مالويہ بيماريءَ

وڏيڪ، شري ڪرشن راجا کي سپني ۾ اَچي تو ۽ چوي ٿو:- ”راجن! هي منهنجو وڏو ڀڳت اَٿيئي. هن کي تون جيل ۾ نہ وجهہ.“

وپر نارائڻ جيل مان نڪري ٿو. تنهن ڪانپوءِ هي وپر نارائڻ هميشهہ چوندو هو:- ”شيام! هميشهہ تنهنجا چرن گهرندو هوس، پر هينئر مان ڏسان ٿو، مون کي چرنن جي لائقي ڪين آهي. مان اُن تان هٽجي ويس. هينئر من ڪنهن ڀڳت جي چرنن جي ڌوڙ ملي!“

”ڀڳتن چرنن جي ڏي مون ڌوڙ!“

چوي ٿو:- ”مون کي تنهنجي چرنن جي ڌوڙ جي بہ لائقي ڪين آهہ. ڏسو، ڪيڏو نہ نماڻو ٿي پوي ٿو.“ چوي ٿو:- ”ڪو تنهنجو ڀڳت، جنهن جي چرنن جي ڌوڙ مون کي ملي.“ اُن ڪانپوءِ هي ٿئي ٿو آلور، جئن سنتياڻي ميران آهي اُتر پاسي، تئن آلور آهي ڏکڻ پاسي.

”ڀڳتن چرنن جي ڏي مون ڌوڙ!“

نماڻا ٿيو! اِهو هڪ سبق هتان ڪڍي وڃون. مان بہ سياڻو ٿيان، توهين بہ سياڻا ٿيو، جي نماڻا ٿيو! چڱو، ڪنهن ڪئن ڪيو، ڪنهن ڪئن ڪيو. وينو ڪري. هڪ هڪ پنهنجو ڪرم پاڻ سان ڪڍي اَچي ٿو. توهين سمجهندا تہ ٻيو ڪو توهان جو فائدو ٿو وٺي، پر ڪير بہ توهان جو فائدو وٺي نٿو سگهي. اِها سُمت شل اَچي ۽ سائينءَ جي ڪرپا اَچي! منا ٿيون، نماڻا ٿيون! جيتري شيوا ڪري سگهون، اوترِي ڪريون ۽ پنهنجو مانکہ جنم سڦل ڪريون!

ندي ۽ جو اِشنان اَسين نٿا ڪري سگهون، پر توهين وڃو ٿا اُتي، توهين اَسان جي پاران، اَسان جو نالو ڳنهِي، ٽٻِي ڏجو.

وري وري ويچار ٿيندو هوم تہ وڃِي گنگا نديءَ ۾ اِشنان ڪري اَچان. پر اَلائي ڇو، جنهن وقت ويچار ڪندو هوس، اَچا گهر مان نڪرندو مس هوس تہ پيارو دادا سڏيندو هو. چوندو هو: هِي ضرورِي ڪم آهي. هِي جيڪر ڪم ٿئي. اَسان جي رهڻ جا ڏينهن اَچِي پورا ٿيا. ٽانگو اَچِي ويو. اُن ۾ سامان بہ رکيو ويو. مون چيو: هاٽي ٻوڙندو وڃان ٿو. ٻہ منٽ بہ پنڌ پري ڪين هو. هڪ منٽ لڳندو وڃڻ ۾، هڪ منٽ اَچڻ ۾، هڪ منٽ ٽٻيءَ ۾ ۽ سينِي نالن ڳنهڻ ۾. ٽي منٽ لڳندا. مون چيو: ٽن منٽن ۾ مان اَچان ٿو. ٽوال ڪلهي تي ڪٽِي نڪتس. ٻوڙ پاتم. اَچا ٽورِي ٻوڙ پاتم تہ ٽي گهنڊٽيون پياري دادا جون لڳيون. آ! پيارو دادا ڪوني ٿو. پياري دادا جو ڪو ڪم هوندو: ويس، پياري دادا چيو: هي ضرورت خط آهي، dictation وٺ، ٽائيپ ڪري اِهو خط موڪلي پوءِ اِسٽيشن تي هلنداسين. منهنجو گنگا نديءَ جو اِشنان رهجِي ويو. اُن وقت مون سمجهيو تہ پيارو دادا چوي ٿو: کهڙين ڳالهين پنيان پيو پٽڪين؟ تنهنجو گنگا اِشنان تہ منهنجي چرنن ۾ آهي. تون هتي گنگا نديءَ ۾ وينو آهين ۽ وڃِي تو هُن گنگا نديءَ ۾ ٽٻيون ڏيڻ. اِها ڀاونا جڏهن دل جي اَندر اَچِي ٿِي، تڏهن بيشڪ، شش ڏنيہ ٿئي ٿو.

تيري چرن ڪمل، ميري وئڪنٺ ڌام،

جي بستري تي هو. پيارو دادا هلي کيس ملي تو. پنڊت مدن موهن مالويہ جي اکين ۾ ڳوڙهو آهي. سندس اکيون آليون آهن. پياري دادا کي چا تو چوي؟ چوي تو: مون ڪيڏين اميدن ۾ هيءَ يونيورسٽي، هي وشوَ وديالیہ کوليو. منهنجون اميدون سڦل ڪين ٿيون آهن. مان توهان کي جيڪر هڪ وينتي ڪريان. هن وقت بيماريءَ جي بستري تي آهيان. خبر ڪين اٿم، ڪيترو وقت وڌيڪ مان هت هن سرير ۾ هوندس. توهين جيڪر هيءَ منهنجي وينتي انايو. سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ ۱۵ ڏينهن ضرور توهين هت اچو. اچي هن يونيورسٽيءَ جي اڌياپڪن، ٽيچرس ۽ وديارٿين کي پارت جي سنسڪرتيءَ لاءِ inspire ڪريو. مان توهان کانسواءِ ٻيو ڪو ڪين ٿو ڏسان، جو اهو ڪم ڪري سگهي. توهين ڪرپا ڪري منهنجي وينتي قبول ڪريو. پيارو دادا بنارس هندوُ يونيورسٽيءَ ۾ ڪي ليڪچرس ڏئي تو. ٻين هنڌ ڪي ليڪچرس ڏئي تو.

مان پانيان تو، اسين بنارس ۾ ڪُل ۴ يا ۵ ڏينهن رهيل هئاسين. اُن مڪان ۾ رهيل هئاسين، جنهن مڪان تان سامهون ئي سامهون گنگا ندي پئي ڏسڻ ۾ آئي. وري وري گنگا نديءَ جو درشن پيا ڪندا هئاسين. دل ٿيندي هئم تہ وڃي گنگا نديءَ ۾ ٽٻي ڏيئي اچان. ڪن پينرن ۽ پائرن خاص ڪري مون کي چئي ڇڏيو هو: تون جڏهن ٽٻي ڏين تہ اسان جو نالو وٺجانءِ. اڳي اِئين ڪندا هئا چوندا هئا. اسين نٿا پهچي سگهون، گنگا

ي پريوءَ جا پيارا گنگا اِشنان لاءِ سندس ڳوٺ مان لنگهندا هئا،
جيِ دل وَ جان سان شيوا ڪندو هو. چوندو هو: اُنهن جي شيوا
ي وڏيڪ ٻي ڪهڙي آسيس؟

هن اِن ڳالهہ جي پروڙ پاتي. بيشڪ، سندس ڳوٺ فقط
يا ٥ ميل گنگا نديءَ کان پري هوندو هو. هڪ ڏينهن صبوح
وڃي ها، منجهند يا شام تائين موٽي اَچي ها، ٽُبي ڏيئي
ي ها. پر چوندو هو: سچي ٽُبي تہ آهي گروُ شيوا. سچي ٽُبي،
چو گنگا اِشنان تہ آهي گروءَ جي چرنن ۾ ويهي گرءَ جي
ڪاروند مان جيڪي وچن ٻڌون ٿا، شروڻ ڪريون ٿا، اُنهن جو
ئي وچي ويچار ڪريون، مَنڻ ڪريون. ءِ اُنهن کي اَسين
هنجي جيون ۾ مورتمان ڪريون، نڌياسن ڪريون. اِهو آهي
چو گنگا اِشنان. پر جي گنگا جي پاڻيءَ ۾ وڃي ٽُبي ڏنيسين،
ن مان اَسان کي ڇا ملندو؟ هن پياري جي جيون اِها هوندي
ٿي،- ستسنگہ ڪمايان، پيگوت ڪٿا جو شروڻ ڪريان، اُن جي
هنجي جيون ۾ ساکي ڏيڻ جي ڪوشش ڪريان، پنهنجي
روءَ جي شيوا ڪريان، اَتٿي مهاتمائون جي اَچن ٿا، تن جي
نيال لهان،- منهنجو ڪم اِهو ئي آهي. اِن ڪري جيتوٽيڪ
اڻ بہ وڏي اوستا جو ٿي ويو هو، ڪڏهن گنگا نديءَ ۾ اِشنان
ڪين ڪيائين.

هڪ ڏينهن سندس ڳوٺ ستيہ وِرت ۾ بہ مُني اَچن ٿا،-
رت وَرت ءِ گيان سنڌو. وڏا مُنيوَر هئا. هي پيارو هنن کي ڏسي

تون ميرو گوبند، تون گھنشيام!
جند جان ڪريان مان توتان قربان:
تونهين جمنا گنگا اِشنان!

پستڪن ۾ هڪ پُراڻي زماني جي ڳالهہ جو ذڪر ڪيل آهي. ستيہ ورت نالي ڳوٺ ۾ هڪ رهندو هو، جنهن جو نالو هوندو هو پُٽلي ڏاما. اِهو ستيہ ورت ڳوٺ گنگا نديءَ کان اٽڪل ۴-۵ ميل اُتر طرف هوندو هو. هي پُٽلي ڏاما سڄو وقت پنهنجي گروءَ جي شيوا ڪندو هو. ستسنگ ڪمائيندو هو. پيگوت ڪٿا ٻُڌندو هو. ۽ جيڪي مهاتمائون، سنت، مُني، مُنيور اِيندا هئا، جو تہ ڪيترن جي پياس هوندي هئي تہ اَسين وڃي گنگا نديءَ ۾ اِشنان ڪريون، هن ڳوٺ مان لنگهندا هئا. ٽڪل هئا. اُنهن کي ماني کارائيندو هو. اُنهن کي پيرون ڏيندو هو. رات جو وقت ٿيندو هو، اُنهن کي ننڊ ڪرائيندو هو. اُنهن جي شيوا ۾ سڄو وقت رُڌل رهندو هو. هن پياري جو اِهو ئي هڪ ڪم هوندو هو، گروءَ جي شيوا ڪندو هو. سندس گروُ ورڏ اَوستا جو هو. سندس گروُ بہ هڪ وڏو مهاتما هو. اُن جي شيوا ڪندو هو. ستسنگ ڪمائيندو هو. تن ڏينهن ۾ ڪيترائي ستسنگ ٿيندا هئا. ستسنگ پورو ٿيندو هو، ورِي ٻئي ستسنگ ۾ ويندو هو. ٻيو ستسنگ پورو ٿيندو هو، ٽئين ستسنگ ۾ ويندو هو. پيگوت ڪٿا ٻڌندو هو. رام چرت منس خاص ڪري کيس ڏاڍو چڪيندو هو. ۽ اَتٿين جي شيوا ڪندو هو. جي مزمان اِيندا هئا، جي مهاتما، جي سنت،

ان ويهي ڪاڏو تيار ڪيو: اُهو ڪاڏو ويهي اَسان ڪاڏو آهي. اَسان
ڪيڏو نہ ڏرياگيہ آهي، اَسان جي ڪيڏي نہ ڪمبختي آهي،
هن اِنسان گنگا نديءَ جي ۴-۵ ميل پرسان رهي، گنگا نديءَ
ڪڏهن اِشنان نہ ڪيو آهي. اَسان جي ڪهڙي حالت ٿي
ي آهي. ڏاڏو تڪو هن سان ڳالهائين ٿا: تو اَسان کي پنهنجي
ر ۾ قاسايو آهي. اَسان کي ٿوريئي هت آرام ونڻو هو. اَسان
ي ٻڌائين تہ ها، تو گنگا نديءَ ۾ ڪڏهن اِشنان ڪين ڪيو
ي. تو جهڙو ڪمبخت سڄي پرٿويءَ تي ڪين هوندو. تون
ي ۴-۵ ميل پري رهي، تو گنگا نديءَ جو اِشنان ڪين ڪيو
ي. توکان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ڪمبخت ٿي سگهي ٿو؟ اَسان جي
ا اَهڙي ٻُري قسمت هئي. تنهنجي جار ۾ اَسين قاسي وياسين.
اٽي اَسان جي اَلائي ڪهڙي حالت ٿيندي؟ هن سان ڏاڏو گهٽ
ڳالهائين ٿا. هنن کي ڏاڏو خيال ٿئي ٿو، يڪدم هن کي چون
: تون هتان پري هتي وڃ. ۴-۵ ميل اَسان کان پري هتي وڃ.
سين تنهنجو منهن نٿا ڏسڻ چاهيون. هن چيو: سائين! مان نہ
مجهندو آهيان تہ سچو گنگا اِشنان آهي پنهنجي گروءَ جي
يوا ڪرڻ، ستسنگہ ڪمائڻ، پيگوت ڪٿا ٻُڌڻ، جيڪي مهاتما،
يڪي سنت ستپرڪہ. پريوءَ جا پيارا ٿڪل حالت ۾ هت اَچن
ا، گنگا نديءَ جو اِشنان ڪرڻ چاهين ٿا، اُنهن جي شيوا ڪرڻ.
ان تہ اُهو ئي گنگا...چونس ٿا: چُپ ڪر. اَسين تنهنجي ٻڪ
ڪ نٿا ٻڌڻ چاهيون. خبردار جي تو وڌيڪ ڳالهايو آهي. اَسان

ٿو. ڪانئن پڇي ٿو: توهين ڪٿي پيا وڃو؟ چون ٿا: اَسين گنگا نديءَ جو اِشنان ڪرڻ ٿا وڃون. چوين ٿو: توهين ٿڪل نظر اَچو ٿا. هِت ڪجهہ آرام وٺو. مان توهان لاءِ ڪاڏو تيار ڪريان. توهين ڪاڏو کائو. ٿورو آرام وٺو. مون کي پيرون ڏاڍيون سٺيون ڏيڻ اِينديون آهن. مان توهان کي پيرون ڏيان. مان توهان جو ٿڪ پڃان. پوءِ توهين پِل وڃجو. پڇائونس تہ گنگا نديِ هتان گهڻو پري آهي؟ تنهن کان اَڳہ هيِ هنن جي شيوا ڪري ٿو، کين کارائي ٿو، پيئاري ٿو. ٻنهيِ کي ليٽائي، هڪ کي هڪ هٿ سان ڏئي ٿو، ٻئي کي ٻئي هٿ سان زور ڏئي ٿو. ٻنهيِ جو ٿڪ پڃي ٿو. پوءِ هن کان پڇن ٿا: پيارا! تون جيڪر اَسان کي ٻڌائين تہ گنگا نديِ هتان گهڻو پري آهي؟ گهڻو وقت اُتي پهچڻ ۾ لڳندو؟ تڏهن چوين ٿو: سائين! مون کي ڪو شخصيِ آزمودو ڪين آهي، ڇو تہ مون ڪڏهن گنگا نديءَ ۾ اِشنان ڪين ڪيو آهي. پر هتان ڪيترائي لنگهندا آهن، اُنهن جيِ مان شيوا ڪندو آهيان. اُهي مون کي ٻڌائيندا آهن تہ گنگا ندي هتان ڏکڻ طرف آهي. هيِ ڳوٺ گنگا نديءَ جي اُتر طرف هو. اَٽڪل ۴ يا ۵ ميل هتان پري آهي.

هنن ٻنهيِ مُنيوَرن جو اِهو ٻڌو، ويچارن جا مُنهن لهيِ ويا. سندس وات مان رڙ نڪريِ ويئيِ. اَڻ ڄاڻائيءَ سبب، اِئين چون ٿا، اَسان جو دُرياگيہ ٿيو، جو هن اِنسان سان اَسان جو سنگہ ٿيو. هن اِنسان ويهيِ اَسان جي سرير کي هٿ لاتو آهي. هن

ان ضرور ڪو اَپراڌ ٿيو آهي. اَسان کي تون ڪميا ڪر. اَسان کي
ڏاءِ تہ اَسان ڪهڙو اَپراڌ ڪيو آهي ؟ اَسان کي تون ضرور اُن جي
عافيِ ڏي. تڏهن اِئين چئي ننڊ ۾ وڃن ٿا. ننڊ ۾ سپنو ڏسن
ٿا. سپني ۾ گنگا مئيا اَچي سندن اَڳيان بيهي ٿي ۽ چوي ٿي:
وهان جو ٻيو ڪو پاپ ڪين ٿيو. پر توهان مها ٻڌيوان پٽي ڏاما
جي نندا ڪئي آهي، جنهن جي ڪري توهين مون کي پهچي
سگهندا ڪين. ڇا بہ توهين ڪندا، ڪيڏي بہ توهين ڪوشش
ڪندا، توهين مون کي پهچي سگهندا ڪين. هي هڪ وڏو ڀڳت
آهي، جو پنهنجو خيال ڪري ڪين، جو پنهنجي سمست جيون
پنهنجي گروءَ جي شيوا خرچ ڪري، ستسنگ ڪمائي، ڀڳوت
ڪٿا سٽي، جيڪي مهاتما، سنت ستپرڪ، مون وٽ اَچن ٿا اِشنان
ڪرڻ واسطي، اُنهن جي شيوا ڪري، هي هڪ سچو ڀڳت آهہ.
هن ڀڳت جي چرنن ۾ سڀ تيرٿ آهن. توهان هن جي نندا
ڪئي آهہ. هن کان وڏو پاپ ٻيو ٿي نٿو سگهي. ٻنهي کي ساڳيو
سپنو اَچي ٿو. چون ٿا: اِن ڳالهہ ۾ ضرور ڪجهہ هوندو. اَسان کي
ڪپي، اَسين وڃون، پٽي ڏاما کان وڃي معافي وٺون. اُهو جڏهن
اَسان کي معافي ڏيندو، تڏهن اَسان کي وري گنگا مئيا پاڻ وٽ
اَچڻ ڏيندي. گنگا ندي وڌيڪ ڪين چوي ٿي: ٻيا ڪهڙا بہ پاپ،
مهاپاپ هجن، معاف ٿي سگهن ٿا، پر جيڪڏهن توهين ڀڳوان
جي ڪنهن ڀڳت جي نندا ڪريو ٿا، اُهو پاپ معاف نٿو ٿي
سگهي. جيستائين اُهو ڀڳت پاڻ ڀڳوان کي پڪاري چوي تہ

ڪي تو پاپِي بنائي ڇڏيو آهي. پنهنجي سنگ ۾ وهاري، پاپ جو ڪاڏو اَسان کي ڪارايو آهي. اَسان جي ڪهڙي حالت ٿيندي؟

ڪاوڙ ڪري هي ٻئي مُنيوَر ڏکڻ طرف هليا وڃن ٿا. پر اَلائي ڇا ٿيو؟ هيءَ حقيقت آهي. تواريخ جي ڳالهہ آهہ. وڃڻ پيا ڏکڻ پاسي، پر ڄڻ تہ اُتر پاسي پيا وڃن. سمجهن پيا تہ اَسين ڏکڻ پاسي پيا وڃون. پروڃن پيا اُتر پاسي. ۴-۵ ميل لتاڙيائون. هڪ هنڌ پهتا. اُت پڇيائون: هتان گنگا ندي گهڻو پري آهي؟ اَڙي، گنگا ندي تہ ڏه ميل پري ’آهي. اَڙي، اَسين آياسين ڏکڻ طرف. وري ڪوشش ٿا. اِئين پيا ڪوشش ڪن، پيا ڪوشش ڪن. ڏينهن گذري ويا، هفتا گذري ويا، مهنا گذري ويا. گنگا نديءَ کي پهچِي ڪين سگهيا. تڏهن چيائون: اَسان کان ڪو مڙيئِي اَپراڌ ٿيو آهي، ڪو مڙيئِي پاپ ٿيو آهي. چيائون: پاپ تہ اِهو ٿيو، جو اَسان هن پاپيءَ جو درشن ڪيو. هن پاپيءَ وٽ وڃِي اَسين لٿاسين. هن پاپيءَ اَسان کي ڪاڏو ڪارايو. هن پاپيءَ اَسان جي سرير کي هٿ لاتو. ٻيو تہ اَسان ڪو پاپ ڪين ڪيو آهي.

هڪ ڏينهن هي مُنيوَر، جي پهتل هئا، ٻئي روئِي گنگا ما، گنگا مئيا کي پرارٿنا ڪن ٿا: گنگا مئيا! اَسين ڪٿان نڪتا آهين فقط اِن ڪم واسطي تہ اَسين اَچِي تنهنجي گود ۾ اِشنان ڪريون، پر هي اَسان کان ڇا ٿو ٿئي؟ ڪيڏي ڪوشش ڪريون ٿا، اَسين توکي پهچون، پاڻ وڃون ٿا توکان پري ٿيندا. اَسان

(۹)

راڌا، پيگنيءَ جو روُپ-(۱)

اَڄوڪو ڏينهن پوتر راڌا اَشٽميءَ جو ڏينهن! پنڌرهان
نهن اَڳ اَسان اُهو پوتر، مهاپوتر جنماشٽميءَ جو ڏينهن ملهايو،
نهن ڏينهن پريو پاڻ پرٿويءَ تي پڌاريو. پهري جامو اِنساني،
ري خاڪ جا وستر، پيارو پريو پاڻ هت پرٿويءَ تي آيو. ستيہ
ڪ جي سونهن کڻي آيو. مرليءَ جو راڳ کڻي آيو ۽ ڪئن نہ
ڇي پنهنجي ليلا لڳايائين. پنڌرهن ڏينهن پوءِ اَڇي ٿو اَڄوڪو
ينهن، راڌا اَشٽميءَ جو ڏينهن. جڻ تہ راڌا شري ڪرشن کان
ري رهي نہ سگهي، جهٽ ۾ پنيان پڄندي آئي.
راڌا ڪير؟ پيگنيءَ جو روپ! پريم، سڪ، اُڪير، محبت
ي مورت! جنهن پيار جي اَڄ ڪلهہ ڪيڏي نہ ضرورت آهي.
ن دنيا ۾ جيڪڏهن ڪنهن ڳالهہ جو ڏڪر آهي، تہ اُهو آهي
ريم، پيار جو ڏڪر. سال بسال راڌا اَشٽمي پاڻ سان اِهو ئي هڪ
يغام کڻي اَچي ٿي:- پيار ڏيو! پيار ڏيو! پريوءَ کي پيار ڏيو ۽
ڪ ٻئي ۾ پريوءَ جو روپ ڏسي وچو پيار ڏيندا. پيار اُهو، جو
ڪنهن ۾ نقص ڪين ڏسي. پيار اُهو، جو ڪنهن ۾ اَوگڻ ڪين

توهين هنن کي معاف ڪريو.

هي ٻئي مُنيوَر هن وٽ اَچن ٿا: اَچي هن جا چرن پڪڙين ٿا. هن کي وينتي ڪن ٿا تہ اَسان کي معافي ڏيو. هي ڪين پاڪي پائي ٿو. چوين ٿو. ڇئو تہ مان توهان کي گنگا مئيا وٽ وٺي هلان. هلي اَسين گڏجي اِشنان ڪريون.

اَڄ پنهنجي دل جي اَندر هي اکر جيڪر ڪٽيِ وڃون:

تيري چرڻ ڪمل، ميري وئڪنٺ ڌام:
تون ميرو گوبند، تون گهنشيام!
جند جان ڪريان مان توتان قربان:
تونهين جمنا گنگا اِشنان!

منهنجا پريو! منهنجا گرديو! منهنجا پريتم! تنهنجي چرنن ۾ آهي سچو وئڪنٺ ڌام. سچو وئڪنٺ ڌام ٻئي ڪنهن هنڌ ڪونهي. گروءَ جي ڪمل چرنن ۾ آهي!

توهين سڀاڳا آهيو، روز روز ستسنگ ۾ اَچو ٿا. ستسنگ ۾ اَچڻ آهي گنگا ۾ اِشنان ڪرڻ. ستسنگ آهي گنگا جي نديِ. اُن نديءَ ۾ توهين اِشنان ڪريو ٿا، توهين سڀاڳا آهيو، توهين ڌنيہ آهيو. اِن ڪري مان وريِ وريِ چوندو آهيان: مان اَچيِ توهان جا چرن ڇُهان، اَچيِ توهان جي چرنن ۾ سِر نوايان، اَچيِ توهان جي آسيس پايان تہ منهنجيِ بہ مانڪہ ياترا سڦل ٿئي!

ري آئي آهيان، جو تہ تون آهين پُڇُومل. تون پيو پڇندو
ين. جيڪي توکي کپي، سو مونکان پڇ.' تڏهن مان ڪيس
وان ٿو:- 'راڌا! مون کي جيڪر ٻڌائين تہ تون راڌا ڪئن ٿينءَ؟
ري ڪرشن وٽ ڪيتريون ئي گوپيون. هڪ هڪ پيئي چاهي
، مان ڪرشن جي نزديڪ اَچان، مان ڪرشن جي ٿيان، ڪرشن
ان سڀ ڪجهہ ٻلهار ڪريان! اِنهن سڀني منجهان تون راڌا ڪئن
ينءَ؟' تڏهن راڌا چوي ٿي:- 'مان سچ ٿي توکي ٻڌايان: مون
اَٿيئي ڪجهہ ڪين. هي سڀ ڪرشن جي ڪرپا اَٿيئي، ڪرشن
و رحم اَٿيئي، ڪرشن جو فضل اَٿيئي. سندس ڪرپا، سندس
صل، سندس رحم، سندس مهر جو ويچار ڪري مون پنهنجي
يون ٽن ڳالهين ۾ ٻڌي.' 'ٽي ڳالهيون؟' مونکي اُڻ تڻ ٿئي
ي. راڌا کان پڇان ٿو: 'تو ڪهڙين ٽن ڳالهين ۾ پنهنجي جيون
ڌي، جو شري ڪرشن تنهنجي پنيان مست ٿي پيو ڦري؟'

ڪبير من نرمل ڀئيا، جئسي گنگا نير:
پاڇي لاڳو هر ڦريءَ، ڪهيءَ ڪبير ڪبير!

ڪبير چوي ٿو: منهنجي پنيان پيو هري ڦرندو
آهہ. توهين پريوءَ جي تلاش پيا ڪريو، پريوءَ جي پنيان پيا
رو، پر پريو منهنجي پنيان پيو ڦرندو آهي. مونکي پيو چوندو
آهي: ڪبير! تون ترس تہ سهين! مان توکي اَچي ملان، توسان
َچي ڳالهيون ڪريان!

تڏهن راڌا چيو:- (۱) پهرين ڳالهہ جنهن ۾ مون

ڏسي، وچي پنهنجِي آسيس ڏيندو. اِن پيار جي ڪيڏِي نہ ضرورت آهي!

اَڄ مون چيو، مان توهان سان ذڪر ڪريان اِڪ سپني جو. هڪ ڏينهن مان سانت ۾ شريِ ڪرشن جي ڪمل چرنن ۾ وينو هوس: ويني ويني مون ڪي جهوٽو اَچِي ويو. جهوٽي ۾ سپنو ڏسان ٿو. سپني ۾ منهنجي اڳيان راڌا اَچِي بيني آهي. راڌا، ڇا تہ سندس سونهن هئِي! ڇا تہ سندس مک ۾ معصوميتا هئِي! ڇا تہ ڪيس سندر تا هئِي! اَکر ڪين اَٿم، جو اِن سندر تا جو ٿوروئِي ڪڇ ذڪر ڪري سگهان. ڪئن نہ سندس منهن پئي مشڪيو! ڪئن نہ سندس اکيون پئي چمڪيون! نشي ۾ ٽمٽار! هڪڙيون اکيون ٿينديون آهن نشي ۾ ٽمٽار. بيو ڪڇ ڏسن ڪونہ. هونديون بيشڪ هتي. اَسين سندن چوگرد وينا هونداسين. پر اُهي اکيون اَسان کي ڏسنديون ڪين! پنهنجي نشي ۾، پنهنجي مستيءَ ۾ وچايل اُهي اَکيون!

هيءَ ڪيتري وقت جِي ڳالهہ آهي، پر اَڄ ڏينهن تائين ڪئن نہ اُهو مکڙو منهنجي اڳيان وريِ وريِ اَچِي بيهندو آهي ۽ اِن سپني ۾ مان چوان ٿو: - ’راڌا! تون اَچِي ويئي آهين. پوءِ مان توکان هڪ سوال پڇان؟ ٻاراٽو سوال آهي. سمجهہ واري جو سوال ڪين آهي. تون بہ تہ ٻار آهين نہ. شيام سندر جي اِڪ ٻار آهين نہ تون. مان توکان هڪ ٻاراٽو سوال پڇان؟‘ ’کهڙو سوال‘ راڌا چوي ٿي: ’پڇ جيڪِي توکي پڇڻو هجي. مان تو وٽ اِن

ي اَسان جو حق تيِ نٿو سگهي. شريِ ڪرشن تي اَسان جو حق
ي نٿو سگهي. جيڪي بہ ڏئي ٿو، هن جيِ ڪرپا آهي، هن جو
حم آهي، هن جو فضل آهي. جي اَسين پنهنجي جيون اِن
صوُل ۾ ٻڌون تہ اَسان جيِ جيون جيڪر سرسبز ٿيِ پوي.
(٣) ٽين ڳالهہ: مان ڪجهہ ڪين آهيان: منهنجو محبوب
سڀ ڪجهہ آهي. مان آهيان ڇا؟ مان اِڪ ڳوناٽيِ، اِڪ ڳوٽ جيِ
ِ هاڪوُ. مان ڪجهہ ڪين آهيان! ڪرشن ويهيِ مونکي چونڊيو.
ڪرشن جي اَڳيان سڄيِ دنيا هئيِ. سڄيِ دنيا پئي چاهيو تہ
شريِ ڪرشن اَسان کي چونڊي. مونکي ويهيِ چونڊيائين. مان
ہ ڪجهہ ڪين آهيان: ڪرشن سڀ ڪجهہ آهي!
جڏهن اِها جاڳرتا اَسان جي اَندر اَچي ٿيِ، اَسين سڄ
پچ نماڻا ٿيِ پئون ٿا. راڌا ڪير؟ راڌا نماڻيِ! اِن ڪري ٿي پيئيِ
ڪرشن جيِ راڻيِ. راڌا چوي ٿيِ: - ’مون پنهنجيِ جيون اِنهن
ٽن ڳالهين ۾ ٻڌيِ. پر اِهو بہ ڪري سگهيس، جو شريِ ڪرشن
جيِ ڪرپا مونسان هئيِ.‘
تڏهن مان وريِ ٻيو سوال ڪانئس پڇان ٿو:- ’راڌا راڻيِ!
مونکي ٻڌاءِ ڪرشن آيو، توهان کي هڪ نئين دنيا ۾ وٺي هليو.
نئين دنيا، جنهن ۾ پريم ئيِ پريم،- جڳہ مڳہ جوت جيون ۾
جاڳي، جاڳي سدا اِڪ پريم ئيِ پريم،- اِن پريم لوڪ، اِن پيار
لوڪ، اِن ستيہ لوڪ، اِن گئو لوڪ، اِن ڪرشن لوڪ ۾ توهان کي
وٺيِ هليو. توهان جيِ سرت اَچيِ شري ڪرشن مٿي چاڙهيِ.

پنهنجي جيون بڌي، سا هيءَ تہ ڪرشن هميشہ صحيح آهي: مان هميشہ غلط آهيان. ڪيتريون ئي ڳالهيون ٿينديون هيون، گوپيون ڪرشن کي اَچي چونديون هيون، پوءِ منهنجي اَندر بغض اُٿندو هو. ڪرشن هنن جي ڳالہ ٻڌي ٿو. هي سچي ڳالہ ڪرشن کي نٿيون ٻڌائين، ڪرشن کي اَچي ڀنيلائين ٿيون، ڪرشن کي اَچي ڀلائين ٿيون. ڪرشن غلط آهي، ڪرشن کي اُها پروڙ ڪين آهي. اِهي ويچار مونکي شروع ۾ اِيندا هئا. پوءِ مون ويهي پاڻ کي سمجهايو: ڪرشن ڪئن ڀنيلجي سگهندو. ڪرشن ڏيکاريندو آهي تہ مان ڀنيلجي ويو آهيان، پر ڪرشن ڪئن ڀنيلجي سگهندو؟ ڪرشن ڪئن ڀلائجي سگهندو؟ ڪرشن هميشہ صحيح آهي: مان هميشہ غلط آهيان. جيڪي ڪرشن جو فيصلو آهي، اُهو ئي سچو فيصلو آهي. اُهو ئي مونکي قبول ڪرڻ گهرجي. مونکي کپي، مان پنهنجي اِڇا ڦٽي ڪري پنهنجي زندگي، پنهنجي جيون شري ڪرشن جي اِڇا ۾ ٻڌان. پهريون سبق جو مون پاڻ کي ويهي سيکاريو، سو هي تہ ڪرشن ڪڏهن بہ غلط ٿي نٿو سگهي، مان غلط ٿي سگهان ٿي، مان غلط آهيان. ڪرشن هميشہ صحيح آهي.

(٢) ٻي ڳالہ راڌا چيو، جنهن ۾ مون پنهنجي جيون ٻڌي، سا هيءَ تہ ڪرشن تي منهنجو ڪوبہ حق ڪين آهي. پيار ۾ اَسين هميشہ سمجهندا آهيون تہ مان پيار ڪريان ٿي، منهنجو حق آهي. نہ، حق ڪين آهي. گروءَ تي، پياري پريوءَ

ان کي پنهنجي يتن سان اُن ديس کي پهچڻو آهي. هيِ
تہ اَسان کي lift ۾ وٺيِ هليو. lift ۾ ويهہ، يڪدم مٿي
هيِ وڃبو آهي. چيائين:- هاڻي lift بند ٿيِ. هاڻي توهان
ڏاڪڻ تي چڙهيِ مٿي اُن ديس کي پهچڻو آهي.

چاڙهي چاڙهي توهان کي هلي گئو لوڪ، ڪرشن لوڪ ۾، پيار لوڪ، محبت جي لوڪ ۾ پهچايائين؛ پر پوءِ وري توهان کي ڇڏي ويو. توهين اِن لوڪ مان ڪِري پيئون هيٺ؛ سبب ڪهڙو؟ توهان کي چاڙهيائين، توهان کي اُچي مٿي ڪنيائين ۽ پوءِ وري توهان کي ڇڏي ڏنائين. سبب ڪهڙو؟'

تڏهن راڌا جواب ڏئي ٿي. راڌا چوي ٿي:- توکي يادگيري هوندي، هڪ وقت ڪيترا سال اڳ، پيارو دادا رات جو پنڌ ڪرڻ وقت توکي ڪراچي سُئيٽ ميٽ مارٽ تي وٺي هلندو هو. ڪراچي سئيٽ ميٽ مارٽ جو مالڪ قيمتراءِ. قيمتراءِ کي پياري دادا واسطي ڏاڍو پريم هوندو هو. پيارو دادا هلي اُن دڪان تي بيهندو هو، چوڌاري نهاريندو هو. قيمتراءِ يڪدم نيون نيون مٺايون، تن مان ٽڪرو ڪڍي Sample توڙ اَچي پياري دادا کي ڏيندو هو ۽ چوندو هو:- 'دادا! هي ڪائي ڏسو. Sample ڪارائي لالچائيندو هو، جئن اَسان جي دل اَندر اِن مٺائيءَ واسطي پريم جاڳي ۽ اَسين اُها مٺائي وڏيڪ وٺون. اِئين ٿيندو هو نه؟' مون چيو:- 'ها، پر توکي ڪئن خبر پيئي؟' مونکي عجب لڳو ته سالن جي ڳالهه ڪئن تي ٻڌائي؟ چيائين:- 'تئن شري ڪرشن آيو، اَسان کي اَچي فقط اُن لوڪ جو Sample ڏنائين، هڪ جهانڪي ڏيکاريائين ته توهين سواد وٺي ڏسو. ڪيڏو نه آنند آهه، ڪيڏي نه موّج آهه، ڪيڏو نه سچو سک آهه، جيڪڏهن توهين هلي اُن ديس ۾ نواس ڪريو ٿا.' پوءِ چيائين: هاڻي

اَوستا ۾ هميشهہ رهڻ تو چاهيان. اِن ڪري پوءِ ڪيتريون ساڌنائون ڪيون اَٿس. ڪيترين ساڌنائن مان لنگهيو آهي. نيٺ اُن اَوستا تي اَچيِ پهتو، جو لوڪن جي وچ ۾ وينو هوندو هو، اوچتو ئيِ اوچتو سماڌيءَ ۾ چڙهيِ ويندو هو. ڪو گيت ٻڌندو هو:- 'ٻول پکيِ پرديسڙا، تون ڪهڙي ديسوُن آوندئين؟' سرت متي چڙهيِ وينديِ هئس، سماڌيءَ ۾ هليو ويندو هو.

ستپرڪہ، پريوءَ جا پيارا، اَوتاريِ پرش اَسان کي اَچڻ تا اِهو سواد ڏيڻ. مناٰئيءَ واري وانگر آهن، اَسان کي اَچي چون تا:- هيِ سواد وٺيِ تہ ڏسو. هڪ واريءَ سواد وٺون تا. اَهڙو آنند اَچي تو وڃي، جو سڄيِ دنيا ۾ ٻيو ڪڇ ڪين تو وٽي. اَسان کي فقط اُهو آزمودو ڪپي.

ڪيتريون ئيِ ڳالهيون راڌا مونکي ٻڌايون، پر اَڄ وقت ڪين اَٿم، جو توهان سان اُنهن جو ذڪر ڪريان. مان توهان سان سپني جو وينو ذڪر ڪريان. سپني ۾ اوچتو ئيِ اوچتو تصويرون ڦرنديون وينديون آهن. هڪ کن ۾ هڪ تصوير، ٻيءَ کن ۾ وريِ ٻي ڪا تصوير. اوچتو ئيِ اوچتو ڏسان تو تہ مان برج يوميءَ ۾ وينو آهيان. برج يوميِ، جنهن ۾ شريِ ڪرشن آيو. ڪئن نہ چپن تي مرليِ چاڙهي هن برج يوميءَ کي سرسبز ڪيائين. ڪرشن هليو ويو، برج يوميِ وريِ ويران ٿيِ ويئي. برج يوميءَ ۾ ڏسان تو، تہ جمنا نديءَ جي ڪناري تي گوپيون گول چڪر ۾ وينيون آهن. وچ ۾ باهہ پيئيِ ٻري. جئن ڪئمپ فاير

(٩)

راڌا، ڀڳتيءَ جو روُپ-(٢)

مونکي اَچي يادگيري پيئي شري رام ڪرشن پرم هنس جي. اُن سان به ائين ٿيو. سندس دل اَندر اُتڪنٺا، اُڪير، پياس، سڪ: ما! ما! مان تنهنجو درشن ڪرڻ چاهيان ٿو. تون ٺوريءَ پٿر جو پُتلو آهين. تون ته اُهو آهين، جو هن پٿر جي پُتلي ۾ وينو آهي، وينو لوڪن کي ڇڪي. اُها شڪتي مان ڏسڻ چاهيان ٿو. اُهو روپ مان ڏسڻ چاهيان ٿو. اُن جو درشن مان ڪرڻ چاهيان ٿو. روئي ٿو، سڏڪا ڀري ٿو، ٻاڪاري ٿو، پڪاري ٿو. هڪ ڏينهن ته سندس اَهڙي اَوستا ٿئي ٿي، جو چوي ٿو: اِن درشن بنا مان وڌيڪ جي نٿو سگهان. تلوار ڪٽي پاڻ کي هٽي ٿو. هٽڻ تي آهي ته ڪيس درشن ملي ٿو. پر اُهو درشن فقط هڪ جهانڪي درشن ملي ٿو ۽ اُن درشن ۾ سماڌيءَ ۾ اَچي وڃي ٿو. ڪيترا ڪلاڪ سماڌيءَ جي اَوستا ۾ آهي. سماڌيءَ مان ٻاهر نڪري ٿو: نهاري ٿو: چوي ٿو: مان ڪٿي هوس ۽ هينئر ڪٿي اَچي پهتو آهيان. پر ڪيس اِهو سواد مليو. چيائين: هاڻي مان اِن

ي:- للتوُ! للتوُ! مون کي ڪوتيندا هئا لليتا. هيِ پيو چوي:
وُ! للتوُ! ڏنائين، مان ڏيان نتيِ ڏيانس تہ چوڻ لڳو: لَلِتِ، لَلِتِ!
ن گهٽو ئيِ چيو تہ مان هن کان بچان، پر بچائي ڪين
هيس. منهنجي دل ۾ گهسي ويو. نہ هوندو هو، پيئيِ سندس
از ٻڌنديِ هئس:- للتوُ، للتوُ! لَلِتِ لَلِتِ! پيئيِ نهاريندِي هئس
ڪڏهن تو اَچي مونکي ملي. منهنجيِ اِها حالت ٿيِ.

هوُ بہ منهنجي لاءِ پيو نهاريندو هو. مان روز نديءَ
ڄهان مٽڪو ڀرڻ ويندِي هئس. سندس گهر وٽان مونکي
گهٽو پوندو هو. ڏسيِ چڏيو هئائين تہ هيءَ ڪيڏِي مهل لنگهي
. پوءِ مٽي پنهنجي چوٽ تي چڙهيِ پيو اَچ وڃ ڪندو هو تہ
تا هتان لنگهنديِ ۽ مان ڪيس سڏيندس:- ’للتوُ، للتوُ! لَلِتِ،
لِتِ!‘ منهنجي دل اَندر بہ اُها اُڪير، اُهو عشق اَچيِ پيدا ٿيو.
ن بہ چونديِ هئس تہ اِهو آواز مان ٻڌان، مونکي سڏ ڪري.
نهنجي لاءِ جڻ تہ سڄي ڏينهن جيِ خوشيِ اِها هونديِ هئيِ،
ڏهن مونکي اَچِي سڏيندو هو. جي ڪنهن ڏينهن دير ٿيِ
بنديِ هئيِ، ڏسنديِ هئس وينو اَچ وڃ ڪري. ڪيڏيون نہ
چايون هن ڪيون!

پوءِ ڪيڏيون نہ تڪليفون مونکي ڏنائين. مونکي ڦٽو
ڪري ڇڏيائين. هيِ، جو منهنجي لاءِ اڪيون کولي وينو نهاريندو
و، اَهڙو وقت آيو جو پنهنجي ڦند ۾ ڦاسائي مونکي ڇيائين تہ
مان تو مان اَچِي ڦاٿو آهيان. اَچا ڪڏهن مان تو مان ڇٽندس؟

۾ ڪندا آهيون، باهه پيئي ٻرندي آهي، ٻنڊ پيا ٻرندا آهن. اَسين چوگرد اَچي وهندا آهيون. اِها حالت گوپين جي ڏسان ٿو. سياري جي سيءُ آهي. تڏ پيئي واڪا ڪري ۽ گوپين وينيون ذڪر ڪن. هڪ هڪ پنهنجي آزمودي جو ويٺي ذڪر ڪري ته شيام سان مونکي ڪهڙا آزمودا مليا. شيام سندر، شري ڪرشن، مرلي منوهر، ڪئن نه اَچي منهنجي دل ڏتاري. ڪئن نه مونکي اَچي دنيا مان آزاد ڪيائين. هڪ هڪ پنهنجو آزمودو ويٺي ٻڌائي.

ڪنڊ ۾ هڪ ويٺي آهي، جا ڪجهي نٿي: پر سندس اکين مان لڙڪ پيا لڙن. تڏهن ڪيتري وقت کان پوءِ گوپيون ڪيس چون ٿيون:- 'لليتا! لليتا! تو پنهنجي آزمودي جو ذڪر اَسان سان ڪين ڪيو آهي. ڇو؟ هڪ وقت هو، ڪرشن تنهنجي پنيان مست ٿي پيو ڦرندو هو. ڪرشن توکي اَلائي ڪيتريون پيار جون پياليون پيئاريون هونديون. تون اَسان سان ذڪر ڪر. لليتا اِهي اکر ٻڌي ٿي. روئڻ ۾ اَچي چنگي ٿي. چوي ٿي:- 'منهنجون سهيليون! مان توهان کي ڇا ٻڌايان؟ مان پنهنجي دنيا ۾ رهندي هئس. ڪم ڪار خوب هوندو هو. گهر جي صفائي ڪندي هئس، ٻهاريون پائيندي هئس. رنڌڻي ۾ ڪم ڪندي هئس. پنهنجي ڪم ۾ مشغول هوندي هئس. هي ڇوڪر آيو، جنهن بابت مونکي ٻڌايائون ته لچو ڇوڪر آهي. هن پر تون خيال رکجانءِ. هن جي ڦندي ۾ نه ڦاسجانءِ. آيو، اَچي پيو

بن ۽ تہ هوشيار. پنهنجو هوش ڪيڏانهن ڪيو اَٿيئي؟
نجو عقل ڪٿي وڪٽي آئي آهين؟' مان ڇا هنن کي ٻڌايان؟
نجي گهر جي ٻاهران ڄڻ اَچي چوُنڪي ڏيندو هو، وينو اَچ
ڪندو هو. ڏسندو هو بابو بہ گهر کان ٻاهر نڪتو، اَمان بہ گهر
ٻاهر نڪتي، ڀائوُ بہ گهر کان ٻاهر نڪتو. گهر ۾ لنگهي اِيندو
در بہ ڪين ڪڙڪائيندو هو، سڏيندو بہ ڪين هو. ماٺهو گهر
آهي، ڪڏهن ڪٿن وينو آهي، ڪڏهن ڪٿن. هي لنگهي اِيندو
۽ واڪي سان اَچي ڳالهائيندو هو. گهٽو ئي چونديِ هئي سانس:
ستي ڳالهاءِ. پاڙيوارا نہ ٻڌن. جئن اِئين چوندي هئي سانس،
ڻ ويندو هو وڌيڪ واڪا ڪندو. ڪهڙيون ڳالهيون توهان کي
ايان؟

هڪ ڏينهن مان متڪي پري پيئي اَچان. ڪنڌ ۾ لڪو
نو هو. نڪري آيو ڪنڌ مان. پنهنجي ٽنگہ اَچي منهنجي
گن سان اَڙائي مونکي ڪڏ ۾ ڪيرائي ڇڏيائين. منهنجي
نڪيءَ مان پاڻي وهي ويو. لوڪ اَچي ڪٺا ٿيا. مونکي ايڏي لڄ
ي، جو مون چيو: مان وري هن جو منهن ڪين ڏسنديس. هي
مجهي ڇا ٿو؟ کُليو کُلايو رستي تي منهنجي هيڏي پت وڃائي
ڏيائين. ماٺهو اَچي مڙيا. مان ڪڏ ۾ پيئي آهيان ۽ گهاگهر مان
ٽي پيو وهي. ويس گهر، وڃي وهاڻي ۾ منهن وجهي ڇڏيم.
ان ڳوڙها پيئي ڳاڙيان. وهاڻو سڄو آلو ٿي ويو. بہ ڏينهن منهنجا
ئين ئي گذري ويا. مونکي ڪاوڙ ڏاڍي، خار ڏاڍا، دل جي اَندر

تون ڇو پيئي سڄو وقت منهنجي پنيان ڦرين؟ مونکي ٻيا ڪم ڪونہ ڪرڻا آهن ڇا؟ منهنجي اِها حالت! پر سر تيون! تنهن هوندي بہ مونکي جيڪڏهن وري وجهہ ملي، جيڪڏهن مونکي وري هيءَ زندگي رهڻي پوي تہ مان فقط اِهو هڪ ڪم ڪريان، پنهنجي شيام سندر، مني موهن، مرليڌر جا چرن وجي چُمان. اُنهن کي چنبڙي پوان. ٻيو جيڪر ڪم ئي نہ ڪريان!

هي گوپيون جيڪي هن ڪئمپ فاير جي چوگرد وينيون آهن، سي لليتا کي چون ٿيون: اَسان کي پنهنجا آزمودا ٻڌاءِ. اَسان کي ڪجهہ تہ ٻڌاءِ. ڪئن توکي ڪرشن ملندو هو، تنهنجي پنيان پيو ڦرندو هو. توکي ڪيڏو نہ پيار پيئاريائين! اَسان سان ڪجهہ تہ اُن جو ذڪر ڪر.

تڏهن لليتا چوي ٿي: ڇا توهان کي ٻڌايان؟ بس، جڏهن اِهو عشق، اِها اُڪير اَچي منهنجي دل اَندر اُٿاريائين، اُن کان پوءِ تہ سڄو وقت منهنجي لاءِ سنسار ۾ فقط شيام سندر هو. ٻيو ڪجهہ هو ئي ڪين. مان مکڻ جا محلات پيئي اَڏيندي هئس، آسمان ۾ پيئي اُڏامندي هئس. پنهنجي مستيءَ ۾ رهندي هئس. ڪيترا ڀيرا هي بلائوز ٽنگن مان پيئي پائيندي هئس. ڪيترا ڀيرا سُٿڻ ڳچيءَ مان پيئي پائيندي هئس. منهنجي اَهڙي حالت هوندي هئي. رنڌڻي ۾ ويندي هئس، مرچ جي بدران لوڻ پيئي وجهندي هئس ۽ لوڻ جي بدران کنڊ پيئي وجهندي هئس. مونکي گهر جا ڀاتي چوندا هئا:- ’تون

منتر وجهڻ. هن جُون ڪهڙيون ڳالهيون ٻڌائي ڪهڙيون ٻڌايان؟
منهنجا پيارا پائرو! منهنجون پينرون! مان ٻه توهان کي ڇا ٻڌائي، ڇا ٻڌايان؟ پر سپيئي گوپيون، جي هن باه جي چوگرد وينيون هيون، سيني چيو:- 'بيشڪ' لڇايون ڪندو هو، بيشڪ، اَسان جو سڀ ڪجهہ لُٽي ويو، پر ڇيائون: هو ڇا اَسان کي؟ هئي تہ فقط هڪ دل. اِها دل ڏينهن ڏٺي جو چوري ڪري ويو. پر تنهن هوندي بہ جي وري اَسان کي وجهہ ملي تہ اَسين شيام جا وچِي چرن پڪڙيون. اَسانکي ٻيو ڪجهہ کپي ڪين. نڪي سنسار کپي، نڪي سنسار جو پدارٿ کپي، نڪي سنسار جو مان شان وڏائي کپي، نڪي سنسار جو عيش عشرت آرام کپي. ڪجهہ ڪين کپي. پل جيڪي وڻيس، سو ڪري. اَسين سندس ملڪيت آهيون. جئن وڻيس، تئن ڪري: پر اَسان کان پري نہ ٿئي! مون کي تہ کپين تون! مون کي تہ کپين تون! پوءِ گڏجي جئن ڪئمپ فاير ۾ گيت ڳائيندا آهن، تئن هڪ گيت ڳائين ٿيون.
مان سپني مان اُٿيس: منهنجو هٿ هلڻ لڳو. اُهي اکر گيت جا، جي هُنن جا ڪين هئا، جيتري يادگيري هئي، اُهي لکي مان اَڄ ڪٽي آيو آهيان. توهان وٽ اَڄوڪي پوتر راڌا اَشٽميءَ جي ڏينهن ڇڏي وڃڻ چاهيان ٿو. هن گيت ۾ آهي راڌا جي دل جي پڪار، آهي گوپين جي دل جي پڪار. هن گيت ۾ شل ٿئي اَسان مان هڪ هڪ جي دل جي پڪار:

بغض ڏاڍو.

ٻن ڏينهن کان پوءِ آيو: اَچي منهنجي پرسان وينو. ’لَلِت، لَلِت! للتو! للتو!‘ مونکي سڀ ڪجهه وسري ويو. جيڪي اَنجام مون ڪيا تہ مان هن ڏي نهاريندس ڪين. اڪيون کولي پاسو ورائي مان ڪيس ڏسان ٿي. منهنجو هٿ اَچي پنهنجن هٿن ۾ پڪڙي ٿو. نہ تہ ڪڏهن اَسان ڪي ڇهندو ڪين هو. ڪڏهن هوا ۾ جي اَسان جي شِفان جي پوتي اُڏامي وڃي ڪيس لڳندي هئي تہ پنهنجا ڪپڙا اَچي ڇنڊيندو هو، ڄڻ تہ اَسين اَڇوُت آهيون. اُهو پاڻ اَچي منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ پڪڙي ٿو. مون هٿ ڦِرين ڇڏايومانس. ڇڏ، ڇڏ! ورِي ٻانهن منهنجي پڪڙيائين. ٻانهن ڇڏ. ورِي منهنجي نراڙ تي هٿ رکيائين. ٻخار جا ٻَٽ! منهنجي اَندر باهہ پئي ٻري! چيائين:- ”للتو! توکي ايڏو ٻخار آهي؟“ اُٿِي پاڻ وڃي گلاس پاڻيءَ جو ڀري اُن ۾ ڦوُڪ ڏئي ٿو. ڦوُڪ ڏيئِي ڪجهه منتر اُچاري ٿو. اَلائي ڇا؟ مونکي اَچِي ڏئي ٿو. چوي ٿو:- ’هِي پِيءُ.‘ مون پيتو، پر سچ ٿِي ٻڌايان. عجب اِسرار ٿيو. ٻخار جا ٻَٽ، جي هڪ منٽ اڳي هئا، هينئر لڳہ نري ويا ۽ مان اُٿِي وينس. تڏهن مون چيومانس تہ هِي پاڻيءَ ۾ ڦوڪون پيو وجهين، منتر پيو پڙهين. ڇو، ڇنتا ٿِي پيئي هُئيئہ ڇا؟ هونءَ تہ مونکي چوندو آهين: تو ڪانوَ جِي ڪُنڌِي ڪاڌي آهي، تون سؤ سال جيئندينءَ. هينئر ڊپ ٿيئہ ڇا تہ مان جلدِي ٿِي مرِي وڃان، جو آيو آهين ڦوڪون وجهڻ ۽ هِي

(١٠)

ڪرشن ڀڳتياڻي دروپديءِ
ڀُل مان ڀلائي

اَڄ جڏهن صبوح جو اُٿيس، مون پنهنجي دل جي اَندر
ِهڙا اَکر ٻڌا؟ اِهي اکر وري وري مون پنهنجي دل جي اَندر
ٖرايا آهن:-

عجب رنگ تيرا، عجيبن جا اِسرار!
نہ ڇڏجانءِ ڇوريءَ کي، لهجانءِ سنڀار!
آهيان آنءُ مُور ڪہ، ڀُلُون بيشمار:
پر آهيان آنءُ تنهنجي، سَتُر ڪر سَتار!
ڏکيءَ ڏکڻهار،
ڏيئي پاند پناه جو!

جڏهن زندگيءَ جي راه تي اَسين پنڌ ڪريون ٿا، ڪيڏيون
، ڀُلُون ڪريون ٿا. ڪرڻ نٿا چاهيون، تنهن هوندي بہ اَسان کان
ڪيتريون ڀُلون ٿيِ وڃن ٿيون. پر جيڪڏهن اَسان تي پياري
رڀوءَ جو هٿ آهي،- ”ڏکيءَ، ڏکڻهار ڏيئيِ پاند پناه جو!

ڪپي ڪين دنيا، نڪِي دنيا جو ڌن:
ڪپين اِڪ منا! تون، اَچِي وَس منهنجي مَن!
ڪپي ڪين مان شان، ڪپي ڪين وڏائِي:
تنهنجي شيوا ۾ ، ڪريان جيون سجائِي!
ڪپي ڪين عهدو، ڪپي ڪين اِقبال:
ڪپين اِڪ منا! تون، منهنجا بال گوپال!
اِڪ تنهنجي تلاش ۾ ، گليون پيئِي گهمان:
ملين مونکي هڪ وار، چرن تنهنجا چُمان!
ٻُڌم مرلِي تنهنجِي ، ٿيو مَنڙو هِي مستان:
ڦران پيئِي هِت هُت، حيرت ۾ حيران!
سڏيان وينِي توکي، کولي سِڪ ستار:
اَڄم گهرج تنهنجِي، منهنجا ڪانڌ پيار!
آهي جيڪِي مونکي، ڪريان توتان قربان،
ڪري قياس نوُرِي، ڪر اَنجليءَ تي اَحسان!

جي سامهون بيهن ٿا. عجيب سندر ڏکهو وڻ. اُن وڻ ۾ ڪي ميوا
ٻيا لٽڪن. دروپدي چوي ٿي يڌشٽر کي: ڌرمراج! دروپدي
يڌشٽر کي نالي سان ڪين سڏيندي هئي. اَڄڪلهه پينرون
پنهنجن گهوٽن کي نالي سان سڏينديون آهن. تن ڏينهن ۾
گهوٽ کي آريہ پُتر ڪري ڪوٺينديون هيون، پر دروپدي
پنهنجي گهوٽ کي ڌرمراج ڪري ٿي ڪوٺي. چويس ٿي:
ڌرمراج! ڪهڙو نہ عجيب ميوو هن وڻ ۾ آهي! مون تہ اڳي اهڙو
ميوو ڏٺو ئي ڪينهي. مون کي تو ڪڏهن ههڙو ميوو ڪين ڪارايو
آهي. تڏهن يڌشٽر چويٿو: دروپدي! ترس تہ مان اِتيئي تو
توکي اِهو ميوو ڇني ڪارايان. اِهو وڻ روما رشيءَ جي بن جو هو ۽
هن وڻ ۾ جيڪو ميوو نڪرندو هو، تنهنجي هڪ عجيب
خاصيت هيءَ هوندي هئي تہ جيڪڏهن ڪوبہ اُهو ميوو ڪائي
تہ ڪيترائي سال، پنج، ڇهہ، ست، اَٺ سال اُن کي بکہ ئي ڪين
لڳندي.

يڌشٽر يڪدم پنهنجي ڪمان ڪولي تير ڇوڙيو. تير
لڳڻ سان ميوو زمين تي ڪري پيو. يڌشٽر تير ڇڏڻ ۾ تمام
هوشيار هوندو هو. روما رشيءَ جو اِهو حڪم هوندو هو تہ ڪوبہ
ماڻهو اِهو ميوو وٺمان نہ ڇني. جڏهن بہ وڻ مان اِهو ميوو پاڻيهي
ڪري پوي، پوءِ ڀل جنهن کي کپي، سو کڻي وڃي. پر ڪڏهن
بہ وڻ مان اِهو ميوو ڇنو نہ. يڌشٽر کي اِن ڳالهہ جي خبر ڪين
هئي، نہ تہ يڌشٽر ڌرمراج هو. اَهڙو ڪم ڪريئي ڪين ها.

آهيان آنءُ تنهنجي، سَتُر ڪر سَتار!“ تہ اُنهن ٻُلن کي بدلائي پرپو ٻَلايون ڪري تو ڇڏي.

هڪ هنڌ مان هوس. مون کان سوال پڇيائون: چيائون: ڪڏهن ٻڳوان پنهنجن ڀڳتن کي پيري پيو آهي؟ ڀڳت تہ وري ڀڳوان کي پيري پيا پون. اهڙو ڪو موقعو ٿيو آهي، جو ڀڳوان پاڻ نمي ڀڳتن جا پير ڇهي؟

مون کي يادگيري پيئي تہ ڪئن نہ مهاڀارت ۾ ذڪر ڪيل آهي: پانڊو بنواسي ٿي پيا ڦرن. پنهنجو راڄ ڀاڳہ وڃايو اٿن. يڌشٽر جوئا ۾ پنهنجو راڄ ڀاڳہ سڀ هارائي ڇڏيو. ۽ هينئر هي پنج ئي ڀائر ۽ دروپدي، ڇهہ ئي جڻا ڪئن نہ بن ۾ پيا ڀٽڪن. ڪڏهن ڪٿ، ڪڏهن ڪٿ.

هڪ ڏينهن بن جي اُن حصي ۾ اَچن ٿا، جنهن حصي ۾ آهي هڪ عجيب رشيءَ جو آشرم. هن رشيءَ جو نالو روما رشي. روما رشيءَ جو سڄو سرير وارن سان ڀريل هوندو هو. خوش پيو ٿيندو هو. هن جي ڏاڙهي ايڏي هئي، جو سڄي بن ۾ اُهي وار پکڙجي ويندا هئا. وينو هوندو هو، پوءِ جئن نہ ڪنهن هنڌ غاليچو وڇائبو آهي، تئن هن جي ڏاڙهي جا وار سڄي بَن ۾ پکڙجي ويندا هئا. وڏو تپسوي هو. مهرشي هو. سندس ساڪہ ڪٿي ڪٿي وڃي پهتي هئي. ۽ هي پنج ئي پيارا ۽ دروپدي، ڇهہ ئي اِن بن مان اَچي لنگهن ٿا. يڌشٽر ۽ دروپدي اَڳيان پيا هلن. چار ڀائر پٺيان پيا اَچن. يڌشٽر ۽ دروپدي اَچي هڪ وڻ

روما رشيءَ جا وار چڪڻ لڳا. روما رشيءَ کي شڪ پيو. ڏنائين کهڙي پاسي ٿا وار چڪجن. ڇيائين اِهو تہ پاسو آهي، جتي منهنجو وڻ آهي. شايد ڪو مڙيئي آيو آهي، جو منهنجي وڻ مان ميوو ڇنڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. اِن ڪري اُتي ايڏي ڇرپر ٿي آهہ. هن کي جوش لڳي ويو. تپسوي رشي ٿيندا آهن. تن جو حڪم ڪڏهن نہ موٽائجي. اُنهن کي جوش جلدي اَچي ويندو آهي. ننڍي وڏي ڳالهہ تي سراپ ڏيئي ڇڏيندا آهن. اِنهيءَ ڪري ڪنهن بہ رشيءَ جي اڳيان وهو تہ تمام عزت سان وهو ۽ اُن جي حڪم ۾ هلو.

روما رشيءَ کي ڪاوڙ اَچي لڳي ٿي. جوش ۾ پرجي وڃي ٿو. چوي ٿو: مان هنن کي ڏسي وٺندس. اِهي پنهنجا وار اَهڙيءَ طرح پٽي ٿو، جئن جيڪي بہ اُتي اِهو ڪم ڪرڻ لاءِ آيا هوندا يعنيٰ ميوو ڇنڻ لاءِ، تن کي رَسيون ٻڌجي وڃن. هيڏي وڏي ڏاڙهي سندس comnand ۾ هئي.

هي جو وار ڇُرڻ لڳا ۽ هنن کي ٻَڌڻ لڳا. ويچاري دروپدي اَچي ڏٺي. ڇيائين: مون اَجايو ڌرمراج کي چيو تہ مون کي اِهو ميوو کپي. مون کي اَهڙو ميوو کپيئي ڪين. اَسين سڀ ٻڌجي ويندا سين. پنج ئي جڻا ٻڌا پيا هونداسين. اَسان جي اَلائي ڪهڙي حالت ٿيندي.

جڏهن دروپديءَ سان ڪورون جي دربار ۾ بڇڙي حالت ٿي هئي، تڏهن کان هن جو وشواس پنجن ئي پائرن

هي جو ميوو هيٺ ڪِريو، يڌشٽر يڪدم ٻوڙيو. چيائين: مان اِهو ميوو ڪٽِي ڪپي، جيڪر دروپديءَ کي ڪارايان. ڪٽڻ جي ڪوشش ڪيائين. اِهو ميوو ڪٽِي نہ سگهي. اِها ڪرامت روما رشيءَ جي هئي. ڪوبہ جيڪڏهن چنندو هو ميوو تہ ميوو اَهڙو ڳؤرو ٿِي ويندو هو، جو ڪٽِي نہ سگهي. يڌشٽر ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پگهر ڳاريائين، پر ڪٽِي ڪين سگهيو. دروپديءَ ڏنو تہ هي هڪ جڻو نٿو ڪٽِي سگهي، مان بہ ڪيس مدد ڪريان. ٻئي جڻا ميوي ڪٽڻ کي لڳا. ميوو وچي پاڻ وڏيڪ وڏيڪ ڀاري ٿيندو ميوو ڪٽِي نہ سگهن.

تنهن وچ ۾ اَرجن اَچي پهتو. اَرجن چيو: ڪهڙِي وڏِي ڳالهہ آهي. ميوو توهين نٿا زمين تان ڪٽِي سگهو، پري ٿيو، مان ٿو ڪٽان. هنن کي پري ڪري پاڻ ڪٽڻ جي ڪوشش ڪيائين. هن جي بہ حالت اِها. ويچاري جو ڪنڌ هيٺ ٿِي ويو. ايتري ۾ نڪل ۽ سهديو آيا. پوءِ تہ پنج ئي جڻا ميوي کي ڪٽڻ ۾ لڳِي ويا. پنج ئي جڻا نہ ڪٽِي سگهن. تنهن ڪانپوءِ پڇاڙيءَ ۾ ڀيم اَچي ٿو. ڀيم پنهنجي گرجنا ڪندو اَچي ٿو. چوي ٿو: اَڙي، هڪڙو ميوو توهين نٿا ڪٽِي سگهو. توهان جي طاقت ڪيڏانهن ويئِي؟ توهين بن ۾ آيا آهيو: توهان پنهنجي سڄِي شڪتي وڃائي ڇڏِي آهي. پري ٿيو، هٽِي وڃو. مان ٿو ڪٽان. ڀيم سان ساڳِي حالت. گهڻيئي زور ڏنائين، پر ميوو ڪٽِي نہ سگهي.

تنهن وچ ۾ ڇا ٿيو؟ هي جو هيڏِي هلچل اَچِي متِي،

...ين هڪ ڳالهہ ڪجو. توهين، جڏهن مان توهان کي چوان ٿو، ...ي ڪجو. ڇا بہ مان ڪريان، توهين سانت ۾ رهجو. ڪُڇجو ...مان هينئر وڃان ٿو روما رشيءَ جي آشرم ۾. توهين اُن ڪان ...ا منت پوءِ پاڻيهي اُتي اَچجو. پر مان جيڪي بہ ڪريان، ...هين ڪُڇجو اَصل نہ.

شري ڪرشن پهرين ويو روما رشيءَ جي آشرم ۾. روما ...ي تيستائين اُتي ڪڙو ٿيو هو. چيائين مان وڃي ڏسان ڪير ...ن، جن منهنجي ميوي سان هٿ ڇُراند ڪئي آهي. اَچا روما ...ي پنهنجي آشرم جي در تائين مس آيو، شري ڪرشن وڃي ...ي پهتو. ڪرشن کي ڏسي هن کي سڀ وسري ويو. اَڙي، ...هنجا محبوب! منهنجا پريتم! توکي مون ويني سڏيو: سالن ...ن پئي توکي سڏيو اَٿم: تون هينئر آيو آهين مون کي درشن ...ڻ. مان ٻلهار وڃان! مان قربان وڃان! مان تنهنجي لاءِ ڇا ٿو ...ري سگهان؟ مون کي جيڪو حڪم تون ڪرين، سو مان ...ريان! اِئين اَچا ويني هن سان ڳالهايائين، شري ڪرشن بہ ...ٽس ويني ڳالهايو. ايتري ۾ پنج پانڊو ۽ دروپدي، ڇهہ ئي ...ٽا اَچي آشرم وٽ پهتا. شري ڪرشن کين ڏٺو. روما رشيءَ بہ ...ن ڏٺو. شري ڪرشن ويو: سانت ئي سانت ۾ وڃي اِنهن پنجن ...ي ڄڻن کي پيري پيو. هنن کي ڏاڍي مونجهہ ...(embarrassmen...) ٿي. پر يادگيري پين تہ ڪرشن چيو هو تہ ...ن ڇا بہ ڪريان، توهين سانت ۾ رهندا. ڪجهہ ڪڇجو نہ.

مان نڪري ويو. پنجن ئي ڪي هن وينتي ڪئي تہ مون کي بچايو: پر هنن جو ڪنڌ هيٺ. تڏهن ڪان چيائين: هي منهنجي ڪم جا ناهن. تڏهن سبق سکي تہ هڪ ئي آهي جو منهنجي مدد ڪري سگهي ٿو. ”تم بِن ميري ڪؤن خبر لي، گووَرڌن گرڌاري!“ اِها پڪار وري سندس دل منجهان نڪري ٿي. گوورڌن گرڌاري کي تہ رڳو سڏڻ جي ويرم آهي. اُهو تہ تيار وينو آهي، پنهنجن ڀڳتن جي اَچي سنڀال لهي ٿو. يڪدم آيو. اَچي اَڳيان بيٺو. دروپديءَ کي پنهنجي ڌرم جي ڀيڻ ڪيو هئائين. دروپديءَ کي چيائين: ”منهنجي ڀيڻ! تون چئہ، مان تنهنجي ڪهڙي شيوا ڪري سگهان ٿو؟ تون ڪهڙي ڪشت ۾ آهين؟ توکي ڪهڙي تڪليف آهي؟“ تڏهن دروپدي سڄو ذڪر ڪري ڪيس ٻڌائي ٿي. ڪرشن چيس: هيءَ تہ ڏاڍي ڏکي ڳالهہ توهان مون کي ڏسي آهي، چو تہ روما رشي منهنجو ڏاڍو وڏو ڀڳت آهي، مهرشي آهي، وڏو تپسوي آهي. هن جي ڳالهہ کي مان ريٽي ڪين سگهندس. اِهو تہ تنهنجي لاءِ ڏاڍو مشڪل ٿيندو. پر دروپديءَ چيس: وري تہ هوُ تنهنجو ڀڳت آهي. مان تنهنجي ڀيڻ آهيان. منهنجو توتي وڌيڪ حق لڳي. ڪئن بہ تون اَسان کي هن حالت مان بچاءِ! تون نہ بچائيندين تہ ٻيو ڪير اَسان کي بچائيندو؟ ”تم بن ميرِي ڪؤن خبر لي، گووَرڌن گرڌاري!“

ڪرشن ٿورا سيڪنڊ سوچ ڪيو. چيائين: چڱو هاڻ

نن کي ٻُکہ ڪين لڳي. ڪين ڪاڻ جي ضرورت ئي ڪين ٿي.

عجب رنگہ تيرا، عجيبن جا اِسرار!

نہ ڇڏجانءِ چوريءَ کي، لهجانءِ سنيار!

مان چورِي آهيان: تو وٽ آئِي آهيان. منهنجِي ٿپ ٿپ ني، قدم قدم تي، منهنجا محبوب! منهنجِي سنڀال تون لهندو ڪجانءِ!

آهيان آنءُ مُورکہ، ڀُلون بيشمار:

آهيون تہ اَسين سڀ مُورکہ نہ. پيارو دادا چوندو هو: مُورکہ اکر جي معنيٰ آهي مون رکہ. مون کي رکِي ونجانءِ! مان مورکہ آهيان، مان پاڻ کي رکي ڪونہ سگهندس. تون مون کي رکِي ونجانءِ!

آهيان آنءُ مورکہ، ڀُلون بيشمار:

پر آهيان آنءُ تنهنجِي، سَتر ڪر سَتار!

ڏکج ڏکڻهار،

ڏيئي پاند پناه جو!

روما رشيءَ جو ڏنو شرِي ڪرشن پاڻ هنن کي پيري پيو پوي. هي ٿنهي لوڪن جو ناٿ، ڀڳوان پاڻ پيري پيو پوي، سو هي روما رشيءِ پاڻ ساشٽانگه پرنام ڪرڻ لڳو. ڏاڙهيءَ تي ئي سمهي پيو. هن روما رشيءَ کي تيتري ۾ سڀ وسري ويو ته هي ڇا جي لاءِ اُٿيو هو. جوش هوس ته جن هي ميوو کنيو آهي، مان وچي تن کي سزا ڏيان. هن کي اِها ڳالهه وسري ويئي.

پوءِ شرِي ڪرشن روما رشيءَ کي هنن جي واقفيت ڏني. ڇيائين ته هي وڏو اَتيئي ڌرمراج. هڪ هڪ لاءِ ڪيس ٻڌايائين. پوءِ شرِي ڪرشن روما رشيءَ کي چيو ته هنن جي دل ۾ تي ته اِهو تنهنجو ميوو جيڪر کائين ۽ هينئر هوُ اَهڙي اَوستا مان لنگهي رهيا آهن، جو جيڪڏهن ميوو کائيندا، هنن کي ڪيترائي سال ٻُکه ئي ڪونه لڳندي. هوُ ڏاڍي آنند ۾ هوندا. هنن کي اَڃا ڪيترا سال بنواس ڀوڳڻو آهي. جي هنن کي بکه نه لڳي ته هي هميشه آنند ئي آنند ۾ هوندا.

تڏهن روما رشيءَ چيو ته هڪ ميوو ڇو، سڄو وڻ پاڻ سان کڻي وڃو. هي آيا بن ۾، هنن جي صدقي مون کي تنهنجو درشن مليو، منهنجا ڀڳوان! منهنجا پريو! هنن کي جيڪي کپي، ڀل کڻن. مان ته هنن جو غلام آهيان.

پريو اَسان جي ڀُلن مان ڀَلايون ڪري ٿو ڇڏي. دروپديءَ جي ڀُل تي، ڌرمراج جي ڀُل تي، پر ڇو ته پريوءَ جو هٿ مٿن هو، ڀُل مان ڀَلائي ٿي پيئي. پوءِ چون ٿا، ڪيترا سال

نهنجي پياري ڪي،- سندس نالو اوڌؤ،- اوڌؤ سياڳو، ڪرشن
جي چرنن ڪان پري نہ ٿيڻ چاهيندو هو. جيڪو وقت ڪيس
ملندو هو، چوندو هو، مان وڃي شري ڪرشن جي چرنن ۾
گذاريان. سڀ ڪڇ وساري، سنسار وساري، پنهنجا مِٽ مائٽ
وساري، پنهنجا ڏنڌا ڌاريون وساري، پنهنجا ڪم ڪاريون
وساري چوندو هو: منهنجو ڪم ڪار، منهنجو ڌنڌو وهنوار تہ
آهي تہ مان پنهنجي محبوب جي سامهون وينو هُجان. اَچي
وهندو هو ڪرشن جي ڪمل قدمن ۾. ڪرشن جي ڪمل مُکڙي
ڏي پيو نهاريندو هو. ڪرشن جي ڪمل مکڙي مان لهرون پيبون
اِينديون هيون، پيو پيئندو هو. ڪيس سنسار جي سُڌ بُڌ ڪين
هوندي هُئي. نہ ڪا ڪيس پياس تہ مونکي ڪا سُڌ بُڌ هُجي.

منهنجا پيارا! پوءِ جئن مون توهان کي چيو، سال گذري
ويا، جڏهن ڪرشن پنهنجي پياري اوڌؤ کي چوي ٿو: ”اوڌؤ
منهنجا پيارا! هينئر وقت پرجي آيو آهي“. ”ڇا جو وقت،
منهنجا سائين؟“ ”هينئر وقت پرجي آيو آهي، جڏهن هِن
پرٿويءَ کان مان موڪلايان. منهنجو ڪم اَچي پوُري ٿيڻ تي
پهتو آهي. جنهن ڪرتويہ لاءِ مان هِت آيس، ڇو تہ اِهو منهنجو
اَنجام آهي.

”يدا يدا هي ڌرمسيہ
گِلا نر ڀَوَتي ڀارت!
سمڀوامي ڀُڳي ڀُڳي!“

(١١)

سياڳو اوڌوُ

شريِ ڪرشن جيِ موڪلاڻيِ

گرديو ساڌوُ واسواڻيءَ جو اُپديش پئي ٻُڌم، منهنجي اَکيان هڪ تصوير اَچيِ بيٺيِ. ڪنهن جيِ تصوير؟ اُن جيِ، جو پنج هزار ورهيہ اڳہ آيو. پنج هزار ورهيہ اڳہ پيارو آيو، اَسان جو پريو پاڻ ڀرٿويءَ تي پڌاريو. پاڻ تي شريِ ڪرشن جو نام ڌريائين. پاڻ سان ستيہ لوڪ جيِ سونهن کڻيِ آيو، ويس وَسنتي پهري آيو. مُرليءَ جو راڳہ کڻيِ آيو بنسريءَ جو جادوُ کڻيِ آيو، اَچيِ پنهنجوُن ليلائون ڪيليائين. ليلاڌار جت ويو، اِت وڃيِ ليلائيون ڪيلپائين. گوڪل ۾، برندابن ۾، مٿرا ۾، رشي سنديپنيءَ جي آشرم ۾، ڪُروُڪيتر جي جنگہ ميدان تي، دوارڪا ۾، پرڀاسا ۾، جت ويو، اِت پنهنجون ليلائون ڪيليائين. ڪيترين دلين کي ڇڪيائين. سندس ڳالهائڻ ۾ جادوُ هو. نهار ۾ ڪشش هئيِ. ڪيترن کي ڇڪيائين.

سال گذريِ ويا، نيٺ وقت آيو، جڏهن ڪرشن چوي تو

ڪرشن پيار پريل اَکين سان پنهنجي پياري ڀڳت ڏي
اري ٿو. چويس ٿو: ”اوُڌوُ! توکي ڇا کپي؟ تون ڇا ٿو گُهرڻ
اهين؟“

تڏهن اوُڌوُ چوي ٿو: ”مان فقط هيءُ گُهرڻ چاهيان ٿو تہ
ون جنهن وقت وڃين، جنهن وقت هيءَ پرٿويِ ڇڏين، مونکي
ہ پاڻ سان وٺِي هَلُ. مان توکان سواءِ رهِي ڪين سگهندس. مان
ڪ پل توکان پري نہ ٿو جِي سگهان. ڪرشن! تو مونتي اِها ڪرپا
ڪئي آهي. مون ۾ ڪا اِها لائقِي ڪين آهي، تو مون کي سچو
وقت پاڻ سان وِهڻ جي موڪل ڏنِي آهي. جنهن وقت تون اَڪيلو
هڻ چاهين ٿو، مان وچِي چائنٽ تي وِهندو آهيان. تنهنجي
ڪمري جي ٻاهر چائنٽ تي وِهندو آهيان تہ اِجهو ٿو ڪمرو کُلي،
جهو ٿو مونکي محبوُب جو درشن مِلي. مان توکان سواءِ ڪئن رهِي
سگهندس؟ مان هڪ پل بہ توکان سواءِ جِي سگهندس ڪين. مونکي
پاڻ سان وٺِي هَلُ.“

تڏهن ڪرشن کيس چوي ٿو: ”اوُڌوُ! هِڪُ هِڪُ پاڻ سان
پنهنجِي زندگِي کٽِي اَچِي ٿو. توکي اَجا هِت پرٿويءَ تي رهڻو
اهي، ڇو تہ توکي خِاص ڪرتويہ ڪرڻو آهي، جنهن ڪرتويہ لاءِ
مان توکي هِت ڇڏي وڃان ٿو، اُهو ڪرتويہ تون پوُرو ڪندين ۽
وقت ايندو، جڏهن توکي هيءُ سرير ڇڏڻو پوندو . پوءِ توُن مون
وت ايندين، هميشه لاءِ تون مون ۾ سمائجِي ويندين. پر هينئر
هفتي کان پوءِ مان وڃان ٿو، اُن وقت توُن مونسان هلِي سگهندين

''تئي ڌرم هاڃي، وڌي پاپ سنسار،
تڏهن ضروري وٺان آنءُ اَوتار!
ڀڳتن اُڌارڻ، پاپن نِوارڻ، آنءُ رنگ رچان،
ڌرم رکيا ڪارڻ، آنءُ ڀڳ ڀڳ اَچان!''

مان ڀڳ ڀڳ ۾ اَچان ٿو ۽ هينئر ترينا ڀڳ اَچي پوُرو ٿيو آهي. ڪَلجُڳ شروع ٿئي ٿو. مان پنهنجو اَنجام پاڙڻ لاءِ هِتِ آيس. جنهن ڪرتويہ پالڻ لاءِ هِتِ آيس، هينئر ڪرتويہ اَچي پوُرو ٿيو آهي. باقي هِڪُ هفتو مان هِتِ هِن پرٿويءَ تي هوندس. هفتي کان پوءِ مان هيءَ پرٿوي ڇڏيندس.

اُڌوُ ٻُڌي ٿو. Udhav gets the shock of his life اُڌوُ سمجهو مان پنهنجي پريتم، پنهنجي محبوُب سان هوندس هميشه! هوندا مونسان هميشه! هيءُ ڇا پيو مان هِتِ ٻُڌان؟ هن جي اکين اڳيان ڪارنهن اَچِي وڃي ٿِي. ڪڏهن اِئين ٿيندو آهي نہ، ڪا خبر ٻُڌبي آهي. اکين اڳيان ڪارنهن اَچِي ويندِي آهي. اُڌوُ اَڳيان اوْدهہ اَچِي وڃي ٿِي. سندس اَڳيان هڪ ڪرسي رکِي آهي، اُن ڪرسيءَ کي پڪڙي ٿو، نہ تہ هيٺ ڪِري پوي ها. ڪرشن کي چوي ٿو: اِئين ڪئن ٿيندو، مان تو کان سواءِ ڪئن رهِي سگهندس؟ تون جي وڃين ٿو تہ مون تو کان ڪڏهن ڪُڇ گُهريو ڪين آهي. تو مون کي سڀ ڪجهه ڏنو آهي. مون کي گهرڻ ضرورت ئي نہ پيئي آهي. اِن ڪري مون تو کان ڪڏهن گُهريو ڪِين آهي. اَڄ مان تو کان گُهرِي وٺان ٿو.

اِنسان، تن مان پريوءَ ويھِي توھان کي چوُنديو آھي ۽ اَسين کھڙين
ڳالھين پٺيان پيا اُھو جنم ڦٽو ڪريون
ھن We do not realize the worth of this human body.
اِنساني جنم واسطي اَسان کي ٻڌايو ويو آھي ديوتائون ديو لوڪ ۾
منتظر آھن، اُھو اِنساني جنم اَسان مان ھِڪَ ھِڪَ کي ڏنو اَٿس، پر
اَسين کھڙين ڳالھين پُٺيان پيا ڦٽو ڪريون. ٿوري سواد خاطر،
ٿوري مزي خاطر اَسين وينا پاڻ کي وڪٹون. اِھو فقط ھڪ ويچار
اَسان کي اچي وڃي، اُھو ھِڪُ ويچار اَسين پاڻ سان ڪٹِي وڃون،
اَسان جو ھت اَچڻ سڦل ٿئي. ھيءُ سونو وجھہ اَسان کي پياري پريوءَ
ڏنو آھي. پر اَسان اَچِي ڦٽو ڪيو آھي کھڙين ڳالھين جي پٺيان،
گروُجن چون تا نہ: ”رتن تياڳہ ڪوڙي سنگہ رچيُ!“ اَڙي، توکي
ھيرو مليو، اُھو ھيرو توُن ڦٽو ڪري ڪوڏيون پيون ڪنيون ڪرين؟
تنھنجي کھڙِي حالت اَچِي ٿِي آھي؟

شرِي ڪرشن پنھنجي پياري کي چوي ٿو: ”اَچ مان توکي
ٻُڌايان، توکي سمجھايان تہ مايا ڇا ٿيندي آھي، جئن تون مايا
تي جيت پائي سگھين.“

پرڀ ڪرپا تي ٻنڌن توٽيُ! پريوءَ جي ڪرپا سان ٻنڌن
ٽُٽن ٿا. پريوءُ جي ڪرپا سان اَسين مايا تي جيت پائي سگھون ٿا.
اِھا مايا ڇا آھي؟

منھنجا پيارا! نہ وسارجو تہ مانکہ جنم جو سونو وجھہ مليو
آھي. اَسان پروڙ ڪين پاتي آھي، اَسان ھِن جنم جو قدر ڪين

ڪين. اُن وقت مان اَڪيلو ويندس. اُن وقت مان هوندس بہ اَڪيلو ۽ ويندس بہ اَڪيلو. مان وچي هڪ وڻ هيٺ وِهندس. ۽ اُن وڻ هيٺ مان اُت پنهنجو سرير ڇڏيندس. تون اُن وقت مونسان ڪين هوندين. توکي هِت رهڻو آهي. توکي ڪو خاص ڪرتويہ ڪرڻو آهي.

تڏهن اُوڌؤ پُڇيو ته: ”مان ڪئن رهي سگندس؟“ ۽ ڪرشن اُوڌؤ کي چيو ته: اُوڌؤ! هي ۽ مانکہ جنم توکي اِن واسطي مليو تہ تون وڃي اُن پرم منزل کي پراپت ڪرين. تو اَڃا اُها پرم منزل پراپت ڪئي ڪين آهي، اِن ڪري مان توکي ڇڏي وڃان ٿو. اِها پرم منزل توکي پراپت ٿيندي. پوءِ گهڻو لڳندو ۽ تُون اَچي مونسان ملندين.

۽ شري ڪرشن وڏيڪ پنهنجي پياري کي ڇا ٿو چوي؟ چويس ٿو: ”پرم منزل پراپت ڪرڻ واسطي توکي مايا تي جيت پاڻيئي پوندي، اِن ڪري اَڄ اَڄ تہ مان توکي ٻُڌايان، مايا ڇا آهي؟ جئن تُون اُن مايا کي جيتي سگهين. جئن تُون اُن مايا تي جيت پائيندين، تڏهن تُون اُن پرم منزل کي پراپت ڪندين، جنهن پرم منزل پراپت ڪرڻ واسطي توکي هي ۽ مانکہ جنم مليو آهي.

منهنجا پيارا! اَسان مان هِڪ هِڪ کي اُن پرم منزل تي پهچڻو آهي. اَسان کي ويهي چوندبو اَٿائين. سڄي دنيا ۾ چون ٿا، 6 Billions آهن، جن کي اِنساني چولو آهي جيوَ اَلائي ڪيترا آهن، Billions upon Billions upon Billions, تِن مان فقط 6Billions

سچاتو آهي: ويسر ۾ وقت وڃايو اٿئون، هٿ ڇا ڪيو اٿئون؟ ڪي ڪين! گرديو ساڌوُ واسواڻيءَ چيو تہ اَسان پنهنجون جهوليون ويهي پٿرن سان، پترن سان، ٺڳڙين سان ڀريون آهن.
That is all that we have gathered. منهنجا پيارا! هيءُ جنم تہ اَسان کي اِن واسطي مليو تہ اَسين پرم گت کي هلي پراپت ڪريون گيتا اُن کي ڪوٺي ٿي پرم گتن.

This human birth is a door to the Supreme State

اُت هلي پهچڻو آهي ۽ اُن کي پراپت ڪرڻ واسطي مايا کي جيتڻو آهي. مايا کي جيتڻ ڏاڍو مشڪل آهي، اِن ڪري مايا کان بچڻ واسطي اَسين پرار ٿنا ڪندا آهيون: پريوُ! اَسان کي مايا کان بچاءِ!

ڪين گُهران مان ٻيو ڪڇ، پريتم!

ڏنو مونکي تو سڀ ڪڇ آهہ:

منگتو ڀنڊاري، منگان اِڪ دان،

مايا کان توُن مونکي بچاءِ!

مايا کان اَسان کي بچاءِ. مايا اَهڙا ويس ڪري ٿي، اَسان جي سُڌ ٻُڌ ڇَٽ ٿي وڃي ٿي. مايا جا خاص ڪري ٽي روُپ آهن. جنهن بہ روُپ ۾ اچي ٿي، اَسان جي سُڌ ٻُڌ کسيو وڃي. جيترو نہ توهين سانت ۾ گذاريندا، توهين اندر وڃڻ جي ڪوشش ڪندا، مايا اَثر ڪندي ڪين. مايا پڪڙي سگهندي ڪين.

R.N.I.MAHSIN/2001/6085 PNCE/172/2009- 20

آرتي

(دادا جشن)

ـوش ڦهري آئين پران پَتي،
ـديون پهاڙا ڪَن آرتي!
ـوائن ۾ پيا وَڻ جهوُلين،
ـسج چنڊ تارا پيا ٻولين!

اوم جيه جيه جڳديِش هري!
اوم جيه جيه جڳديِش هري!

ـجت نِهاريان تنهنجو اَحسان،
ـهر وَسي پيئي هَرِ مڪان!
ـهرن جو اِڪ لال تون،
ـاشقن جو خيال تون!

اوم جيه جيه جڳديِش هري!
اوم جيه جيه جڳديِش هري!

ـندر ٻاهر توُن وَسين،
ـڪ هِڪ ۾ پيو پاڻ پَسين!
ـوُريءَ جو تون آهين نوُر،
ـنجليءَ کان نہ تيءُ تون دوُر!

اوم جيه جيه جڳديِش هري!
اوم جيه جيه جڳديِش هري!